سُکي ۽ سارٿِڪ

وِواهِت جيوَن

ڪنل

ليکڪ جي جيوني

پرنسيپال ٽي. وي. ڪيل، هن ڪتاب جي ليکڪ جو جنم ١٣ اپريل ١٨٨٣ع ۾ وساکيءَ جي ڏينهن شڪارپور سنڌ (جا ان وقت بمبئيءَ کاتي سان لڳل هئي) ۾ ٿيو. هن صاحب ١٩٠٠ع ۾ مئٽرڪ ۽ ١٩٠٣ع ۾ ٻڙودا ڪاليج ٻڙودا مان بمبئي يونيورسٽيءَ جي بي. اي ۽ ١٩٠٧ع ۾ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ مان ايم. اي (فلاسافي) ۽ ايل ايل. بي. پاس ڪئي.

شروع کان ئي سندس من سماج سيوا ۽ چرتر نرماڻ طرف ڪافي مائل هو. هن پنجاب ۾ ان وقت هلندڙ ديو سماج سان ناتو جوڙيو، جا چرتر نرماڻ لاءِ لاثاني لهر هئي. هن سماج جو مکيه آدرش دلين ۾ اوچ تبديلي آڻڻ هو. هو ان هلچل ۾ تن من سان سماج سيوا ڪري آهيءَ سماج جي مکيه ڪرمچارين مان هڪ ليکجڻ ۾ آيو.

١٩٢١ع ۾ هن ديو سماج طرفان زالن جو ڪاليج کولڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. هو ديو سماج ڪاليج فار وومين، فيروزپور (پنجاب) جو پرنسيپال ٿيو. هن ڪاليج ٿوري ئي وقت ۾ ڪافي اُنتي ڪئي ۽ ان ۾ ايم. اي تائين ڪلاس چالو ڪيا ويا ۽ تمام سٺن ڪاليجن مان هڪ ڪاليج شمار ٿيڻ لڳو. هن ڪاليج ۾ پرنسيپال ڪيل فلاسافي ۽ من وديا جي سيکارڻ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ رکيو هو. ان عهدي تي سرفراز هجڻ ڪارڻ سندس ڪيترن ئي ماڻهن سان لهه وچڙ ٿيڻ لڳي. سوين ماڻهو وٽس پنهنجي گهرو مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ صلاح وٺڻ ايندا هئا. هن ڪيترن وواهت جوڙن جا نفاق مٽائي ۽ دکي جوڙن جي دکيه جيون کي سڌاري، انهن ٻارن لاءِ سکيه گهر ٺاهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. هن ڪيترا گهر برباد ٿيڻ کان بچائي ورتا ۽ ڪيترن ۾ آدرش جيون رهڻ جو شوق پيدا ڪيو.

سُکي ۽ سارٿڪ وواهت جيوَنُ

ليکڪ:
پرنسيپل پي. وي. ڪنل،
ايم. اي.، ايل ايل. بي (بمبئي)
ديو سماج ڪاليج فار وُومن،
فيروزپور سٽي (پنجاب).

سنڌيڪار:-
جي. پي. ڀاٽيا "جڳ"
ايم. اي.، بي. ايڊ.

ديو سماج، چنڊيگڙھ
پنجاب (انڊيا).

هي ڪتاب

پرلوڪ واسي

شريمتي سرسوتي ديوي ڪنل

جي پوتر يادگيريءَ ۾ اَرپڻ ڪيو وڃي ٿو

جنهن ليکڪ سان

آدرشي ۽ اُتساهي جيوَن وتيت ڪيو .

SUKHI AIN SARTHIK VIVAHIT JIWAN

Sindhi Translation of : *Mental Equipment for Married Life*

By Principal Parasram Verhomal Kanal

First Edition in Sindhi : 1963

Reprinted : 1965, 1973, 1979, 1992

Publisher :

Prof S.P. Kanal

Dev Samaj, Sector 36 B, Chandigarh.

Processing :

Bhanoo Process, Paharganj, Delhi.

Printed at : Pearl Offset Press, New Delhi - 110015

Available from :

1. Hindustan Kitab Ghar, 19-21, Hamam Street, Fort, Bombay.
2. L. Kishan Chand & Sons, Japani Bazar, Ulhasnagar-2
3. Shri Ramchand E-177, Gopalpuri, (Kutch)
4. Dr. P.B. Gawalani, 718/4, Hospital Area, Ulhasnagar-3
5. Shri Jagdish, Book Sellers, Japani Bazar, Ulhasnagar-4
6. Sattvic Sahitya Kendra, 570, Double Storey, New Rajendranagar, New Delhi-60.

مهاڳ

سماج جي هر ڪنهن ۾ تبديلي ايندي وڃي ٿي ۽ ماڻهو سماج جي نيم بدل رهت کي ڇڏي آزاد رهڻ طرف مائل ٿيندا وڃن ٿا. وواهت جيون بہ اُن تبديليءَ جي اثر کان آجو نہ آهي. اڄ جا جوان شادي ڪرڻ خواہ وواهت جيون جي راهہ ۾ پنهنجي پسند ۽ آزاد خيال کان ڪم وٺن ٿا. ڏينهون ڏينهن قانون طور بہ طلاق ڏيڻ جون سهوليتون وڌنديون وڃن ٿيون. اهو سڀ ڏيکاري ٿو تہ سماج ڪيئن نہ پنهنجو آئيندہ آزاد نوجوانن جي فيصلن تي ڇڏيندي ٿي وڃي.

تبديليءَ جو وقت نوجوانن لاءِ الڳ ٿيندو آهي. اهڙي وقت ۾ نوجوان اُن ۾ وڏائي سمجهندا آهن تہ هو سڀ قديمي ڳالهين کي بنا سوچڻ سمجهڻ جي اڃ سمجهن ۽ هر نئين شيءِ کي بنا سوچي ٺيڪ سمجهي قبول ڪن. پر مغربي ديشن جو اهو تلخ تجربو آهي تہ ڪيئن نہ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو نئين آزاديءَ ڪري وواهت جيون ڪتي ٻليءَ وارو وڙهہ وڙهُ جيون ٿي پيو آهي.

هندستان ۾ بہ اَڄ تبديليءَ جو وقت آهي. پراڻا سماجڪ قانون، دستور ۽ رواج ٽٽي رهيا آهن. اَڄ سماج جي نوجوانن تي پراڻو سماجڪ دٻاءُ ڪونهي. اُن ڪري ضرورت هئي تہ نوجوانن کي اَهڙي شڪشا جا نيم ٻڌائڻ وارو ۽ اُنهن نيمن کي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ وارو ڪوئي اَڳوان ملي جيئن هيءَ نوجوان پنهنجا هڪ ٻئي سان سنٻنڌ سٺا ۽ رسيلا بڻائي سگهن. اُهو اَڳوان شري ستيانند اَگني هوتري آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جو اهو آدرش ٻڌايو تہ هو سماجڪ سنٻنڌن جي نيمن جي کوج ڪري اُنهن کي زندگيءَ سان لاڳو ڪرائڻ

ا

شڪرگذاري

ڪجھ سال اڳ، ھڪ پيرسن استري، جا منھنجي ڪمري ڏانھن ڪان واقف ھئي، مون کي نياپو موڪليو تہ جڏھن مان والدو ھجان تہ وٽس وڃان. کيس پنھنجي شخصي مسئلن ۾ منھنجي صلاح ۽ مدد جي ضرورت ھئي. شام جو مان جڏھن وٽس پھتس تہ ھوءَ پنھنجي ڪمري ۾ ويٺي ھئي ۽ نھايت ھمٿ ٽٽي لڳي. مون کي ڏسي چيائين "اوھان سان ھڪ ڳالھہ ڪرڻي آھي. اميد تہ اوھين مون کي ضرور مدد ڪندا." مون ورائيو "منھنجي لاءِ اھا خوشيءَ جي ڳالھہ آھي. مان تہ ڀاڳ سڀاڳو سمجھندس جيڪڏھن اوھانجي ڪا سيوا ڪري سگھان." ۽ کيس چيم تہ "ڪنھن بہ حجاب بنا پنھنجي دل جي ڳالھہ مون کي کولي ٻڌاءِ." اُن پيرسن استريءَ چيو، "منھنجي ڌيءَ کي چئو تہ ھو روٽي گھر ۾ کائي." اھو ٻڌي مان حيران ٿي وٽس ۽ پڇيومانس "ڇو ھو اوھان سان ڪاوڙيل آھي ڇا؟"

جواب ۾ ھن چيو: "نہ. ھنجي سڀاءَ جي تہ اوھانکي خبر آھي تہ ھو ڪيتري قدر مون تي مھربان آھي. ھميشہ ھو روٽي گھر کين کائيندو آھي ڇاڪاڻ جو مان ھميشہ پوڙھي ٿي ويٺي آھيان ۽ ھو چاھي ٿو تہ روٽي پچائڻ جو بار منھنجي مٿان نہ وجھي."

"پر سندس اھو خيال تہ نھايت تعريف جوڳو آھي. انھيءَ ۾ توھانکي ڪھڙو اعتراض ھئڻ گھرجي؟"

اھو ٻڌندي ئي سندس نيڻن ۾ نير ڀرجي آيو ۽ رڙھارڪي ٿي چيائين "شريمان جي! پنجاھ سال اڳ منھنجي مائٽن مون کي شادي ڪرائي منھنجي ٻانھن کيس سونپي. انھيءَ ڏينھن کان وٺي سڄا سارا پنجاھ سال ھو نہ فقط مون سان نھايت قرب ۽ مھربانيءَ سان ھليو آھي بلڪ منھنجي جيون جو سھارو ٿي رھيو آھي. سندس اڄھي ھمت مان پنھنجي زندگي نھايت

نمبر	وشيه	صفحو
۱۸.	پورڙائي	۹۹
۱۹.	استري پرش جو ناجائز رشتو	۱۰۵
۲۰.	اُسنتوش	۱۱۲
۲۱.	ڪوڙي ساراهه	۱۱۸
۲۲.	مان ڪڏهن به پنهنجو گهر برباد نه ڪندس	۱۲۴
۲۳.	مان پنهنجو ڏوهه ڀاسڻ يا ان لاءِ معافي وٺڻ کان نه هٻڪندس	۱۳۱
۲۴.	مان هميشه گڻ گراهڪ ٿي رهندس	۱۳۵
۲۵.	مان پنهنجي ساٿيءَ جي ڪم جي ساراهه ڪرڻ کان نه هٻڪندس	۱۴۱
۲۶.	مان پنهنجي ساٿيءَ جي هميشه عزت ڪرڻ کان نه هٻڪندس	۱۴۷
۲۷.	مان پنهنجي جيون ساٿيءَ جي ٻين سان ڀيٽ نه ڪندس	۱۵۲
۲۸.	مان ڪڏهن به سڪ پريم ڏيکارڻ کان نه هٻڪندس	۱۵۸
۲۹.	مان ڪڏهن به ڪڏهون [illegible] نه پرائيندس	۱۶۳

ڏيهن لئي ته ڪلاڪ سنڌس لاءِ ٻارن کي والدو رکان جو ڪمس ڪيهن نازڪ گهرو معاملي ۾ مڊهنجي صلاح جي ضرورت هُئي.

هوءَ جڏهن مون وٽ ويٺي ته هن پنهنجي جيون جي سموري ڪهاڻي ٻڌائي، جنهن ٻڌان مون کي ته فقط حيراني لڳي ۽ دک به ٿيو. چيائين ته ”اسان ٻنهي ڄڻين جي شاديءَ کي ٢٥ سال ٿيا آهن ۽ انهن ٢٥ سالن مان ٢٣ سال اسانجي جيون ڪُسجي رهي آهي. سماج ۾ ته ٻاهران ائين ڏيکاري ڏيون ٿا ته اسانجو هڪ ٻئي سان ڪافي ميل ميلاپ آهي. پر گهر ۾ اسين هڪ ٻئي سان هڪ گهڙي به سڪ پيار سان ڪين ٿا هلون. وڌيڪ گفتگو هيءَ ٿي:-

”ڇا اوهين اهي ٢٥ سال هڪ ئي گهر ۾ گڏ رهيا آهيو ۽ ساڳيءَ ميز تي روٽي کاڌي اٿوَ؟“

هائو. اسين ٻئي اهي ٢٥ سال ساڳئي گهر ۾ رهيا آهيون ۽ ڇگي سنڌر سنتان به اُپن ڪئي اٿون. شادي مراديءَ تي به گڏجي ويندا آهيون خواهه ڪڏاهن اچڻو وڃڻو پوي ته به گڏ ئي ويندا آهيون. جيتري قدر ٿي سگهيو آهي اسان سماج کي اهو پتو پوڻ نه ڏنو آهي ته اسين گهر ۾ هڪ ٻئي سان ڪيتي ٻليءَ وانگر وڙهندا ٿا رهون.“

”ڇا اهو نمونو پنهنجي ٻڙڪرن اڳيان به رکي سگهيا آهيو؟“

”ٻڙڪرن ۾ ته ڪي جهونا آهن. انهن کي ته اسانجي حال جي سموري خبر آهي. پر اها ڄاڻ اُٿم ته هو ڪڏهن به ڪنهن سان ان ٻاري ۾ ڪا ڳالهه ٻولهه ڪين ڪندا آهن.“

”آخر اوهانجي ناسازيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“

”ناسازيءَ جو ڪارڻ فقط ٻار آهن جن جو جيتوڻيڪ اُن ۾ ڪو به هٿ نه آهي.“

”اها ٻولي کولي ٻڌاءِ.“

”اسين ٻئي پنهنجي ٻارن کي گهڻو پيار ٿا ڪريون. پر الهنڪي ڪهڙي نمولي ۽ ڪهڙي تعليم ڏيون، انهيءَ ۾ تڪرار

آرام سان گذاري سگهي آهيان. ڇا اهو مون لاءِ مناسب آهي ته ٻيءَ ڀر سندس لاءِ به روٽيون به نه پچايان؟"

هن پيرسن عورت جا اهي اکر ٻڌي منهنجو من ڀرجي آيو. مونجهس جو شڪرگذاريءَ جو گڻ هو اُن منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو. مان هڪدم پيرمرد وٽ ويس ۽ کيس سندس ڌرمپتنيءَ جي ڀاونائن کان واقف ڪيم. پيرمرد جواب ڏنو "شريمان جي! سندس اهڙن اُوچ ڀاونائن لاءِ مان نهايت شڪرگذار آهيان. مان چاهيان ٿو ته ڪو نوڪر رکان جو اسان ٻنهي جي روٽي ڪري. پر مان جڏهن نوڪر رکي ٿو سگهان ته مون لاءِ اهو مناسب نه آهي ته مٿس بار وجهان ۽ ٻنهجي روٽي ڪرڻ جو ڪم ڪانئس وٺان. کيس ڪم پر گهڻو ڏسي سهي ڪين سگهندس، نڪي شانتيءَ سان روٽي کائي سگهندس." تنهن تي کيس عرض ڪيم ته هو ٻنهجي پتنيءَ سان گڏجي ۽ کيس ڪجهه دلداري ڏئي.

جنهن گهر ۾ اهڙو وهنوار آهي جو پتي پتني هڪ ٻئي سان شڪرگذاريءَ سان هلن ٿا، اُتي ڇا ڪڏهن به ڪلڪل اچي سگهي ٿي؟ هو ڪڏهن به سوارٿ وس ٿي هڪ ٻئي جي گلا ڪين ڪن. اهڙو شڪرگذاريءَ جو ڀاءُ رکڻ وارا ماءُ پيءُ ٻارن لاءِ هڪ ٻئي ۾ وشواس، سيوا ۽ تياڳ جو واتاورڻ پيدا ڪن ٿا. اهڙا سريشٽ ماءُ پيءُ نيڪ ڪٽنب ٿا ٺاهين ۽ نيڪ ڪٽنب وري نيڪ سماج قائم ٿا ڪن.

جتي شڪرگذاريءَ جو وهنوار، پريوار ۾ وشواس، وفاداري ۽ پريم پيدا ٿو ڪري اُتي ناشڪرگذاري پريوار کي دکي ۽ نرڪ جهڙو ڪري ٿي

هڪ ڏينهن هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ شاهوڪار گهراڻي جي عورت جا هڪ چڱي عهديدار جي ڌرمپتني هئي ۽ جنهن سان منهنجو چڱو واسطو هو، مون سان گڏجڻ آئي. هن اچڻ کان اڳيئي مونکي چرائي موڪليو هو ته مان اُنهيءَ مقرر

۽ ٿي اهڙي نه مگر هنس جو ڪڏهن به اهو خيال نه آيو ته منهنجو پتي انهن ٻارن جو پيءُ آهي، جن ٻارن جي ڪارڻ مون کي خوشي ملي ٿي. پتيءَ جي ڪمائيءَ ۽ عزت ڪارڻ اسانجو وقت سک سان گذري ٿو. پر انهن ٻارن جي پيار ڪان مون کيس وانجهي رکيو آهي. ٺڪي مان ٿي کيس پيار ڪريان ٺڪي ٻار. گهر ۾ ٻرنم پيدا ڪرڻ منهنجو ئي فرض آهي ۽ انهيءَ فرض ادائيءَ ۾ به مان گهٽي آهيان."

"مونکي اهو ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته تو پنهنجو فرض سمجهيو آهي. پتي پتنيءَ جو ناتو اهڙو ته نزديڪ آهي ۽ اهڙو ضروري جو انهنجي وچ ۾ ولجوڳ هئڻ جو ڏاڍي حيراني لڳيو وڃي. جيوَن جا سمورا ڪم، پئسو، گهر، مترتا، سهوڳ، دک سک، ٻارن جو ٻيپاج ۽ ٻيون سڀ ڳالهيون ٻارن ڪارڻ ئي آهن. ماءُ پيءُ ڪيئن ڪٽ پٽ جو جيوَن گذارڻ برداشت ڪندا، جڏهن اهڙي جيوَن ڪري انهنجي ٻردوش ٻارن جو آئينده خطري ۾ پئجي ٿو وڃي."

اها استري جنهن مون سان ٻه ڪلاڪ گفتگو ڪئي، شڪرگذاريءَ جي ڀاوَ کان خالي هئي. هن کي پتيءَ کان هرپرڪار جو سک مليو پئي پر ڪڏهن به هن انجي احسانمنديءَ جو ويچار نه ڪيو. پنهنجي اهنڪار ڪري هوءَ پاڻ کي پنهنجي پتيءَ کان مٿي پئي سمجهندي هئي ۽ انهيءَ اهنڪار ڪري ئي پنهنجي پتيءَ جي سدگڻن ۽ اپڪارن کي ڏسڻ جي ناقابل ٿي وئي هئي.

هوڏانهن جتي پيرسن عورت جي شڪرگذاريءَ جي ڀاوَ انهنجي جيوَن کي آخري وقت تائين مٺو رکيو اُلي ناشڪرگذاريءَ جي ڀاوَ ڪري هيءُ ٻڙهيل ڳڙهيل جوڙو ۲۵ مان ۲۳ سال دکي زندگي بسر ڪندو رهيو. اُن جوڙي پوءِ چڱيءَ طرح جيوَن گذارڻ شروع ڪيو، ڇو ته اُن عورت جي من ۾ هميشه پتيءَ لاءِ عزت ۽ احسان جي ڀاونا جاڳي اُٿي هئي.

نہ هئڻ جي ڪارڻ اسان ۾ رنجش پيدا ٿي آهي. منهنجو پتي ڇوڪرو ٿو نہ اُنهيءَ کي ولايت پڙهڻ لاءِ موڪلي، ۽ مان چوان ٿي تہ نہ، هتي ئي جيڪا تعليم ملي ٿي سا وٺن."

"ٻارن جو خيال ڇا آهي؟ هو ڪنهنجو چوڻ ٿا مڃين؟"

"هو منهنجي آڳيا ۾ ٿي رهڻ پسند ڪن ٿا جو مان سندن ماءُ آهيان. ڪين گهڻو پيار ڪريان ٿي. جڏهن ڪو جهڳڙو ٿيندو آهي تہ هو منهنجو ساٿ ڏيندا آهن."

"اوهان ٻنهي مان ڪير وڌيڪ پڙهيل آهي؟"

"منهنجو پتي مون کان گهڻو وڌيڪ پڙهيل آهي."

"ٻارن جي تعليم جي باري ۾ ڪير چڱيءَ طرح سوچي سگهندو؟"

"برابر پڙهائيءَ جي وچار کان تہ هو چڱيءَ طرح سوچي سگهندو پر ماءُ جي ممتا ڪارڻ مان اُنهيءَ ڀلائي بهتر نموني سوچي سگهان ٿي."

"ڇا تنهنجي پتيءَ جو ٻارن تي ڪوبہ اَڌڪار ڪونهي؟ ٢٥ سال تون ساڻس گڏ ساڳيءَ جاءِ ۾ رهي آهين. سندس نيڪ نامي ۽ عزت ڪارڻ تو عزت سان گذر ڪيو آهي. جيڪڏهن تون ٻارن جي ماءُ آهين تہ هو ٻارن جو پيءُ آهي. تون ٻارن هئڻ ڪارڻ پاڻ کي ڪهڙي نہ خوش نصيب سمجهين ٿي اهو سڀ سندس ڪارڻ ئي توکي نصيب ٿيو آهي. اهو ڪڏهن خيال ڪين ڪيو اَٿيئي تہ ٻار ۽ تون سڀ ڪنهنجي سهاري سڄو وقت گذاري رهيا آهيو. ڇا توکي ڪڏهن اهو خيال بہ آيو آهي تہ تنهنجو پتي ڪٿي هوندي بہ پاڻ کي اَڪيلو اَڪيلو سمجهندو هوندو ۽ شايد اُن ڏک ڪري چاهيندو هجي تہ هو زنده بہ نہ رهي."

منهنجي هن وارتالاپ اُن تي تمام گهرو اثر ڪيو ۽ چيائين تہ "مونکي نهايت ڏک آهي. هيءَ سموري ڳالهہ پهرين ئي مونکي خيال ۾ ئي ڪين آئي. مان پنهنجي سوارٿ ۽ اهنڪار

ڪو به رستو نه هو. اُن کيس پڙهايو نه هوءَ هن مان ڳرڀولي ٿي
هئي ۽ ٢١ سالن تائين اُن ٻار جي پالڻ پوشڻ جو بار کيس
کڻڻو پوندو. ڊاڪٽر عزت وارو ماڻهو هو. هن سمجهيو ته اُن
ٻار جي پالنا ڪرڻ سندس فرض آهي. جيتوڻيڪ ٻالڪ جي
ماتا سندس زال نه هئي. عزت رکڻ جي خيال کان هن سوچيو
ته ماڻهن ٿوڙي. هو سڌو پنهنجي منگ وٽ آيو ۽ اچي سموري
ڳالهه ڪري ٻڌايائين. هوءَ کيس ڇڱو پيار ڪندي هئي. هن
سندس سچ ٻڌائڻ جي جرئت کي ساراهيو ۽ انجام ڪيو ته
جيڪڏهن ٻار ڄائو ته هوءَ ئي سندس پالڻ پوشڻ جو بار کڻندي.

ڊاڪٽر ڏاڍو خوش ٿيو. هن سموري ڳالهه سرهت سان
ڪٽي جا ٻه ڏاڍي خوش ٿي پر قضا سان سرهت کي ٽوهم
هو، ڪريپ نه هو. کيس ڪو به ٻار نه ٿيو ۽ ڊاڪٽر به تڪليف
کان ڇٽي پيو.

پر ڪا عجيب ڳالهه ٿيڻي هئي. ڊاڪٽر جي شادي ٿي
وئي. ٥-٦ سال نه سندس زال ماءُ ٻڻجڻ کان انڪار ڪيو.
هوءَ پنهنجو ٻيو پاءُ وٺي آئي ۽ اُن کي ٻٽ والڪو پالڻ لڳي.
هوءُ جڏهن وڏو ٿيو تڏهن ڪنهن بدچال عورت جي اشاري
جو شڪار ٿي ويو. پيءُ جي ڪري گهر ۾ سندس هر ڳالهه
مڃي ويندي هئي.

اهو جوان ڪنهن حادثي ۾ موت جو شڪار ٿي ويو. هن
جي سرهت کي هن مان ٻار هو. هن کي خبر هئي ته ٻار جو
پيءُ نه گذاري چڪو آهي، پر ٢١ سالن تائين ٻار جو گذارو
ڪيئن ٿئي؟ سو هن هڪ رٿ سوچي- هن ڊاڪٽر تي اُن
ٻار جي پيءُ هئڻ جو الزام لڳايو ۽ کيس وچي ائين چيائين.
ڊاڪٽر هڪو ٻڪو رهجي ويو. کيس خبر هئي ته سندس
نيڪ اخلاق عام مشهور آهي ۽ هن مڪار عورت جي ڳالهه تي
ڪو به اعتبار نه ڪندو. پر هن کي تڏهن به سخت ڌڪ لڳو.

ويو. ٻڪ پنهنجي ماءُ ۾ شڪ پوڻ لڳو. چڱو ٿئي ها جيڪڏهن مان اهو ڪتاب نه پڙهان ها ۽ اهڙن ڪتابن تي ٻڌش هجي ها، ته هاڻي ... ٿيندو. جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. اُنجو شرارتي اثر مون تي پئجي چڪو، جڏهن منهنجي هن حالت تي منهنجي زال رئندي آهي تڏهن مون کي خود رُئڻ اچي ويندو آهي. اسان ٻئي ته اوهين مونکي هن مرض کان ڇڏائي سگهو ٿا. جيڪڏهن منهنجو علاج ڪري مونکي نيڪ ڪندا ته مان نهايت شڪرگذار رهندس. ٻين استرين ۽ پرشن کي، جنجو هڪ ٻئي ۾ وشواس آهي، ڏسي مون کي حسد ٿو ٿئي. پر جنجو هڪ ٻئي ۾ وشواس نه آهي اُنهن جي حالت دکدائڪ آهي. وواهت جيون ته هڪ ٻئي ۾ وشواس رکڻ بنا چڱيءَ طرح گذري نه سگهندو.

مان ڊاڪٽر سان واپس آيس. هن اُهيءَ جو علاج ته شروع ڪيو پر شڪ اٿم ته ڪيس ڪو فائدو ٿيو هوندو.

مٿين مثال کان سواءِ هڪ ٻيو مثال به پڙهيم جو به اهڙو ئي دردناڪ آهي. اُن مان به اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪامياب وواهت جيون لاءِ پتي پتنيءَ جو هڪ ٻئي ۾ وشواس هئڻ بلڪل ضروري آهي.

هڪ ڊاڪٽر پنهنجي شخصي جيون مان هڪ واقعي جو ذڪر ڪيو جو سچي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ ڇاپيو ويو هئو.

هيءُ ڊاڪٽر هڪ نيڪ استريءَ سان پيار ڪرڻ لڳو هو ۽ اُن سان سندس مڱڻو ٿيو هو. هن اهو اُصول ٺاهيو هو ته هوُ پنهنجي ڪامي جيون جي ڪابه ڳالهه نه لڪائيندو. هن شاديءَ کان اڳ هڪ سربستو رکي هئي ۽ اُلڪي ڪليو ڇپو هٺائين ته هوُ ساڻس شادي نه ڪندو.

مڱڻي کان ٻه ٽي مهنا پوءِ هڪ ڏينهن رستي تي هن کي اُها سربستو گڏجي وئي، جيتوڻيڪ اُن سان هيٺئر سندس

هيٺ ذڪر ڪيل مثالن مان اوشواس جو اگرو نتيجو ڏسڻ ۾ ايندو. هاڻي وري ٻيو هڪ مثال ڏيو جنهن مان ڏسندا ته وشواس رکڻ ڪري جيون ڪيئن نه سکيه ٿيو هوي.

هڪ مشهور انگريزي ڊاڪٽر هڪ ڏينهن مونکي چيو ته "هن بيوقوف ساوتريءَ کي ڏس، هوءَ چوي ٿي ته سندس مڙس ۾ ڪوبه عيب نه آهي؛ هن جو ان ۾ پورو وشواس آهي." مون جواب ڏنو "ان ۾ حيرانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ منهنجو خود پنهنجي زال ۾ پورو وشواس آهي."

ڊاڪٽر صاحب جواب ڏنو "عورت لئي نه پورو اعتبار ڪري سگهجي ٿو نه مردن لئي." مون کيس چيو "مان ان استريءَ سان گڏجڻ چاهيندس جنهن توکي ايترو حيران ڪيو آهي."

آخر مان ان نيڪ عورت سان گڏيس. هوءَ ٢٥ سالن جي هئي. ڪانئس پڇيم ته ڇا اها حقيقت آهي ته پنهنجي مڙس ۾ سندس پورن اعتبار آهي. هن جواب ڏنو "جو ماڻهو سچو سون آهي ان ۾ وشواس ڪيئن نه رهندو؟"

"توکي ڪهڙي خبر ته هو سچو سون آهي؟"

سندس جيون جي هر ڪارج مان سچائي بکي ٿي. ڪنهن ٻيءَ عورت لاءِ ته ڪيس دل ئي ڪانهي. جيڪي زالون سندس واقف آهن اهي سڀ مون سان حسد ڪنديون آهن ته مونکي نهايت وفادار گهوٽ مليو آهي."

مون تي سندس هن وارتالاپ چڱو اثر ڪيو؛ ڪيس آشيرواد ڏنم. پهريان ٻه مثال اوشواس ڪرڻ مان دکدائي حالتن جي پيدا ٿيڻ جي ڳالهه ٿا ٻڌائين پر آخرين مثال مان اهو سبق ٿو ملي ته وشواس مان ڪيترا نه لاڀ آهن. اهڙا ڪيترائي مثال ملندا.

ڏل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي زال وٽ ويو ۽ کيس
سمورو ڏک جو قصو ٻڌايو. زالس همدردي ۽ همدرديءَ
جي بجاءِ اُلٽو کيس ئي ڏوهي ٺهرايو ۽ چيو "ٻهراڻ ۽ تو اهڙو
ڪڌو ڪم ڪيو هو. مون توکي معاف ڪيو جو تون ايماندار
هئين. هن دفعي هڪ ته تو پاپ ڪيو آهي، ٻيو ڏوهه پاسڻ
ته ٿيو پر اُنلو پنهنجي غلطي محسوس نٿو ڪرين. منهنجو
هينئر توتي اعتبار ڪونهي. پر جيئن ته تون ڊاڪٽر آهين ۽
مان تنهنجي زال آهيان، مان تنهنجي بدنامي نه ڪنديس.
ٻاهران ته اسين ٻئي ٻنهيءَ والڳر هلنداسين پر خانگي جيون
۾ اسانجو پاڻ ۾ بلڪل واسطو نه رهندو. اڄ کان پوءِ اسانجو
ٻنهي ٻنهيءَ جو ناتو ٽٽو."

برابر ٢٠ سال اُن ٻار جي پالنا ٿيندي رهي ۽ هي زال
مڙس بلڪل ڌارين والڳر پاڻ ۾ ورتندا رهيا.

٢١ سالن بعد هڪ ڏينهن ڊاڪٽر جي زال کي هڪ اسپتال
مان تار آئي ته ڪو مريض کيس ياد ٿو ڪري. هوءَ اُتي ويئي.
اُهائي مڪار عورت جنهن ڊاڪٽر تي ٻار جي پيءُ هئڻ جو
الزام هنيو هو سا موت جي بستري تي پئي هئي ۽ مرڻ کان
اڳ هن پنهنجي ڪيل خطا جي معافي ٿي وٺڻ چاهي. هن
کيس صاف ٻڌايو ته اُهو ٻار ڊاڪٽر جو نه، پر سندس (ڊاڪٽر
جي زال جي) پيءُ جو آهي.

هن خبر ڊاڪٽر جي زال جو هوش حواس اُڏائي ڇڏيو.
هوءَ ٽٽل دل سان گهر موٽي آئي ۽ پنهنجي پتيءَ کان اچي
معافي گهريائين. "هينئر اِن معافيءَ جو ڪهڙو فائدو؟"
ڊاڪٽر درد کان چلائي چيو "هينئر پڇتائڻ مان ڇا ٿيندو.
جڏهن تنهنجو مون مان وشواس نڪري ويو، منهنجي جيون
ڪُجهه ئي ٻچي." زال مڙس جو هڪ ٻئي ۾ وشواس ڪهڙو
نه ضروري آهي!

جي برباديءَ جو ڪارڻ ٿي.

ٻارهو هڪ سال اُها عورت اُن انهين لئي ٻه ڇوُر رهي ؛ ڪاٻه ڪل ڪاله پيس ته هن پهرئين گهر جي ڪمڻ ته برباديِ ڪئي هئي. اڪي اُنهنجي ڪا يادگيري لي ڪيائين.

هڪ سال ڪالهوءَ اُنجي مڙس ٻه ٻارن جي يادگيري آئي ۽ اُنهنڪي ٻه خط لکيائين. هڪ پهنجي پٽ ڏانهن ۽ ٻيو پهنجي ذيءَ ڏانهن. اُنهنڪي نهزاريءَ سان لکيائين ته سندس غلطيءَ کي معاف ڪن ۽ ڪيس خط پٽ لکڻ جي اجازت ڏين. سندس پٽ ڪيس هي جواب موڪليو-

”پياري اُمڙ، مونکي مهرباني ڪري آئينده ڪوٻه خط پٽ ته لکندي ڪر. مان نٿو چاهيان ته مونکي ڪوٻه تنهنجي زنده هئڻ جو ٻڌائي ۽ سٽل سوُر جاڳائي. مان جڏهن پهنجي پيءُ کي ڏسان ٿو ته اِهين ٿو محسوُس ٿئي جڻ ته ٿو هڪ معصوُم ٻار کي نردئتا سان چماٽ هڻين آهي. منهنجي نيڪ پيءُ کي اِها سزا ڏيڻي ٿو نيڪ نه ڪيو آهي. باقي اَسين ٻار رهياسين. ٿو پهنجي وهنوار سان منهنجي مڙس ٻه زالن جي وفاداريءَ ۾ پورو لاءِ ڪافي شڪ پيدا ڪيو آهي جو مان پهنجي زال کي به اُن شڪي نظر سان ڏسان ٿو. سمجهي سگهين ٿي ته اُنجو منهنجي دل تي ڇا اَثر ٿيو هوندو. مان ڪري مهرباني ڪري اهو وساري ڇڏ ته اَسين ڪو زنده آهيون. اَسين به توکي وري ياد ڪين ڪنداسين.“

هن اِستريءَ جو گهوٽ ٽن سالن بعد گذاري ويو. اَخبارن ۾ اهو لکيو ويو ته هن نيڪ مرد جو موت سندس زال جي بي وفا ٿي ڀڄي وڃڻ جي ڪارڻ ٿيو.

ڇا اهي بي وفا اِنسان ڪڏهن اهو ويچار ڪن ٿا ته هنن جي اهڙن ڪڌن ڪرتوُتن ڪارڻ سندن ڪٽنب جي ڪيتري قدر برباديِ ٿئي ٿي؟

وفاداري

پتي پتنيءَ جي هڪ ٻئي ڏانهن وفاداري بلڪل ضروري آهي. ڏک سک ۾ ساٿ ڏيڻ ۽ حال تي هلڻ ئي وفاداري آهي. جن جوڙن جي هڪ ٻئي سان وفاداري نه آهي انهن جو جيون نهايت ڏکي رهي ٿو.

مون هڪ سچي قبوليت پڙهي جنهن ۾ هڪ استريءَ پنهنجي بي وفائيءَ جي ڪهاڻي ڏني هئي ته ڪيئن نه هوءَ پنهنجي پتيءَ سان بي وفا ٿي وڏيءَ عمر ۾ هڪ شاهوڪار ماڻهوءَ سان ڀڄي وئي. هن استريءَ پنهنجي غلطي محسوس ڪندي لکيو ته هن هڪ نيڪ مرد سان، جو سندس همڪلاسي هو ۽ کيس پيار ڪندو هو، تعليم ختم ڪري ساڻس شادي ڪئي ۽ ٻئي سک جو جيون گذارڻ لڳا. مرد هر ڳالهه ۾ سندس صلاح وٺندو هو. کين ٻه ٻار ٿيا. انهن مان هڪ ڌيءَ ۽ پٽ شادي ڪئي هئي، جن کي به هڪ هڪ ٻار ٿيو هو.

انوقت جڏهن سندن عمر به ڪافي هئي، هڪ شاهوڪار واپاري سندن گهر ۾ مهمان ٿي اچي رهيو. هن امير واپاريءَ کي ڪنهن ايماندار ايجنٽ جي ان شهر ۾ ضرورت هئي. ڪنهن ٻئي واپاريءَ کيس ٻڌايو ته هيءُ نيڪ مرد ئي سندس لاءِ نيڪ ايجنٽ ٿيندو. هي امير آدمي ڪجهه هفتا اتي رهيو. هنجي پتني ان امير واپاريءَ کي خاص مهمان سمجهي سندس چڱي خاطرداري ڪرڻ لڳي. هي واپاري ۽ هن ماڻهوءَ جي زال هڪ ٻئي کي چاهڻ لڳا ۽ هڪ ڏينهن هو ٻئي ڀڄي نڪتا. هيءَ وچولي عمر جي استري ڪامواسنا وس ٿي پنهنجي نيڪ پتيءَ سان بي وفائي ڪري، پنهنجي سٺيل ٻارن ۽ گهر

انگلنڊ نواسين ۾ هڪ عورت جي عزت ڪئي ۽ مانُ ڏنو.

واهت جيون ۾ وفاداري هڪ بلڪل ضروري گڻ آهي. شادي نه ساري عمر جو ناتو آهي اِنڪري جيئن زندهه رهڻ لاءِ ساهه کڻڻ ضروري آهي تيئن واهت جيون کي سک ۾ بتائڻ لاءِ پتي پتنيءَ جي هڪ ٻئي ڏانهن وفاداري به ضروري آهي. ماءُ پنهنجي ٻار کي اِنڪري پيار نٿي ڪري جو اهو سندس ٻار آهي، سندس لخت جگر آهي ۽ نه اِنڪري ته هو سهڻو آهي يا هوشيار آهي يا ڪاڻاٽو پٽ آهي. مون ڏٺو آهي ته ماءُ پاڻ بيمار يا ڪمزور ٻار کي وڌيڪ پيار ڪري ٿي ۽ ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ اُن سان وڌيڪ رهڻ پسند ڪري ٿي. ساڳيءَ طرح استري پنهنجي پتيءَ سان وفادار آهي، ڇاڪاڻ ته هو سندس پتي آهي، سندس جيءَ جو جيارو ۽ زندگيءَ جو سهارو آهي. نه اِنڪري ته هو شاهوڪار يا پڙهيل آهي. اهو اڪثر ڏٺو ويو آهي ته زالون پنهنجي لوڙن بيمار پتيءَ کي به ڏاڍو پريم ڪن ٿيون ڇاڪاڻ جو هو 'سندن پنهنجو' پتي آهي. البت مون اُلٽو به ڏٺو آهي ته ڪيترا ماڻهو پنهنجيءَ سانوريءَ، گهٽ پڙهيل ۽ ساديءَ زال کي به چڱيءَ طرح پيار ڪن ٿا جو هوءَ 'سندن پنهنجي' زال آهي.

هڪ ڪُندفهم ماڻهوءَ جي زال جي ڪهاڻي ٻڌو. هڪ ڌنوان ماڻهوءَ کي ٻه پٽ هئا. هڪ ته چڱو سياڻو سگهڙ هو ۽ ٻيو ڪندفهم هو. ڇاڪاڻ ته هو شاهوڪاري ٻار هو، کيس به هڪ چڱي پتني ملي. هن ڇوڪريءَ تن من سان پنهنجي ڪندفهم ور جي سيوا ڪرڻ ئي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهيو.

ڪجهه وقت بعد سندس سهرو گذاري ويو ۽ گهر جو سمورو بار سندس سياڻي ڏير کي سنڀالڻو پيو. هڪ ڏينهن ڪندفهم رُنڍو پنهنجيءَ زال وٽ آيو ۽ چيائينس ته منيب کيس خرچي

هن بيوقوف زال، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي،
پاڻ کي ڪوڙو آٿت ڏيڻ لاءِ چيو ته هوءَ جيئن تہ اُن اُمير
ماڻهوءَ کي پيار ڪندي آهي، سندس پهرئين پتيءَ سان شادي
شده جيون ختم ٿي چڪو. ڇا اهڙن ڪوڙن دليلن سان
ڪيل پاپ مٽجي ويندو؟

جڏهن طلاق جا دروازا کليل آهن تڏهن گهرو جيون جي
وفاداريءَ کي هڪ ڀاري چوٽ رسي ٿي. جيون ساٿي هڪ
ٻئي کي ڇڏين، اُنکان وڌيڪ گهاتڪ ٻيو ڇا ٿي سگهندو!!

سنسار جي هر هڪ حصي ۾ وفادار زالون ۽ مڙس ملن ٿا
جيتوڻيڪ اُهي تمام ٿوري تعداد ۾ آهن. وفادار پتي پتني
هڪ ٻئي سان ساري عمر جڙيا رهن ٿا ۽ آخرين دم تائين
پنهنجو ناتو نباهين ٿا. ڳالهه ڪندا آهن ته انگلنڊ جي پرڌان
منتري مسٽر گليڊسٽن کي، جڏهن هوُ ٩٠ ورهين جو هو، ڪو
سڪر ماڻهو ملڻ ويو. هن ڏٺو ته مسٽر گليڊسٽن پنهنجا ٻئي هٿ
پنهنجي وفادار پيرسن عورت جي هٿن ۾ رکي ويٺو هو. هن
نيڪ عورت نه فقط پنهنجي پتيءَ جي جوانيءَ ۾ شيوا ڪئي
پر پيريءَ ۾ به سندس پورو ساٿ ڏنو. جڏهن گليڊسٽن جو
ديهانت ٿيو تڏهن هيءَ سندس لاش سان ويسٽ منسٽر ايبي،
جتي ڀرانيءَ کي دفنايو ويو، تائين گڏ ويئي. ڇو ته اُن
دکدائڪ موقعي تي شاهي خاندان جي مردن به مسٽر گليڊسٽن
جي استريءَ جا هٿ عزت وچان گوڏن ڀر ويهي چميا. شاهي
خاندان جي مردن ڪانپوءِ اُمرن ۽ ٻين درٻارين خواهه تمام
ماڻهن اُن نيڪ عورت کي اُهڙيءَ طرح سر جهڪائي سجدو
ڪري عزت ڏني، جنهن پنهنجي پتيءَ سان پوري وفاداري
جو ٻين لاءِ هڪ مثال پيش ڪيو هو. هڪ اخبار ته لکيو ته
"هوءَ وڌوا ٿي مسٽر گليڊسٽن جي لاش سان گڏ آئي ۽ هڪ
اُوڙني وانگر عزت ۽ آبروءَ سان واپس ويئي." اُتري قدر

هڪ ٻُڍي جي عزت ڪرڻ

هر هڪ ٻئيءَ کي روزمره جي جيون ۾ پنهنجي ٻئيءَ
جي عزت ڪرڻ گهرجي ۽ هر هڪ ٻئيءَ کي روزمره جي
جيون ۾ پنهنجي ٻئيءَ جي عزت ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن
ٻئي اهو چاهين ٿا ته سندن گهر ۾ سنمان ۽ شانتي رهي ۽ ٻار
اُن واءُ منڊل مان مثال وٺن ۽ آدرشي انسان ٿجن.

ٻئي ۽ ٻئيءَ جو پاڻ ۾ گهاٽو سٻنڌ ٿئي ٿو. ٻئي ٻئيءَ
کي ساري عمر گڏ رهڻو آهي ۽ هڪ ٻئي لاءِ ٿي جيئڻو آهي
پر گهاٽي سٻنڌ ۾ نفرت پيدا ٿيڻ جو خطرو به رهندو آهي
ڪجهه وقت بعد، تمام گهڻي گهرائيءَ سبب هڪ ٻئي جي عزت
جو پورو ويچار رکيو نٿو وڃي ۽ اهي ٻئي ٻنهي هڪ ٻئي کي
ڪٺور وچن چون ٿا ۽ ڪڏهن ته مرد پنهنجي شانتي کوهي
ويهي ۽ ڪروڌ وس ٿي ٻئيءَ تي هٿ هلائي، مار ڪٽ
ڪري اُن کي زبردست چوٽ ٿو پهچائي. وواهت جيون ۾
هڪ ٻئي کي ڪٺور وچن چوڻ، بي عزتي ڪرڻ ۽ مار ڪٽ
ڪرڻ کان وڌيڪ ٻيو دکدائڪ واقعو ٿي نٿو سگهي.

هڪ ڏينهن مان گهر کان اسٽيشن ڏانهن وڃي رهيو هوس
ته رستي ۾ هڪ عجيب واردات ڏٺم. هڪ پير مرد کي ٻه
نوجوان ماري رهيا هئا. مان يڪدم ڏانهن ڊوڙي ويس.
معلوم ٿيو ته اهو پير مرد جو زمين تي ڪريو پيو هو اُنهن
نوجوانن جو پيءُ هو. مونکي ڏسي هُن ٻنهي کي ڇڏيو. مون
هنکي اُٿاريو ۽ کيس سندس گهر وٺي ويس ۽ سندس ٻئيءَ
سان گڏيس. اُن کان پڇيم "هن جهيڙي جو ڪارڻ ڇا آهي؟
توکي خبر آهي ته تنهنجي پُٽن هنکي رستي تي ماريو ٿي؟"
هن جواب ڏنو "مونکي ڏاڍو دک آهي. جيڪي ڪجهه ٿيو
اُن لاءِ مان ڏاڍو اَشانت آهيان، پر اوهان کي اها خبر آهي ته

ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي. سندس پٽ ورتا زال کي غصو اچي
ويو. هوءَ هٿ ۾ اکڙ کڻي پنهنجي پٽيءَ کي ساڻ وٺي
آفيس ۾ پهتي ۽ صاحب کان پڇيائين ته ڇو سندس پٽيءَ کي
جو سندس سيٺ هو، پيسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي؟

صاحب چيو "مولڪي سيٺ صاحب اهڙو حڪم ڏنو آهي."
هن عورت غصي ۾ اچي چيو "ڇا منهنجو پٽ سيٺ نه
آهي؟" اهڙيءَ طرح هن اُن صاحب جي چڱي ڪن مهٽ
ڪئي ۽ پنهنجي پٽيءَ کي چيائين ته پيتي کولي ڪيس جيترو
ڪپي کڻي. جڏهن وڏي ڀاءُ کي خبر پئي تڏهن هن ڀاڄائيءَ
کي چنبيو. هن نيڪ عورت همت ڪري کيس ڏمڪائي
چيو "ڇا منهنجو پٽ تنهنجو ڀاءُ نه آهي ۽ اُن ملڪيت جو
حصيدار نه آهي؟" "نه" سندس ڏير جواب ڏنو. عورت
چيو "جيستين هن سريءَ ۾ ساهه آهي تيستين ڪو به منهنجي
پٽيءَ کي سندس حق کان وانجهي نه سگهندو." ائين چئي
هوءَ گهر هلي وئي ۽ لائق وڪيل ڪري مقدمو داخل ڪيائين.
ڪيترن سالن بعد هن عورت ڪيس کٽيو. هي هڪ عجيب
مثال آهي ته هڪ همت واريءَ زال ڪيئن نه پنهنجي سادي
سوُدي ڪندڙ پٽيءَ لاءِ لڙي سندس لاءِ جيون جو سهارو
ٿي رهي. ..

۾ پاڻي اچي ويو. سندس اڳيان ٥ سالن جو پٽ بيٺو هو. هن ماءُ کي ڳوڙها اگهندو ڏسي اُن کي ڌيان سان جاچيو.

شام جو جوان آفيس مان واپس آيو. هو جڏهن به ايندو هو ته پهريان پٽ کي ڀاڪي پائي چمندو هو. اَڄ به هوُ پٽ کي ڀاڪي پائي چمڻ ويو ته پٽ چيس "مونکي هٿ نه لاءِ. اَڄ تو اَمان کي ڳالهايو، هن رنو هئو. مان توکي نٿو چاهيان."

هن جوان چيو ته مون تي ٻئي ڪنهن به سماج سڌارڪ جي وياکياڻ جو اهڙو اَثر نه پيو هو، جيترو هن ٻار جي معصوم طوطلي ٻوليءَ جو پيو. ان ڏينهن کانپوءِ مون اهو سبق سکيو ته "پنهنجي جيون ساٿيءَ کي ڀلي گهٽ پيار ڪجي پر اُنجي عزت گهڻي ڪرڻ گهرجي."

وواهت سنسار ۾ ڪيتري دکدائڪ گهٽنائون ٿيون آهن ۽ ٿيئون ٿين جو ماڻهو سمجهن ٿا ته وواهت سنسار ۾ استري پرش لاءِ صرف پيار ئي سڀ ڪجهه آهي. عزت جو اثرو ويچار ٿورو ڪيو وڃي. ڪن ماڻهن جو اهو وشواس آهي ته فقط پيار ئي وواهت جيون ۾ هئڻ کپي ۽ عزت جو وهنوار هڪ ٻئي جي سنبنڌ کي رسمي بڻائي پيار جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي پر منهنجو خيال آهي ته عزت ئي پيار جي وڌائڻ ۾ مدد ڪندي ۽ عزت جي پاڙئا اُن پيار کي مضبوط ۽ پورو بڻائيندي

مون کي هڪ ڇوڪريءَ جي ڳالهه ياد اچي ٿي جنهنکي ڪاليج ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ سندس ماءُ مون وٽ وٺي آئي هئي. ان ۾ ڪا خاص ڳالهه نه هئي، پر مونکي حيران لڳي جڏهن هڪ ڏينهن مونوٽ سندس پيءُ وٽان هڪ رجسٽرڊ خط آيو جنهن ۾ لکيل هو ته مان هن ڇوڪريءَ کي پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ لاءِ رضامند ڪريان. هن مونوٽ سندس ناٽي ١٠،٠٠٠ روپيه رکڻ لاءِ تيار هو جيئن ڪيس خاطري رهي ته هو ڌيءُ جي بي. اي. پاس ڪرڻ لاءِ خواهان هو.

پٽ اهو ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندو تہ سندس ماءُ کي ڪو ماري، پوءِ اهو ڪٿي سندن پيءُ بہ چونہ هجي. منهنجو پٽ ڪنهن گهڙيءَ ڳالهہ تي مون سان ڪاوڙيو هو؛ جنهن مون جواب ڏنو، هن مون کي زور سان لت هڻي ڪڍي. منهنجا پيار پنهنجي ماءُ جي اهڙي بي عزتي برداشت نہ ڪري سگهيا؛ اُن ڳالهہ جي ڪارڻ پيءُ پٽن جي وچ ۾ جهڳڙو پيدا ٿيو." مون کي جنهن نہ سٽيشن تي جلدي پهتو هو، مان هليو آيس، پر ساري سفر ۾ مونکان پوڙهي پيءُ کي جوان پٽن جي مارڻ وارو درشيہ پلجي ٿي نہ. "مڙس جي طرفان زال کي لت هڻڻ" مونکي سخت دک پهچايو. البت اهو بہ پتو پيو تہ هوُ زال پٺيان بلڪل چريو هو. هن نوڪري بہ ڇڏي ڏني تہ جئن هوُ زال جي پرسان وينو هجي. هوُ هنکي پيار ضرور ڪندو هو پر اُنجي عزت نہ ڪندو هو.

ڪجهہ سالن بعد هڪ وڏي آفيسر منهنجي اُنهن اخلاقي اُپديشن جو ذڪر ڪيو جيڪي مان ڪاليج ۾ ڏيندو هوس. هن چيو "چوڪرن" کي اهو پل سيکاريو تہ هو پنهنجي پتنيءَ کي پيار ڪن پر اُنهيءَ کان وڌيڪ کين اهو سيکاريو تہ هوُ اُن جي عزت ڪن. هڪ پتنيءَ جي عزت ڪرڻ ڪارڻ هوُ ڪڏهن بہ اُگرا اُگر ڪم نہ آڻيندا. هڪ پتنيءَ کي مارڪٽ ڪرڻ تہ ڇڏيو پر هڪ پتنيءَ کي ڪنو وچن بہ نہ چئي سگهندا. مان تہ پنهنجيءَ زال کي چوندو هوس تہ "مونکي پيار گهٽ ڪر پر منهنجي عزت زيادہ ڪر."

هڪ ٻيو مثال ٻڌو. هڪ چڱو پڙهيل ڳڙهيل جوان هو. هوُ پنهنجي زال کي ڏاڍو پيار ڪندو هو پر سندس عزت گهٽ ڪندو هو. آفيس ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ هوُ ڪاوڙيو هو؛ بدشد ڳالهائيندو هو. هڪ ڏينهن صبح جو آفيس وڃڻ کان اڳ ڪاوڙيو؛ زال کي گهٽ وڌ ڳالهايائين. ويچاريءَ جي اکين

سخت ٻي عزتي ڪئي آهي.

هي نه هڪ اهڙو مثال آهي جنهن جهڙا ٻيا ڪي جوڙي ملن، پر اهڙا جذباتي جوڙا به آهن. انهن جو فرض آهي ته هڪ ٻئي سان پيار هوندي ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت جي ورلي ۽ وهنوار اپنائن.

مان هر هڪ نوجوان جوڙي کي اها صلاح ڏيندو آهيان ته جڏهن هنن کي ٻار ٿين تڏهن ته هو خاص طور سان هڪ ٻئي جي گهري عزت ڪن. مون اهو ڏٺو آهي ته ڪيترن اهڙن ٻارن جي جيون ري خطا برباد ٿي ويندي آهي جو نه سندن ماءُ پيءُ هڪ ٻئي جي ٻي عزتي ڪندا هئا. هڪ ڪتاب ياد اچي ٿو جنهن ۾ زال مڙس فقط ٻارن ۾ متفق راءِ نه هئڻ ڪارڻ گهر تباهه ڪري ڇڏيو. انهن کي ٻه ٻار هئا. هڪ پٽ ماءُ سان رهندو هو پر ڪيس پيءُ جي پيار جي به ضرورت هئي. هو پيءُ ڏانهن ويو ته ٻنهي جي وچ ۾ ناهه ٿي وڃي. هنجو پيءُ هن سان خوشيءَ سان نه مليو، بلڪ ساڻس گهٽ وڌ ڳالهايائين. چون ٿا ته ان ڇوڪر دک ڪري سخت رنو ۽ پنهنجي من جي استرتا به کوهي وينو. ڪيترو وقت نه اهو ٻار چريلن جي اسپتال ۾ رهيو. اهڙي حالت ۾ ماءُ جي دل جي ڇا حالت ٿي هوندي. هن پنهنجي پتيءَ کي آزي نيزاري ڪئي ته هو سڀ ولڇا وساري ٻارن کي هڪ سک روپ ايڪتا وارو گهر ڏئي پر پيءُ نريءَ نيل لڳل ٿي نه ڏني. آخر گهر تباهه ٿي ويو. انهيءَ ساري معاملي جو ڪارڻ به نه فقط اهو ٿي هئو ته پتي پتني هڪ ٻئي جي عزت نه ڪندا هئا. نتيجو اهو نڪتو جو هو هميشه لاءِ هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ويا ۽ ٻارن جي جيون برباد ٿي ويئي.

ان ڪري مان ماءُ پيءُ کي صلاح ڏيندس ته ٻارن جي ڀلي خاطر ۽ پنهنجي گهر جي سک سلامتيءَ خاطر پنهنجو وهنوار عزت ٿي آڌارت رکن.

مون ڇوڪريءَ کي گهرايو ۽ خط پڙهڻ لاءِ ڏنو، هوءَ روئي چوڻ لڳي "مان هن پٽس مان هڪ پائي به نه ڇهندس. مان پنهنجي ماءُ تي آڌار آهيان ۽ رهندس. منهنجو ماءُ پيءُ الڳ رهندا آهن. مون ماءُ سان ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو آهيان ۽ ان سان گڏ رهندي آهيان."

مون کي اهو ٻڌي سخت حيراني لڳي ته ڌيءُ پنهنجي پيءُ سان ڪو به رشتو رکڻ لاءِ تيار نه هئي. جهڳڙي جو ڪارڻ اهو هو جو سندس پيءُ سندس ماءُ جي عزت نه ڪندو هو.

هڪ شخص، جو تعليم کاتي جو ڪم ڪندو هو، هڪ ڏينهن مون وٽ آيو. هو هڪ نوجوان جي لاءِ رُچي رکندو هو جو هڪ اسڪول جو هيڊماسٽر هو ۽ هڪ ڪاليج ۾ به پروفيسر ٿي پڙهائيندو هو. هن چاهيو ٿي ته مان ان نوجوان جي ٻي شادي ڪرڻ ۾ ڪو به اعتراض نه ڏيکاريان. اهو مشڪل مسئلو هو. مان سڌي خواه اڻسڌيءَ طرح ائين ڪيئن چوان ته هڪ مرد کي هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪرڻ گهرجن. اهو جواب مون اُن شخص کي صاف صاف ڏنو.

اُها وارتا موجوده مضمون سان ڪافي لاڳاپو رکي ٿي. اهو جوان پروفيسر نه فقط ڪافي پڙهيل هو پر سندر به هو. جوانيءَ ۾ هن ٿي هڪ سندر ڪنيا سان وواهه ڪيو هو. ڪجهه وقت بعد هنن جي وچ ۾ کٽ پٽ ٿي ۽ هن جوان هڪ ڏينهن پنهنجي پتنيءَ کي زور سان هڪ چماٽ هڻي ڪڍي. پتنيءَ کان هيءَ بي عزتي برداشت نه ٿي. هوءَ هميشه لاءِ گهر ڇڏي وئي. مڙس هزار حيلا هلايا، معافي گهري، يارن دوستن دوارا چوايو پر بگڙيل بات وري نه بڻي.

هيءَ ڪهاڻي ٻڌائيندي، اُن تعليمدان پڇيو، "هاڻي ٻڌايو ته ان ۾ هن نوجوان پروفيسر جو ڪهڙو قصور آهي؟ هو ته اُن کي گهڻوئي پيار ڪري ٿو هوءَ چوي ٿي ته هن سندس

پيءُ ڪاوڙ ۾ ڇوڪر کي چماٽ هڻي چيو، "تماڪ ڇڪڻ ۽ ٻارن لاءِ زهر برابر آهي. تون جهنم وڃو ٿين."

هي پيءُ ۽ هزارن ٻين والدين ٻارڻ سڌارڻ کان قاصر هو. اهڙا مائٽ پنهنجي ٻارن لاءِ شرابخوري، بي ايماني، بدڪاري خواهه بري جيوتن جو مثال قائم ڪن ٿا.

هڪ دفعي هڪ ڊبل گريجوئيٽ نوجوان، جو هڪ بي. اي. بي. ٽي پاس ڪيل نوجوان ڇوڪريءَ کي پيار ڪندو هو ۽ هميشه اُن جي ساراهه جو سرڪيون پيو پڙهندو هو، شادي ڪرڻ جو خيال ڪيو. مڱڻو ته ٿيو پر هن شاديءَ کان ڪافي دير تائين ٽاري لڳايو. ڪجهه مهنن بعد ورِي هو مون کي گڏيو ۽ پڇيومانس ته ڇا هن شادي ڪئي ته جواب ڏنائين ته هن شادي ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو هو. اسان جي وچ ۾ هيٺين گفتگو ٿي.

"تو مڱڻو ڇو ٽوڙي ڇڏيو؟"

"مون کي خبر پيئي ته ڇوڪريءَ جو پيءُ پنهنجي هڪ سرڀت سان گڏ ٻاهر ٻيءَ جاءِ ۾ رهندو هو. جيتوڻيڪ هوءَ گهڻو وقت ڏينهن جو پنهنجي ٻهرين حق ٻڌي زال ۽ ٻارن سان رهندو هو. پر راتيون هميشه هن سرڀت وٽ گهاريندو هو. مان اهڙي اخلاق کان ڪريل ماڻهوءَ جو ناتي ٿيڻ پسند ڪري نه سگهيس."

"ڇا هو پنهنجي ٻارن کي چڱي طرح پيار ڪري ٿو."

"هائو، هو پنهنجي ٻارن کي چڱيءَ طرح پيار ڪري ٿو پنهنجي زال کي چڱي عزت ڏئي ٿو."

"ڇا هو پنهنجي سرڀت کي زبردستيءَ گهر ۾ پنهنجي زال ۽ ٻارن جي روبرو وٺي اچي ٿو؟"

"نه، هوءَ ڪيس آئي نه وٺي ايندو آهي."

"جيڪڏهن تون ڇوڪريءَ سان شادي ڪري هان کان

پاڪدامني، پوترتا ۽ ڌارمڪ جيون

واهت جيون جو هڪ آدرش آهي سنتان اُنهن ڪري منش جاتيءَ کي زنده رکڻ. ماءُ پيءُ کي ڪڏهن به اهو وسارڻ نه کپي ته سندن ٻارن جو جيون سندن ڏنل ورثي ۽ شخصي وهنوار تي منحصر آهي. ٻار نه ماءُ پيءُ کي اُن پنهنجو آدرش سمجهن ٿا. هوءُ ماءُ پيءُ تي فخر ڪندا آهن ۽ بداخلاق ماءُ پيءُ جي لاءِ شرمساري محسوس ڪندا آهن. ماءُ پيءُ کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ٻار سندن جيون جو اُن نقل ڪن ٿا. ان ڪري سندن فرض آهي ته پنهنجو جيون اخلاقي بنائين جيئن سنتان کي چرتروان بڻجڻ ۾ سهائتا ملي.

ڪجهه سال اڳ بمبئيءَ شهر ۾ هڪ ڌرمشالا ۾ رهيو پيو هوس ته ڏٺم ته هڪ ٧ سالن جو ٻار پاسيرو لڪي سگريٽ ڇڪي رهيو هو. مون ڪالڇس سگريٽ ڦري اُڇليو ۽ سندس ڪن مهٽ پڻ ڪئي. ٿوريءَ دير بعد جڏهن مان ٻاهر ويس ته ڏٺم ته اهو ساڳيو ڇوڪر پيءُ جي اڳيان بيٺل هو ۽ پيءُ تمام گهڻو تماڪ ڇڪيندي نظر لڳو. کيس چيم "دوست توکي مهرباني ڪري تماڪ ڇڪڻ جي عادت ڇڏڻ گهرجي، جيڪڏهن پنهنجي خاطر نه ته هن ٻالڪ جي صدقي اُن ڇڏي ڏي. ڇاڪاڻ ته ٻار ماءُ پيءُ جو نقل ڪندا آهن." هن جواب ڏنو "مونکي سخت ڏک آهي جو مان تماڪ ڇڪڻ ڇڏي نٿو سگهان. پر منهنجو پٽ منهنجي نقل ڪرڻ جي همت ڪري نٿو سگهي." مون مشڪي کيس جواب ڏنو "دوست! بلڪل هاڻي جڏهن تنهنجو پٽ توکان اُچي رهيو هو تنهنکان اڳ مون کيس سگريٽ ڇڪيندو ڏٺو ۽ مون اُن ته سندس وات مان سگريٽ ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏيو."

بچائڻ خاطر نون گهر واپس هل ته هن ڇوڪريءَ گرجندي جواب ڏنو "مهنجي پيءُ جي خاندان جي عزت پهرين ڪڏاهن وئي هئي جڏهن هو ونشانن کي گهر ۾ گهرائي ناچ گانا ڪرائيندو هو؛ هن بدڪار عورتن سان بي شرمي جي ڇيڙڇاڙ ڪندو هو ۽ اسان کي ٻڌائيندو هو ته هوءَ انهن ناچ گائي وارين رنن کي پنهنجي گهر جي زالن کان، جيڪي سندس پيار لاءِ ترسنديون هيون، وڌيڪ گهرو چاهي اهو سبب مون ڏٺو؛ ان فيصلي تي آيس ته مردن جو پيار حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته ناچ گائي جو ڪم اختيار ڪجي. هڪ بلبل پکيءَ وانگر ڇتين ديوارين اندر قيد ۾ پيو سڙڻ کان اهو ڪم صدبار بهتر آهي. مون ته هي رستو ان ڪري اختيار ڪيو آهي جو مهنجو پيءُ ناچ گائي وارين زالن جي پنهنجين پاڪدامن ۽ پورن زالن کان به وڌيڪ عزت ڪندو هو."

راءِ بهادر جي ڌيءُ ساري عمر ونيها تي ونهاليه ۾ رهي. ماءُ پيءُ اهو خيال نتا ڪن ته هو ٻي ٻارن لاءِ آدرش آهن. هنن جا خراب مثال ٻار نقل ٿا ڪن؛ انهن جو اثر ٻارن جي ڪچڙين دلين تي تمام گهرو ٿو پوي. ان ڪري ماءُ پيءُ کي ٻارن لاءِ اهڙو ڪو به مثال قائم نه ڪرڻ گهرجي جنهنجو برو اثر ٻارن تي پوي.

مان ڪاليج ۾ ٿي هوس ته هڪ مختيارڪار جي هوشيار پٽ ايم. اي.، ايل. ايل. بي. پاس ڪري هاءِ ڪورٽ ۾ ڪم ڪرڻ جي سند حاصل ڪئي. هن جو پيءُ ڏاڍو رشوتخور هو؛ هن رشوت مان ڪافي پيسو ڪٺو ڪيو هو. هڪ ڏينهن مان هنکي سندس ڏوراهين ڪمپ ۾ ڏسڻ ويس. مونکي چيائين ته مان ماءُ جي آسيس ڪارڻ ٿي ايترو پيسو ڪمايان ٿو. هن مونکي هميشه اها آسيس ڪئي ته مهنجي ڪيسن ۾ هميشه سولبون مهرون هجن. سو هميشه مهنجا ڪيسا مهرن

گهڻو پري پنهنجو ڳوٺ ۾ رهين ته ٽولي کڻو ۽ اٿو ڀولڊو؟"
"شادي معنيٰ ٻار. مان اهو نٿو چاهيان ته شاديءَ بعد جيڪي ٻار ٿين تن کي اها خبر پوي ته سندن نانو اهڙو بدڪار ماڻهو آهي. مان اهو برداشت ڪري نه سگهندس ته اها بيماري منهنجي ڪٽنب ۾ ڦهلجي."

هن جوان شادي نه ڪئي. ڇوڪريءَ کي به خبر پئي ته هوءَ شادي ڇو نٿو ڪري، اهڙيءَ طرح هڪ بري پيءُ پنهنجي بري مثال سان پنهنجي ڌيءَ جي چڱي شاديءَ ۾ وگهن وجهي ڇڏيو.

هڪ ٻيو پيءُ ڌنڌ جو ڪيترن ٻارن جو پيءُ هوندي به برائيءَ جي راهه تي وڃي پيو هو. جيتوڻيڪ هن جي پهرين زال جيئري هئي ۽ ان مان ڪيس ڪيترا ٻار به هئا ته به هو ڪنهن ٻيءَ عورت سان نينهن لڳائي ويٺو هو. ان سرڀت کي اڳيءَ مڪان ڪري ڏنائين ۽ ان سان گڏ رهڻ لڳو. هن ٻه گهر رکيا، هڪ پنهنجي پهرين زال ۽ ٻارن لاءِ ۽ ٻيو سرڀت لاءِ.

هڪ دفعي هڪ عجيب ڳالهه ٿي. سندس هڪ شادي ڪيل پٽ ڪنهن ٻيءَ ڇوڪريءَ جي پيار ۾ ڦاسي ويو. اها ڇوڪري پنهنجي ماءُ ۽ ڀائرن سان گڏ رهندي هئي. ان ڇوڪريءَ جي پيءُ به پنهنجي پهرين زال ۽ ٻارن کي ڇڏي ڏنو هو. هنن ٻنهي ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ کي پنهنجن گهرن جا دُراچاري مثال نقل ڪري پنهنجي اخلاقي ڪراوٽ آڻڻ لاءِ ڪافي هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هند جي اتر اولاهين سرحدي علائقي جي هڪ شهر ۾ حيراني ڇانئجي ويئي. سڀني جون آڱريون ڏندن لڳي ويون. شهر جي مشهور راءِ بهادر جي ڌيءَ ماءُ پيءُ کي ڇڏي ونثاليءَ ۾ وڃي ويٺي هئي. جڏهن ڪي معتبر ماڻهو وٽس ويا ۽ چيائونس ته خاندان جي عزت

هٽڻ گهرجي.

هڪ ڏينهن مان سنڌو درياه جي ڪناري تي بيٺو هوس ته هڪ ماڻهو گڏيو جنهن چيو "جنهن جاءِ تي اوهين بيٺا آهيو اُتي هڪ عجيب دلچسپ حادثو ٿيو هو. ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ نوجوان اُتان ٽپو ڏئي پنهنجي جيون جو انت آندو هو." مون هنڪان پڇيو، "اُنجو ڪهڙو ڪارڻ هو؟" وراڻي ڏنائين "اُنجو ڪارڻ سندس ماءُ هئي جا گهر ڇڏي هڪ اَمير سان وڃي گڏ رهي هئي. هن جوان ماءُ کي گهڻيون ئي منٿون ڪيون ته اهو ڪڌو رستو ڇڏي جو اُلڪري سندس ڏاڍي گلا ٿي هئي. پر سندس ماءُ اها عيش آرام جي زندگي ڇڏڻ پسند نه ڪئي. جوان کي غيرت اچي وئي ۽ آپگهات ڪري پنهنجي جيون جو انت آڻي ڇڏيائين."

هڪ ڏينهن "سٽرلنڊ" اخبار ۾ پڙهيم ته هڪ نوجوان پاڻ کي گولي هڻي پنهنجي حياتي ختم ڪئي. اهڙي قدم جو ڪارڻ اهو هو جو ڪيس خاطري ٿي ته سندس ماءُ پيءُ جي شادي ٿيل نه هئي بلڪ هيءُ اُنهنجي ڪام واسنا جو شاديءَ کان ٻاهرين جو اولاد هو. اُن ڪارڻ هن پنهنجي دوستن ۾ گهٽتائي سمجهي. اهو ٺيڪ آهي ته سندس پيءُ جو جنگ کان موٽي اچي هنجي ماءُ سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ٿيل هو. پر هو جنگ ۾ ئي مري ويو. هن جوان پنهنجي نجات موت ۾ ئي حاصل ڪئي.

اهو ڪهڙو نه ضروري آهي ته ماءُ پيءُ کي پوتر جيون گذارڻ گهرجي!

سان ڀريل رهن ٿا. انهن ڇپي پنهنجو ٻيون ڪابي هٿ لئي خالي ڪيائين جو سڄو سولين مهرن سان ڀريل هو.

مون کي خبر هئي ته هو رشوتخور هو. هن جي حال لئي رحم ايندو هو. هنڪي ڇهن مهنن بعد رٽائر ڪرڻو هو انڪري جيترو ٿي سگهيس ٿي اوترو وڌيڪ رشوت وٺي هو ڌن ڪٺو ڪري رهيو هو. سرڪاري آفيسر جيڪي ڪيس سڳه سوڌو پڪڙڻ لاءِ ڪوشش ۾ هئا، سي نيٺ ڪيس پڪڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا. هنڪي گرفتار ڪيو ويو ۽ عارضي طور نوڪريءَ کان ٻه لاٿو ويو. اُنس مقدمو هليو ۽ هن هزارين رپيا خرچ ڪيا. هنجو پٽ هميشه سندس طرف ڪٽيندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو پيءُ کي سزا ملي ۽ ڳرو ڏنڊ ڏيڻو پيس. پٽ پيءُ جو نقل ڪندو هو. اُنڪي به وڪالت جي ڊگري ۾ بد وهنوار جي ڪري سزا ڏني وئي ۽ سندس سند ڪسجي وئي.

ڪي لـه اهڙا ٻـه ٻار آهن جي ماءُ پيءُ کي ڀڳوان وانگر پوڄين ٿا. هڪ دفعي مون اخبار ۾ پڙهيو ته ڪيئن ڪئپٽن انگلنڊ جي وزير اعظم گليڊسٽن جي خانگي جيون جي ٻرائين بسبت ڪجهه لکيو. پرلوڪواسي گليڊسٽن جي پٽ اُن لئي ڪيس داخل ڪيو ته ڪئپٽن جو هوش ٺڪاڻي اچي ويو ۽ محسوس ڪيائين ته گليڊسٽن تي مڙهيل الزامن کي ثابت ڪرڻ لاءِ وٽس ڪو ثبوت ڪين هو، ان ڪري ڪيس پنهنجي لکڻيءَ لاءِ سزا نصيب ٿيندي. هن ڪورٽ کي عرض ڪيو ته لارڊ گليڊسٽن جي پٽ کي چئي ته ڪيس معاف ڪري. هن چيو "نه، مان هن ماڻهوءَ کي معاف نه ڪري سگهندس. هن منهنجي شاهاڻي پيءُ جي بي عزتي ڪئي آهي. مونکي فخر آهي ته منهنجي ماءُ پيءُ جو ٻالڪ ۾ نيتيءَ انوسار بلڪل پورو وهنوار هو." لائق ماءُ پيءُ پنهنجي ٻارن لاءِ عمدا مثال ٿا پيش ڪن ۽ اهڙي ماءُ پيءُ لئي ٿي هرهڪ ٻار کي لاز

مولڪي شادي ڪرائي هڪڙي سونهري. جتي هي رهندو آئي
مان رهندس. جيڪڏهن هي ٻرڏن رهيو ته غريبيءَ جي
ڏک ۾ ڪيس آئٽ ڏيندس، جي ڪيس زندگيءَ ۾ ڪاميابي
نصيب ٿي ته سندس پيار ۽ عزت جو فائدو ماڻيندس. ان
ڪري مولڪي روڪ نه ۽ مولڪي هن سان گڏ وڃڻ ڏي."
آئين چئي هوءَ هيمت لهي آئي ۽ پنهنجي پٽيءَ جي، جنهنکي
سندس پائرن بي عزتو ڪري ڪڍيو هو، پٺيان هلڻ لڳي.

ڇوڪريءَ جي ماءُ ۽ پائر ڳوڙها ڳاڙي روئڻ لڳا ۽ مون
کي چيائون ته "ڇا هيءَ ڇوڪري بيوقوفي نه ڪري رهي آهي
جو هيڏو عيش آرام ڇڏي هنجي پٺيان ٿي وڃي؟" مون چيو
"سندس اهو قدم ساراهڻ جوڳو آهي. شادي ڪرڻ سان ٻن
آلماڻن جو پيار ۽ ميلاپ ٿئي ٿو ۽ ٻئي ڏک سک، لٽيءَ ٽڏيءَ
۾ هڪ ٻئي سان همدم رهن ٿيون. ڏک سک، غربت امري
تندرستي خواه بيماري اُنهنجي اَٽل پريم جي راه ۾ رڪاوٽ
نٿا بڻجن."

ٻن سالن بعد مان وري اُنهن سان گڏيس ۽ ماءُ ۽ پاڙڻن کان
هن جي ڏيءَ ۽ سندن نياڻي جو حال پڇيم. هنن ڏاڍي
اُتساه مان ٻڌايو "هن ڇوڪريءَ ته پنهنجي پٽيءَ کي سمت
ٻنائي ڇڏيو آهي. هو هڪ مندر جو مهنت ٿي ڏاڍو مشهور
ٿي ويو آهي. پنهنجو ۽ ڪٽنب جو ٻ نالو ڪڍيو اٿس."

جڏهن اهو نوجوان گڏيو ته چيومانس "تنهنجي ڪاميابيءَ
تي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان." هن چيو "مان ته پنهنجي
زال جو ڏاڍو شڪرگذار آهيان جنهن مونکي ماڻهو ٻنائي ڇڏيو.
هوءَ جيڪڏهن اُنوقت مون سان ساٿ نه ڏئي ها ته مان تباه
ٿي وڃان ها. اُنهيءَ موقعي تي سندس نيڪ وهنوار مونکي
برباديءَ کان بچائي ورتو ۽ نئون جيون ڏنو."

نيڪ عورت، جا مرد سان ڪلهي سان ملائي ڏک

پتي-پتني سنبنڌ کي هميشه اڳرائي ڏيڻ گهرجي

شاديءَ بعد اهو بلڪل ضروري آهي ته پتي پتني هڪ ٻئي سان دائم سنبنڌ رکڻ جو پورو خيال رکن. هڪ دفعو به اُن جو ويچار نه رکيو ويو ۽ جيڪڏهن اهو ناتو ٽٽو يا گهٽيو يا هڪ ٻئي مان شڪ ۽ شرڌا گهٽي ته گهرو مصيبت چالو ٿيندي.

هڪ ڏينهن مان هند جي اُتر اولهين سرحد جي هڪ شهر ۾، جتي منهنجا مائٽ رهندا هئا، ويس. اُتي پهچندي ئي هڪ عجيب نظارو ڏٺم. منهنجا ٻه مائٽ، جي واپاري هئا، پنهنجي پٽوڻي سان، جو انهن وٽ ئي ڪم ڪار ڪندو هو، نهايت ڪروڌ ۽ غصي مان ڳالهائي رهيا هئا. سندن پٽوڻي، اِها پنهنجي بي عزتي سمجهي ۽ نوڪري ڇڏڻ جو دڙڪو ڏنو. هن مالڪن هنکي چيو "تون گذر لاءِ اسان تي دارو مدار ٿو رکين ۽ نه اسين تو تي." هن جي پٽوڻي جواب ۾ چيو "مان بک مري ويندس پر اوهان کان هڪ ڪوڏي به گذر لاءِ نه وٺندس." اِئين چئي هو پنهنجا ٽپڙ ڪڇي مثل جهڙي آفيس ڇڏي روانو ٿيو.

آفيس مان نڪرڻ کان اڳ مون هڪ ٻاويهن سالن کن جي استريءَ کي زور سان چوندو ٻڌو "سائين مهرباني ڪري ترسو، مان به اوهان سان گڏجي هلندس." سندس ماءُ هي حال ڏسي دنگ رهجي ويئي ۽ هن کي چيائين "ڌيءَ، جيڪڏهن هنجي پٺيان وينديئن ته بک مري وينديئن پر جي تون هت رهنديئن ته شايد نوڪريءَ جي ضرورت ۽ تنهنجو پيار هنکي هتي وري واپس وٺي اچي." استريءَ ڏاڍو عجيب جواب ڏنو، "امان مان جيوَن سان جوا نٿي کيڏڻ چاهيان،

۾ به هميشه گڏ اچن ٿا. جڏهن هنجي پتني روئي ڪندي آهي تڏهن به هي هنجو ساٿ ڏيندو آهي ۽ هنجي شيوا ۽ ڪم جي ساراهه ڪندو آهي ۽ ڌنيواد ڏيندو آهي.”

هن خوش نصيب جوڙي جو مثال ڪيترن لاءِ رهبريءَ جو ڪم ڏيندو رهيو جو هنن خوش زندگي گذاري. هنن جي خوشيءَ جو راز اهو آهي جو هو فقط هڪ ٻئي لاءِ جيئندا رهيا هڪ ٻئي جو ساٿ ئي سندن لاءِ نعمت هو. هو هڪ ٻئي جو مانُ ڪندا هئا. هوءَ ڪفايت سان رهي پنهنجي ٿوري آمدنيءَ مان به ڪجهه نه ڪجهه بچائيندا هئا.

مان اڪثر ونن ويندو هوس. انهنجي سادگي، سچائي ۽ گڻن جي ساراهه ڪندو هوس ۽ ٻين کي به انهنجو پنهنجي اُپديشن ۾ مثال ڏيندو هوس.

جيڪي پتي پتني انهيءَ ڳالهه کي نظر انداز ٿا ڪن، اهي پنهنجي گهر و جيون برباد ڪيو ڇڏين. هڪ شادي ڪيل زال هئي جا هميشه پنهنجي ماءُ جي طرف کڄندي هئي ۽ کيس مڙس کان به زياده چاهيندي هئي. سندس پتي پڙهيل هو ۽ کيس ڪافي پيار ڪندو هو ۽ خوش رکڻ چاهيندو هئو. هوءَ استري پنهنجي ماءُ وٽ، جا ساڳئي شهر ۾ رهندي هئي گهڻو لڙو ايندي هئي. ڪجهه وقت ته سڀ ٺيڪ پيو هلندو هو. پر ٿوري وقت بعد جڏهن انهڪي ٻار ٿيا تڏهن هوءَ ٻارن جي جدائي برداشت ڪري نه سگهيو، خاص ڪري جڏهن هوءَ ڪم تان موٽندو هو ته چاهيندو هو ته ٻار گهر ۾ موجود هجن. وقت آيو جڏهن سس نانيءَ کي چيو ته هو زال ۽ ٻارن کي مهنو ڪن ونس رهڻ جي موڪل ڏئي. نهايت دکي دل سان نانيءَ اهو قبول ڪيو. پر مهنو پوري ٿيڻ بعد به زال واپس نه آئي. جڏهن سندس پتي کيس وٺڻ آيو تڏهن هن کيس چيو ته ١٥ ڏينهن ٻيا به موڪل ڏي جو سندس ماءُ بيمار

سکھ ۾ ساٿ ڏئي ٿي سا اُھڙيءَ طرح مرد کي مصيبت کان
بچائيو وٺي.

ھڪ ٻئي جوڙي سان ڳڏيس. ٻئي منھنجا شاگرد ھئا. مون
کي حيراني لڳندي ھئي جڏھن ڇوڪر مونکي پنھنجي زال
جي ساراه ڪري ٻڌائيندو ھو. "ھوءَ نہ ھڪ ديوي آھي.
سندس ڪارڻ ئي مان زنده رھي سگھيو آھيان." پڇيومانس
تہ آخر ھن پنھنجي پتنيءَ ۾ اھڙو ڪھڙو گڻ ڏٺو ھو جو سندس
ساراه مان ئي نہ ٿي ڍاپيو. ھن چيو "ھوءَ مون خاطر رھي ٿي.
ھر مشڪلات جي سمي ۾ ھن منھنجو ساٿ ڏنو آھي. ھوءَ
ڪڏھن بہ شڪايت نٿي ڪري تہ منھنجي ڪمائي ٿوري
آھي. مان رشوت ھرگز ڪين ٿو وٺان. ھوءَ منھنجي ٿوريءَ
ڪمائيءَ مان بہ منھنجي جيون آنندمئہ ڪري ٿي. ھوءَ قيمتي
زيور ڪين گھري. ڪڏھن بہ منھنجي غريبيءَ کان بيزار ٿي
پنھنجي اَمير ماءُ پيءُ وٽ نٿي وڃي. ھوءَ تہ ھميشہ ائين
چوندي رھي ٿي: "منھنجي جاءِ تہ تنھنجي چرنن ۾ آھي.
جيڪڏھن تون راجا آھين تہ مان تنھنجي راڻي. جيڪڏھن
تون ڪنگال ٿي رھين تہ آءٌ بہ اناٿا جي جيون رھنديس
۽ ان حال ۾ بہ مون کي فخر رھندو."

مون اُنھنجو گھرو جيون بہ ڏٺو آھي ۽ مان چئي سگھان ٿو
تہ سک ۽ شرڌا واري پتني بہ سچ پچ وڏي نعمت آھي.

ھڪ ڏينھن مان گُرديو وٽ ويٺو ھوس تہ ھڪ وڏو آفيسر
اُن مھل سندس درشن لاءِ آيو. اُن وقت گرديوَ وٽ ھڪ
غريب ڪٽنب بہ ويٺو ھو جنھنجي ڪل آمدني مھني ۾ سٺ
رپيہ ھئي. ھن گزيٽيڊ آفيسر گرديوَ کي ھٿ جوڙي چيو تہ
"سائين مان سوين رپيہ پگھار ٿو کٽان پر ھن غريب جوڙي جي
ڀيٽ ۾ ڪئہ جيترو بہ خوش نہ آھيان. ھو ٻئي ڳڏ سڪول ۾
پڙھائڻ وڃن ٿا. سڪول ڏان اچي ڳڏجي گھمڻ ٿا وڃن. سٽسنگ

مٿي آهي. مڙس ڪان بہ وڌيڪ ٻيو پيارو هئڻ گهرجي. سو هن مڙس کي اهڙو تہ ڇنبي ۾ سوگهو ڪيو جو جيڪا بہ پائي کيس ملندي هئي سا هن کي آڻي ڏيندو هو. پنهنجي ماءُ جي غلط راءِ تي هلي هيءَ بہ سمورو پيسو زيورن ۾ لڳائيندي رهي. چون ٿا تہ کيس اٽڪل ٣٠٠٠٠ هزارن ڪن جا زيور هئا.

اتفاق سندس مڙس ڪنهن ڪيس ۾ اڙجي ويو ۽ سندس آفيسر کيس چيو تہ يڪدم ١٠٠٠٠ رپيا حوالي ۾ جمع ڪري ڇڏي تہ هو ڳالهہ کي لٽ مٿي ڪري ڇڏيندو. هن پنهنجي آفيسر جي مهرباني هڪ قدرتي مهرباني سمجهي. سو هو گهر ويو ۽ سمورو قصو زال کي ڪري ٻڌايائين ۽ چيائينس "رپيا ١٠٠٠٠ ڏي تہ سزا کان بچي پوندس ۽ نوڪري بہ قائم رهندي." پر زال تي ڪوبہ اثر ڪين ٿيو. هن چيو "ٿورو جيل آيو تہ ڇا ٿيو. ١٠ هزار رپيا روز روز تہ ڪونہ ملندا." هن پتيءَ سمجهيو تہ هاڻي بچڻ جي ڪا راهہ ڪانهي ۽ اِنڪري هن پاڻ ڪورٽ جي حوالي ڪيو. کيس ٻہ سال سزا آئي.

سندس بيوقوف زال ۽ سس جيئن پيڙيءَ ۾ شهر ڇڏي وڃي رهيون هيون تہ پيڙي درياهہ ۾ اونڌي ٿي پئي ۽ سندس سموري ملڪيت واري پيٽي سون درياهہ ۾ ويئي. اهڙي طرح هن زال پتي بہ وڃايو تہ دولت بہ گنوائي.

اهڙا هزارين مثال ملندا جيڪي هن سچائيءَ جي تصديق ڪندا تہ ڪيئن وواهت جيون ۾ پنهنجي ساٿيءَ کي دل ۾ پورين جڳهہ نہ ڏيڻ سان پريوار نشٽ ٿي ويندا آهن. منهنجو اهو پڪو راءِ آهي تہ شاديءَ کانپوءِ پتي پتنيءَ کي هڪ ٻئي ۾ پيار وشواس، وفاداري، شرڌا ۽ تياڳ کي پورين جڳهہ ڏيڻ کپي، جيڪڏهن هنن کي پنهنجو پريوار ۽ جيون سرڳ سمان ڪرڻو آهي!

هئي. مرد لاچار ٿي دل سان واپس آيو. ٥ ڏينهن بعد وري ڪيس وٺڻ ويو ته ڏٺائين ته هوءَ ساڻس گڏ نه آئي. اهو سڀ فقط ماءُ جي ڪري ٿيو. مرد آخر ڇڪي ٿي پيو ۽ هيٺين گفتگو انهن جي وچ ۾ هلي.

"هينئر تون واپس نه هلندينءَ ته مان وري ڪڏهن به توکي وٺڻ نه ايندس."

"توهان کي اهڙي ئي مرضي نه ڪرڻ گهرجي. منهنجي ماءُ جو منهنجي مٿان ڪو به حق نه آهي؟"

"انجو توتي حق آهي ۽ مان چوان ٿو ته هوءَ هميشه لاءِ توکي پاڻ وٽ رکي."

ان وقت ساڻس جڏهن مٿيان اکر ٻڌي ورتا ٻاهر نڪري آئي ۽ چيو "پٽ اهڙو نه ٿيءُ جو ڪڏهن تون هن کي سڄي عمر مون وٽ ڇڏڻ لاءِ تيار آهين ته مان توکي مدت کان ڪڍائيندس ته هن کي وٺي وڃ. تون بيشڪ هن کي مون وٽ ڇڏي وڃ ۽ تون ٻي شادي ڪر."

مرد ٻارن کي وٺي گهر آيو ۽ زال کي سس وٽ ڇڏي ويو. مڙس کي ڪنهن ٻڌايو ته زال ويهن سالن تائين مڙس وٽ نه ويئي. هن بيوقوف زال غلط قدم کنيو. آخر جڏهن ٻار وڏا ٿيا تڏهن وڃي انهن ٻارن هنجو سمجهوتو ڪرايو.

هن جوڙي جي مثال مان، مان اها راءِ جو آهيان ته وواهت جيون ۾ زال کي پنهنجي مڙس کي سڀني رشتيدارن ۽ دنيا جي شين کان مٿي دل ۾ [illegible] ڏيڻ گهرجي ۽ انجو ڀرپور خيال ڪرڻ کپي.

هڪ استريءَ جي ڳالهه ڪندا آهن ته هن هڪ سرڪاري ملازم سان، جنهن جي چڱي پگهار هئي، شادي ڪئي. هو رشوتخور هو، انڪري سندس آمدني گهڻي هئي.

هن زال کي ماءُ اهو سبق سيکاريو هو ته پنهنجو سڀ کان

هن وڏوا جواب ڏنو "راجا صاحب، اوهان جيڪا آڇ ڪئي آهي اُن لاءِ تمام ٿورائتي آهيان پر مون کي هيءَ هڪ ئي ٻار آهي جو منهنجي جيوَن جو سهارو آهي. مان هن کان اَلڳ رهي نه سگهندس. اُن هوندي اوهان جي آڇ ڪيس ٻڌائيندس ۽ جيڪو جواب ڏيندي تنهن کان اوهان کي ٿورن ڏينهن ۾ واقف ڪندس."

راجا ماٺ ڪري ڪمن ويٺو. ڪيئي ڀيرا ڇوڪر کي ڏٺائين. ڇوڪر آئينده جي سبز باغ جي لالچ ۾ اچي ويو.
آخر هيءَ شادي ٿي ۽ ڏاڍي عزت سان ڇوڪر کي ڪنوارپتي گهر وٺي ويا.

ڇوڪر به ڇڱيءَ طرح محنت ڪندو رهيو مئٽرڪ ۾ به پهريون نمبر آيو ۽ اڳتي به ڇڱي درجي سان پاس ڪيائين. سندن جيوَن خوشيءَ سان گذري رهيو هئو. آخر آڪاش ۾ ڪجهه ڪارا بادل آيا جنهن ڇوڪر جي آئينده کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. آهستي آهستي سندس زال کي هيءَ خبر پيئي ته سندس مڙس جو دارو مدار اُنس آهي. اهو سمجهڻ جي بدران ته اها مدد سندس لاءِ سوڀاڳيه آهي جو هوءَ پنهنجي ساليءَ جي ڪم اچي سگهي ٿي، هوءَ اُلٽو پاڻ کي سرس سمجهڻ لڳي. چوندا آهن ته اهڙي حالت ۾ رهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. هنجي پتيءَ ڪوشش ڪئي ته اها زال جي طرفان بي عزتي برداشت ڪري جو ڪيس سهوليتون ڪافي مليون ٿي. آخر هڪ اهڙو ڏينهن آيو جو هو وڌيڪ بي عزتي برداشت ڪري نه سگهيو ۽ هن زال کي چيو "پياري، مونکي اهو محسوس نه ڪراءِ ته مان هڪ ڀڪاري ۽ گهٽ درجي جو ماڻهو آهيان. آخر مان تنهنجو پتي آهيان. گهٽ ۾ گهٽ جيتري زال کي پنهنجي پتيءَ کي عزت ڏيڻ گهرجي اوتري جو حقدار آهيان. جيڪي سهوليتون تنهنجي پيءُ ڏنيون آهن تن

هڪ پٽ جي شيوا هڪ سوڀاڳ آهي

هن صديءَ جي شروع ۾ هڪ ڪتاب هٿ لڳم جنهن ۾ هڪ وچتر ڪهاڻي پڙهم جا نه فقط روچڪ هئي پر نصيحت واري پڻ.

هڪ تمام امير زميندار کي، جنهن کي ماڻهو 'راجا' ڪري سڏيندا هئا، هڪ اڪيلي ڌيءَ هئي. جڏهن هوءَ وڏي ٿي ته کيس اُن لاءِ هڪ ڀوڳيه وَر جي ڳولا ڪرڻي پيئي. جيئن ته کين ٻيو ڪو به اولاد ڪونه هو ان ڪري سندن مرضي هئي ته نياڻيءَ لاءِ پنهنجي ذات مان ڪو اهڙو وَر ڳولهي جو هميشه لاءِ ساڻن گڏ رهي.

زميندار اهڙي وَر جي ڳولا ۾ لڳو جو غريب پر ذهين هجي ۽ جنهنجا مائٽ هن کي اجازت ڏين ته هو ساهري گهر ۾ ئي رهي. هن ڪن چڱن سڪولن ۾ اهڙي ڇوڪر جي ڳولها ڪئي. خوش نصيبيءَ سان هن کي هڪ غريب ڇوڪر مليو جو سڪول ۾ پهريون نمبر ايندو هو. هيڊ ماستر کي به ڇوڪرو پسند هو. زميندار هن کان گهر جي پالين بابت پڇيو ۽ گهر جو پتو ورتائين. اهو ڇوڪر هڪ ودوا جو پٽ هو. زميندار هڪ ڏينهن اُن ودوا وٽ ويو ۽ سڀي ڳالهه ٻڌايائينس ۽ چيائينس "شريمتي جي، مون توهانجو پٽ ڏٺو آهي ۽ پسند ڪيو آهي. تمام لائق ڇوڪر آهي. مون کي چڱو پيسو آهي. مان کيس هندستان جي عاليٰ تعليم ڏيندس. جيڪڏهن ولايت پڙهڻ جو شوق هوندس ته مان کيس ٻاهر سان وٺي ويندس ۽ عزت سان رهڻ وغيره جو پربنڌ ڪندس. جيڪڏهن توهان پٽ کان الڳ ٿيڻ قبوليو ته اسين سندس زندگي بڻائي سگهنداسين."

جيون جا اوچ آدرش

واسطي جيون جو آخر آدرش ڇا آهي؟ مهنجي گروديو ان سوال جي اُتر ۾ نهايت سهڻو جواب ڏنو آهي. "ساڌارڻ واسطي جيون جو آڌار ڪام واسنا جي ترپتي آهي. گهڻو ڪري گهوٽ ۽ ڪنوار جا خيال ۽ ڪرم اُن واسنا ۾ اُلجهيل رهن ٿا. هنن جي سامهون واسطي جيون جو ڪوئي اوچ آدرش ڪونهي. اُهي پنهنجي آتمڪ جيون جي وڪاس جي وشيه ۾ ڪو ويچار اُهي ڪونه ڪندا آهن. هو ڀاڳ ۾ ملي اهو ڪڏهن نه سوچيندا آهن ته پنهنجي جيون جي اوگڻن کان ڪيئن موڪش پائين. اُهي ڀاڳ ۾ ملي ويچار نه ڪندا آهن ته هو پنهنجو سمبنڌ ڪيئن ڌارمڪ ڪن ۽ پنهنجي پريوار ۽ جيون کي ڪيئن اوچ ۽ سرشٽ ڪن. گهوٽ ڪنوار جا ماتا پتا ڪيئن ٿيندا ۽ اوچ جيون جي خيال ۽ آدرش کي جيون ۾ ڪيئن جاء ڏيندا، جڏهن هو فقط هڪ ٻئي ڏانهن سارو وقت ڪامي نگاهن سان نهاريندا! هنن جو سمبنڌ سرشٽ ڪيئن ٿي سگهي. جڏهن هنن جي ڳالهه ٻولهه، کل مسخري، ڪام مولڪ آهي."

هڪ ٻئي هنڌ گروديو چيو آهي "ڪام واسنا ۽ اُن جي ترپتيءَ جو ويچار ازخود برو نه آهي. ڇاڪاڻ جو اُن بنا نه منش سماج جي اُتپتي، واڌارو ۽ قائم رهڻ ٿي مشڪل ٿي پوندو. پر ڪام جي وس ٿي اُنجو غلام ٿي رهڻ سان ماڻهو پنهنجو عقل ۽ اخلاق کوهي ٿو وهي. ان ڪارڻ ٿي ڪي ٿورا ماڻهو آهن جي جوانيءَ جو آنند ٿورو وقت ٿي مس ٿا ماڻي سگهن. اسانجي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو ڇاهي زالن ۽ مردن جو گهڻو ئي برو حال آهي. اهڙن ڪمزور ۽ دربل

هن جي پڙهائيءَ جو خرچ نه ڏئي سگهندا. مون کيس چيو ته "پٽ تون ٻن سالن لاءِ ڪاليج ۾ ڪيئن گذر ڪندين؟" هن جواب ڏنو "منهنجي زال ٽرينڊ ٽيچر آهي. ڪيس نوڪري آهي ۽ هن ئي مون کي چيو ته مان پڙهان. پاڻ منهنجي مدد ڪري رهي آهي." پڇومانس ته جڏهن هوءَ توکي مدد ڪري ٿي ۽ هن کي خبر آهي ته تون هن لئي ٻوجهه آهين لڏهن لوسان سندس ڪهڙو رستو آهي. ڇا هوءَ اِئين ڪين سمجهي ته تون اُلس ٻوجهه آهين ۽ هوءَ توکي مدد ٿي ڪري؟ هن جواب ڏنو "نه، هوءَ اهو خيال من ۾ به ڪين آڻي. جڏهن ڪيس هر مهيني پگهار ملي ٿي اچي منهنجي قدمن ۾ رکي ۽ چوي ته هي مهرباني ڪري سوڪار ڪريو ۽ سوڪار ڪري مون کي خوشي پردان ڪريو."

مون هن ڏيويءَ جو درشن ڪيو. ڌن هئي. هيءَ سرڳواس ٿي ويئي آهي پر سندس مثال هميشه اکيان اڳيان اٿم ۽ جڏهن ياد ايندو اٿم ته ڪيس شرڌانجلي ڏيندو آهيان.

وواهت سنسار ۾ ڪيترا مثال ڏٺا اٿم. جيڪي پتي پتني هڪ ٻئي جي خدمت ڪرڻ ۾ پنهنجو سؤڀاڳيه سمجهن ٿا اهي پنهنجي گهريلو جيون کي سرڳ بڻائين ٿا. پر جيڪي هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ ڪري گهمنڊ ٿا ڏيکارين ۽ اڳلي کي گهٽ ٿا سمجهن سي وواهت جيون کي نرڪ ڪري ٿا ڇڏين.

ڌرم پتنيءَ جي اَچانڪ موت جي ڪارڻ ٿيو آهي. اَهڙيءَ لائق ۽ پوتر استريءَ جو اَچانڪ موت، جنهن استريءَ جاتيءَ لاءِ ڪافي ڪجهه ڪيو هو، نه فقط توهان لاءِ يا مون لاءِ بلڪ ساري پنجاب جي استري جاتيءَ لاءِ به وڏو گهاٽو ۽ دک جو ڪارڻ آهي."

ڪيئن هڪ اَڻ پڙهيل ڇوڪري جنهن جو جنم ۽ پالڻ پوشڻ هڪ ڪٽر سناتن برهمڻ جي گهر ۾ ٿيو، جا سخت پردي ۾ رهندي هئي، ۽ جنهنکي زالن جي وديا پرائڻ خواهه انهنجو سماج ۾ ڪليو هلڻ سخت ناپسند هو، قوم جي انهن روشن ستارن مان هڪ ٿي سگهي هوندي، اِها ڳالهه سکيا کان خالي نه آهي. منهنجو گرو ديو سانئس ڪهڙو رستو رکندو هو ۽ ڪهڙو آتمڪ رشتو انهن جو پاڻ ۾ هو، اُن مان ٿي ڏسڻ ۾ ايندو ته هنجو پاڻ ۾ اوچ آتمڪ سنبنڌ هو.

گرو ديو سچ چيو هو ته "هر هڪ ودوان مان اِهائي آشا رکجي ته هوُ پنهنجي گيان جو فائدو ٻين کي ڏيئي وديا ڦهلائي. پر عام طور ڏسبو ته آهي ڪٽر ماڻهو جي پاڻ پڙهيل آهن سي پنهنجي تنگ خياليءَ جي اَثر هيٺ پنهنجي استريءَ کي نه پڙهائين. تنگ دل هندو عورتون نڪي پاڻ ٿي پڙهڻ پسند ڪنديون آهن نڪي ٻين جو ٿي پڙهڻ پسند ڪنديون آهن."

اَهڙي ڪٽر زماني ۾ گرو ديو پنهنجي استريءَ شريمتي ليلاوتيءَ کي پاڻ هندي ۽ بنگالي پڙهڻ سيکاري ۽ اَنگريزي لاءِ به اَلڳ ماسٽر رکي ڏنو.

جيڪي به گرو ديو کي گيان هو، سو سڀ هن پنهنجي پتنيءَ سان ونڊيو. اُن ڪارڻ سندس استري نه صرف ڌرمي، راجنيتي ۽ سماجڪ ڳالهين ۾ ڪافي لهڻ ٿي وٺي هئي بلڪ ڪيترن هزارن ماڻهن کان هنجي گيان جو دائرو وڌيڪ هو. هن پنهنجي وديا کي پاڻ تائين محدود نه رکيو هو استريءَ

ماڻھن جي سنتان دنيا ۾ اچڻ بعد ڇا ڪري سگھندي؟ ان ڪري برھمچريہ پالڻ ڪنواري ھوندي بلڪل ضروري آھي ۽ وواھت جيون ۾ بہ انھيءَ پالڻ ڪرڻ نھايت لاڀدائڪ آھي. ھرھڪ کي واسنا جي غلاميءَ کان بچڻ جو يتن اوس ڪرڻ گھرجي. ڪام واسنا کان آزاديءَ بنا ماڻھو وواھت سمبنڌ ڪڏھن بہ ٺيڪ ۽ پورو نہ ڪري سگھندو. نڪو ئي ماڻھو استري جاتيءَ کي سچو سنمان ڏيکاري سگھندو ۽ نہ ئي پنھنجي سمبنڌ ۾ اوچ ۽ سرينشٽ ورتي آلھن ڪري سگھندو.

ھڪ ليکڪ لکيو آھي تہ ڪنھن بہ جاتيءَ جي سڀيتا جو اندازو ان مان لڳائي سگھبو تہ مردن جي دلين ۾ زالن جي لاءِ ڪيتري عزت آھي ۽ ھن سان سمبنڌ جو آڌار ڪھڙو آھي. وڏيڪ اندازو ان مان بہ لڳائي سگھبو تہ ھو ڪيتري قدر ھڪ ٻئي جي جيون کي اوچ بنائڻ ۾ سھيوگ ڏين ٿا.

منھنجي گوروءَ نہ فقط اھا سکيا ڏني بلڪ ان موجب ھلندو بہ ھئو. سندن شادي انوقت جي رواج موجب ننڍي عمر ۾ ٿي ھئي. ھو ١٢ سالن جو ۽ سندن استري ١١ سالن جي ھئي. ھوءَ بلڪل اڻ پڙھيل ھئي. ان جو جڏھن ١٨٨٠ ۾ ديھانت ٿيو تڏھن ملتان مان ھڪ سکر ماڻھوءَ لکيو "ھوءَ انھن اوچ آتمائن مان ھئي جيڪي استري جاتيءَ جي اپڪار لاءِ ڪم ڪن ٿيون ۽ جن کي جيڪر استري جاتيءَ جو آڌار ڪنڊ ۽ چئجي تہ بہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو."

ھڪ ٻئي لکيو "ھوءَ ساڌارڻ استري نہ ھئي. سندس اچانڪ ديھانت ڪارڻ ديش جو ڪافي نقصان ٿيو آھي. ھن مان اميد ھئي تہ ھوءَ جاتيءَ جي انتيءَ ۽ ديش جي ڀلي جي ڪم ۾ ڪافي ھٿي ڏئي ھا."

ھڪ شخص گروديو کي امبالا مان لکيو "مونکي پنھنجي استريءَ جي موت جو ايترو ڏک نہ ٿئي ھا جيترو اوھانجي

پتيءَ جي رشتيدارن سان

نِسوارٿ هلت

شاديءَ بعد ڪملا پنهنجي پتيءَ جي گهر کي ٿي پنهنجو بنائي اُتي الهيءَ جي مائٽن ۽ سڀني سان رهي ٿي. انڪري هن مان اها آشا رکجي ٿي ته هوءَ ان گهر ۾ سک ۽ شانتيءَ جي استاپنا ڪندي.

مون وٽ ڪاليج ۾ پڙهندڙ هڪ ڇوڪريءَ کي سندس ڀاڄائيءَ هڪ خط لکيو جو مون پڙهيو هو. ڇوڪريءَ جو ڀاءُ الهيءَ ڪٽنب جي پالنا ڪندو هو جو هوءُ اُن سڀني کان وڏو هو. پنهنجي ماءُ جي ڪٽنب جي سنڀال ڪرڻ ۽ پنهنجي ڀاءُ ڀيڻ کي پڙهائڻ، جن مان ڪي ڪاليج ۾ پڙهندا هئا، تن سڀني جو بار هن تي هئو. شاديءَ ڪانپوءِ ان ڳالهه جو دارومدار نئين ڪنوار تي هئو ته هوءَ پتيءَ کي پنهنجن ڀائرن ۽ ڀينرن جي پالڻ ۽ تعليم ڏيڻ لاءِ همٿائي يا اُنهن کان ڪنارو ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. هن نئين ڪنوار پنهنجي نڻان کي جيڪا سندس ڪاليج ۾ پڙهندي هئي خط ۾ هي لکيو:

”مان توهانجي گهر ۾ خدمت ڪرڻ ۽ ڪٽنب جي بهتريءَ لاءِ آئي آهيان. مون سائين کي چيو آهي ته هنجو پهريون فرض آهي اوهان سڀني ٻارن جي پڙهائيءَ جو ويچار رکڻ ۽ سار سنڀال لهڻ. تنهنجي ڀاءُ جي پگهار مان ڪري اسان اهڙي طرح وراهي آهي جيئن ڪٽنب جو چڱي طرح عزت آبروءَ سان گذارو ٿئي. اسان پنهنجي لاءِ بلڪل ٿورو رکيو آهي. سو تون پنهنجو خرچ جيترو ضروري هجي بنا حجاب جي لکي موڪلج. مان ڪوشش ڪري اُن جي پورائي ڪنديس.“

جاليءَ جي سڌاري ۾ لڳايو. شرڌمتي ليلاوتيءَ آدرش جيون گذاريو. هن جي پتيءَ گرو ديو جي اها اڇا هئي ته هنجي آتما کي اوچ آدرش ڏي پهچائين. اُن ۾ هن پورو ساٿ ڏنو ۽ اوچ جيون کي وڌايو ۽ بلند ڪيو.

گرو ديو سندس لاءِ نهايت وفادار ۽ پيار ڪندڙ پتي هو ۽ هوءَ به پنهنجي پورنتا، پريم، وفاداريءَ ۽ شرڌا سان پنهن جي پتي گرو ديو جي تمام ڪٺن مارگ ۾ سهائڪ ٿيڻ جي هڪ آدرش پتني ثابت ٿي.

گرو ديو کي به اُن جي مرڻ جو ڪافي ڏک پهتو. هن لکيو "١٨٨٠ جي انت ۾ مون تي هڪ وڏي مصيبت آئي. مان پنهنجي هڪ اُهڙي ساٿيءَ کي وڃائي ويٺس جو منهنجو اَرپيل دوست، ساٿي ۽ ڏک سک ۾ گڏ هلندڙ هئو. اها هئي منهنجي ڌرمپتني. کهڙو نه ڀاري نقصان آهي منهنجي لاءِ، جو اوچ جيون جو لالائي ۽ اڪيلو مسافر آهي اُن لاءِ اُهڙيءَ پتنيءَ جو مرڻ ڪيڏو نه دل ٽوڙيندڙ ڏک آهي. جيڪا منهنجي لاءِ هڪڙي ئي جيون سفر جي ساٿي هئي ۽ قدم قدم تي مون کي سچو دلاسو ۽ سرشٽ اُتساهه ڏيندي هئي ۽ جا منهنجي سچي وفادار متر هئي. هن نه پوري ٿيڻ واري نقصان منهنجي دل کي وڏي ڏک سان ڀري ڇڏيو آهي."

کهڙي نه شرڌانجلي گرو ديو پنهنجي اوچ آتما واري ڌرمپتنيءَ کي ڏني.

منهنجي اها اِڇا ۽ ڪامنا آهي ته گهٽ ۾ گهٽ وواهت جوڙا اهو سچ ڄاڻن ۽ محسوس ڪن ۽ اپنائين ته وواهت جيون آتما جي اوچ آدرشن ڏي بدل هئڻ کپي.

شادي ٿيڻ سان ئي هن ڇوڪريءَ پتيءَ کي چيو ته هڪ رسالو رکي. ڪجهه ڏينهن بعد پتيءَ پنهنجي پتنيءَ کي اداس ويٺل ڏٺو. پڇيائينس ته، سندس اداسيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي. ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته گهر ۾ فقط رسالو آهي جو فقط ڪالهه جو ڪم ئي مشڪل ڪري ٿو سگهي. ٻيو ته ڪيتروئي گهر ۾ ڪم ڪار رهي ٿو، جنهن ڪارڻ هوءَ ٿڪجي ٿي پوي. جيئن ته هي جوان ڪنس ڏاڍو پيار ڪندو هو ۽ سندس خوشيءَ لاءِ سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هو. هن هڪدم سندس ڳالهه مڃي ۽ هڪ ٻيو نوڪر رکي ڏنائينس.

سال کن کان پوءِ ڇوڪريءَ جو هڪ لکمو ڀاءُ واپار ۾ ناڪامياب ٿيو هو ونس آيو ۽ چيائين ته مون کي زور آڙي ۾ هزار پائونڊ وٺي ڏي. هن خود غرض پتنيءَ اهو ويچار ڪونه ڪيو ته سندس پتي اهڙو ٻيو ڪٿان ڏيئي سگهندو پر هن عورت کي ته پنهنجي ڀاءُ جي مرضيءَ رکڻ سان مطلب هو. پتيءَ جي لاچاري ۽ ناڪار ڪرڻ جي باوجود به هن پتيءَ کي مجبور ڪري ۲۰۰۰ پائونڊ ڀاءُ کي وٺي ڏنا. ان ڪارڻ پتيءَ جو هٿ تنگ ٿي پيو.

آخر هڪ ڏينهن هن پنهنجو حال پتنيءَ سان اوريو ۽ چيائين ته هن ڏاڍيءَ مشڪلات ۾ آهي. جي گهر جو خرچ گهٽائي آمدنيءَ اندر رکيو ته گاڏو هلي سگهندو. پر هن پتنيءَ سندس ڪابه ڳالهه نه مڃي ۽ ڪمائيءَ کان به وڌيڪ خرچ ڪندي رهي.

ڪجهه وقت بعد هن پتنيءَ جي پيءُ جو موت گذاري ويو. هن اُن کي پاڻ وٽ ڪجهه ڏينهن لاءِ گهرايو. هوءَ پٽ سميت آئي ۽ رهڻ لڳي پر وڃڻ جو نالو ئي نه وٺي. اها ڳالهه اڃا رهي ته وري سندس ڀاءُ آيو جنهن ڪنس چيو ته پتيءَ کي وري به زور آڙي ۱۰۰۰ پائونڊ ٻيا وٺي ڏي. هن پتنيءَ پنهنجي پتيءَ جو ڪوبه ويچار نه ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي

هن خط ساري ڪتاب ۾ خوشيءَ ۽ شڪرگذاريءَ جي لهر آڻي ڇڏي. هن ڇوڪريءَ جي اکين ۾، جنهن ڏانهن هي خط لکيل هو، ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ چيائين ته اها ڪهڙي نه خوش قسمتي آهي ته گهر ۾ اهڙي ديوي روپ وڏي ڀاڄائي هجي. لڇمڻ زال لاءِ اهو نمونو آدرشي آهي.

هڪ نئين شادي ڪيل ڪنوار جي اجوڳي وهنوار جو پتو هن آکاڻيءَ مان پوندو جا هڪ پتيءَ ”ٽرو سٽوري“ (سچي ڪهاڻي) اخبار ۾ شايع ڪئي هئي.

هن لکيو ته هو البت شرميلو جوان هو. انڪري عورت ذات کان پري ڀڄندو هو. هو ڪڏهن به ڪنهن سماجڪ اُلسو، جتي زالون مرد گڏ هجن نه ويندو هو. مردن جي سنگ ۾ هو بلڪل چڱيءَ طرح هلي سگهندو هو پر زالن جي سامهون پاڻ کي نهايت منجهيل ۽ ملول پائيندو هو.

هڪ دفعي هن جو ڪنهن اهڙي سماجڪ اُلسو ۾ وڃڻ ٿيو جتي زالون ۽ مرد ڪٺا هئا. اتي هڪ ڇوڪريءَ هن جي ملول هئڻ جو ڪارڻ ڀانپي ورتو ۽ ساڻس همدردي ڏيکارڻ جو ويچار ڪيو. هوءَ وٽس ويٺي ۽ ڪيس ڳالهائڻ ۾ مشغول رکيائين. آهستي آهستي هو گهرا ٿيندا ويا ۽ هن ڇوڪريءَ هنکي ناچ جو سندن ديش ۾ عام رواجي هئو، سيکاريو ۽ ڪيس اهڙن موقعن لاءِ ڪيئن ملول محسوس نه ڪجي سو به سيکاريو.

هي جوان اُن ڇوڪريءَ جو نهايت شڪرگذار ٿيو. ڪيس پنهنجي نموني ٻڌايائين ته هو ساڻس شادي ڪرڻ ٿو چاهي. ڇوڪريءَ اها ڳالهه مڃي ۽ ٻنهي جي شادي ٿي گذري. هو هر ممڪن ڪوشش ڪري، اُن ڇوڪريءَ کي خوش رکڻ لڳو.

پر ڏک جي ڳالهه آهي ته هيءَ ڇوڪري خودغرض هئي. سندس هلت پنهنجي نئين گهر ۾ سڀني سان بلڪل اجوڳي هئي. هن خودغرضيءَ کان ٿي ڪم وٺڻ شروع ڪيو.

اهڙن دکدائڪ واقعن لاءِ اهڙيون نهر ٿي ذميوار آهن جيڪي ڄاڻي واڻي پتيءَ کي باقي پريوار کان جدا ڪري پاڻ سان جوڙيندڙيون آهن ۽ هن جو نتيجو ٿو پنهنجي ۽ پنهنجي ٻچڪي گهر جي سوارٿ ۾ لڳائيندڙيون آهن.

مان هڪ وواهت جوڙي کي سڃاڻان. جنهن پتيءَ پنهن جي پتنيءَ کي صرف ان ڪري ڇڏي ڏنو هو جو هن اهو چاهيو ٿي ته هنجو پتي ماءُ پيءُ ۽ ڀاءُ ڀيڻ کان الڳ ٿي ساڻس جدا رهي ۽ هو ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جي ڪابه پرواه نه ڪري. هن پتنيءَ جي هميشه اها شڪايت هئي ته هو سندس چوڻ نٿو مڃي. هنجو جواب ۾ چوڻ هو ته ”مان ڪيئن پنهنجي ماءُ پيءُ جو ساٿ ڇڏيان جن مون کي پاليو، نپايو، پڙهايو ۽ وڏو ڪري هن درجي تي پهچايو. انهن جي مدد بنا ته مان هرگز هن درجي تي پهچي ڪين سگهان ها، هنن کان سواءِ مان سک ۽ شانتيءَ سان نٿو رهي سگهان.“

اها خبر نه آهي ته ان ۾ ڏوهه ڪنهنجو آهي، پر جيڪڏهن پتني پنهنجي پتيءَ کي مجبور ڪري ٿي ته هو پنهنجو گهر ۽ مائٽ ڇڏي الڳ رهي ته اهو غلط آهي. جيڪڏهن پتني ۽ پتيءَ کي پنهنجو گهريلو سک نه آهي ته ان ۾ زال جو قصور آهي جو هوءَ خود غرضيءَ وس ٿي پتيءَ کي مجبور ٿي ڪري ته هو مائٽن سان فقط کيس خوش ڪرڻ لاءِ ڦٽائي ڌار ٿئي.

هڪ نامور ڪنڙي ليکڪ سماج جي هيءَ مشڪلات مٿان ٿي چاهي. هن پنهنجي هڪ مشهور ناٽڪ ۾ ماٽيلي ماءُ نائڪا بنائي. نائڪا غريب ماڻهوءَ جي ڌيءَ هئي ۽ هڪ امير سان، جنهن کي پهرين زال مان هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ هو ۽ پاڻ به ڪافي عمر جو هو، ان سان شادي ڪئي. هنن ٻارن پنهنجي ماٽيلي ماءُ جي ڪابه پرواه نه ڪئي ۽ ان کي نه چاهيندا هئا.

ٻنهي ڪٽنب وارن جو سوچي اهڙو نه ڪٿي ٻڪيڙو ميهاڙو جو مڙس کي لاچار ١٠٠٠ پائونڊ ڪيئي ڏيڻا پيا.

آخر مرد تنگ ٿي ڪيس ڇڏيو ۽ هڪ ڏينهن هيڪلي اڪيلو ڇڏي هليو ويو.

اهو هڪ پتنيءَ جو پنهنجي پتيءَ ڏانهن خواه اُن جي ڪٽنب ڏانهن غلط رخ آهي. اهڙي غلط رخ ڪارڻ گهر جي سک شانتي سڀ مرڪلائي ويندي آهي.

ٻيا ڪيترا اهڙا مثال ملندا جتي ڪنوار فقط پنهنجي گهوٽ جو نه. ويچار ڪندي آهي پر پنهنجي ساهري ڪٽنب جي ٻين ڀاتين ڏانهن لاپرواه رهندي آهي.

هڪ مثال ياد ٿو اچم جنهن مون کي ڪافي دکي ڪيو.

هڪ نوجوان، جو چڱيءَ آمدنيءَ وارو هو، شادي ڪئي. سندس پتني ڪيس پيار نه ڪندي هئي پر اهو نه چاهيندي هئي نه سندس پتيءَ تي ٻيو ڪوئي حق جمائي. سو آهستي آهستي هن پتيءَ تي اَلر هلايو نه. هوءَ ماءُ جو پاڻ تي حڪم هلڻ نه ڏئي. ماءُ لاءِ ڏکيا ڏينهن اچي ويا. هوءَ اهو سهاري نه سگهي نه. هميشه ننهن ۽ پٽ ڪيس ٽوڪيندا رهن. آخر اُن جي جهڙن برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿي پيئي ۽ پنهنجي پٽ جي اَهڙي هلت سبب گهر ڇڏي هلي وئي. هن ڪسي هاڻي پنهنجو گذارو پاڻ ڪرڻو پيو. هوءَ اُمير ماڻهن جي گهرن ۾ پاڻي ڀري گذران ڪرڻ لڳي. پاڙيوارن ڪيس اِن حال ۾ ڏٺو ۽ سندس ننهن کي نندڻ لڳا. پر هن پنهنجي پيسي جي زور تي پاڙي وارن کي وس ڪري ڇڏيو. چون ٿا نه هيءَ غريب ماءُ هڪ سوارڙي ڪمري ۾ اَڪيلي مري وئي. ڪو به سندس سنڀال ڪرڻ وارو ڪونه هو، جيتوڻيڪ سندس پٽ ۽ ننهن به ڪافي ملڪيت وارا هئا. اَهڙن ٻين جا مثال به ڪيئي ملندا.

جي پيتي کڻي آئي ۽ اَچي سندس هٿ ۾ رکيائين. کيس
چيائين ته "هيءُ زيورات تنهنجي ماءُ جي آهي. ساري
زيورات جا مون ٻه حصا ڪيا هئا. هڪ حصو تنهنجي ڀاڄائيءَ
کي ڏنم ۽ هي هڪ حصو تنهنجو آهي جو تون کڻ." ليکڪ
ٻڌايو ته نسوارت رهت اِي گهريلو پريشانين ۽ جهيڙي جو
علاج آهي.

اِها نه هڪ ڪهاڻي هئي جا مون پڙهي هئي پر مون کي
هڪ سچي واقع جو تجربو به آهي.

هڪ اَمير کي چار پٽ هئا. سڀئي شاديءَ کان پهرين
سک شانتيءَ سان ڪٺا رهندا هئا. جڏهن ٽنهي شادي ڪئي
ته ٽنهي نهرن گهر ۾ اَچي جهيڙو وڌو. آخر پيءُ ٽنهي پٽن
کي ڌار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڌار ٿيڻ جي تاريخ بہ مقرر
ٿي پر اَچانڪ سندس هڪ ننهن گذاري وئي. ڌار ٿيڻ کي
ايسين مهمل ڪيو ويو جيسين اهو پٽ وري شادي ڪري.
آخر هن جي وري شادي ٿي.

شاديءَ کان اَٽڪل ٻن سالن بعد اُها نئين ننهن بيمار ٿي
پئي. سڄو ڪٽنب هن جي چنتا ۾ ڇوڙ ٿي ويو. ٻين سڀني
پٽن ۽ نهرن هن ڇوڪريءَ جي سيوا ڪرڻ ۾ ڪائي ڪسر
ڪانه ڇڏي.

مون وڏيءَ ننهن کان پڇيو "ڇو اوهين سڀئي هن ڇوڪريءَ
جي بيمار هئڻ ڪارڻ ايڏا دکي آهيو؟" هن جواب ڏنو
"اوهان کي خبر آهي ته هن ڇوڪريءَ جي اَچڻ کان اَڳ
ٽنهي ڀائرن ڌار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو، پر جڏهن کان هن
ڇوڪريءَ گهر ۾ قدم رکيو تڏهن کان گهر جي حالت ئي
بدلجي وئي. هن پنهنجو مٺو مٺبي، ڪپڙو لٽو اَسان ٽنهي
ڏيراڻين جي حوالي ڪري ڇڏيو. اَسين سڀ واري سان گهر
جي روٽي ڪنديون هيوسين. پر هن ديويءَ سمورو ڪم

هوءَ ماٽيلي ماءُ نهايت ڏکي ٿي ته سندس شادي اهڙي ڪٽنب ۾ ٿي هئي جتي ڪيس اهو سنمان ۽ پيار ڪو نه ٿي مليو. پر هن پنهنجي پيار ۽ شيوا سان پنهنجن ماٽيلن ٻارن جي دل فتح ڪرڻ چاهي ۽ پنهنجي روز مره جي جيون جو وهنوار ٻارن سان اهڙو ته رکيو جو انهن کي اهو محسوس ٿئي ته هوءَ سوارٿڻ نه پر سچي سڄڻ ۽ سيوڪ هئي. هن پٽ کي ته پنهن جي وس ڪري ڇڏيو. جڏهن هن شادي ڪئي ته ڇوڪري جي سڳي ماءُ جي ڳهڻن جو اڌ سندس ڪنوار کي ڏنائين. پر هن ننهن کي سندس مٽن مائٽن ماٽيليءَ سس خلاف ڀڙڪايو هو جنهن ڪري هوءَ مڙس جا ڪن ڀرڻ لڳي. هڪ رات جڏهن هوءَ مڙس جا ڪن ڀري رهي هئي تڏهن مڙس کي اهڙو ته غصو آيو جو ڪمرو ڇڏي هليو ويو. هيٺ لهندي هن کي پنهنجي ماٽيليءَ ماءُ جي ڪمري وٽان لنگهڻو پيو. ماٽيلي ماءُ هن کي هيٺ لهندو ڏسي ورتو ۽ سندس پٺيان ڊرائنگ روم ۾ آئي. پٽ پنهنجي ڏک جو ڪارڻ ڪيس ٻڌايو. ماڻس پڇيو ته "ڪيس منهنجي خلاف ڪهڙي شڪايت آهي؟" پٽ جواب ڏنو ته "منهنجي زال ٿي چوي ته جيئن ته گهر جي ڪنجين جو ڇڳو هميشه تو وٽ ٿو رهي، تنهن ڪري هنجو آئينده سلامت نه آهي." ماٽيلي ماءُ يڪدم مٿي وئي ۽ ننهن کي سڏ ڪري کيس ٻاڪر پائي چيو "هي وٺ ڪنجين جو ڇڳو. سموري گهر جو ڪم ڪار تون سنڀال. مان ڏاڍي خوش ٿينديس." هن فراخدليءَ جي هلت ڇوڪريءَ جي من تي گهرو اثر ڪيو ۽ هوءَ اچي رڙ ۾ ڇنڪي. هن ڪنجين وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو "مان وري ڪڏهن به ٻين جي ڳالهين ۾ نه ايندس."

آخرين قدم جو هن ماٽيليءَ ماءُ ورتو هو سو هي هو- جڏهن هنجي ماٽيليءَ ڌيءُ جي شادي ٿي تڏهن هڪ زيورات

خسيس خسيس ڳالهيون وواهت جهون کي برباديءَ کان بچائي سگهن ٿيون

ڪي اهڙيون به خسيس پر سٺيون ڳالهيون آهن جي جيڪڏهن وواهت استري خيال ۾ آڻين ته ڪيترا گهر برباديءَ کان بچي پون ۽ سرڳ سمان ٿي پون.

هڪ ڏينهن مون اخبار ۾ هڪ ڪهاڻي پڙهي جنهن جو عنوان هو "مون ڪيئن پنهنجي گهر کي برباديءَ کان بچايو." ليکڪا اُن ليک ۾ لکيو هو-

”مان هڪ نوجوان کي ڏاڍو پيار ڪندي هيس ۽ ساڻس شادي ڪيم. اسان جا پهريان ١٢ مهينا ته ڏاڍي آنند سان گذريا پر اُن بعد مون ڏٺو ته هن جي ورتاءَ ۾ ڪافي فرق اچي ويو هو. اهو پهريون سڪ ڀريو نه رهيو. مون سخت ڪوشش ڪئي ته مڙس جي دل نرم ڪريان، پر جيئن جيئن ڪوشش ڪيم تيئن ڪم ويو بگڙندو. آخر مون فيصلو ڪيو ته مان مڙس کي چوان ته مون کان الڳ ٿئي. پر مان پنهنجي مڙس کان الڳ ٿيڻ اُن کان اڳ اهو ضروري سمجهيم ته پاڙي ۾ رهندڙ هڪ پيرسن عورت جا نهايت سمجهو ۽ همدرد هئي اُن سان صلاح ڪريان. مون پنهنجي دل جو حال ساڻس ڪيو ۽ کيس ٻڌايم ته مون پنهنجي پتيءَ کي ڪيئن نه خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ڪين ٿي هيس. هن مونکي شانتيءَ سان ٻڌو ۽ مون کان پڇيائين ته جڏهن منهنجو مڙس دفتر مان گهر واپس ايندو هو، تڏهن مان سندس سواگت ڪيئن ڪندي هيس. مون جواب ڏنو ته ”مان، جن شين جي گهرج هوندي هئي تن جي لسٽ سندس اڳيان رکندي هيس ۽ کيس اهي خريد ڪرڻ لاءِ هڪدم مارڪيٽ موڪليندي

پنهنجي ڪلهن تي کنيو. جڏهن اسان کي ڪمزوري لڳي، مٽي مٽيءَ جي ضرورت پيئي ته هن هڪدم ڪڍي ڏنو. هينئر ته بلڪل بدلجي ويا آهيون ۽ اسين ڌار ٿيڻ ٿا چاهيون. ڪيس سخت بيمار ڏسي منهنجي سهري جي دل کي وڏو صدمو رسيو آهي ۽ چوي ٿو ته جيڪو هن کي چاڪ ڪندو ان کي اڌ ملڪيت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

دڪ جي ڳالهه آهي جو هوءَ چاڪ نه ٿي ۽ گذاري ويئي. هيءَ ديوي جا سيٺي کي پنهنجي نسوارت ياد ڪري ڇڏيءَ ۽ گڏ رکي ويٺي هئي اُن جي گذاري وڃڻ بعد سيٺ هڪدم ڌار ٿي ويا ۽ وري نه گڏيا.

ڪيترا ڪٽنب ته ان ڪري برباد ٿيو وڃن جو انهن گهرن ۾ اهڙيون ڇوڪريون اچن ٿيون جي صرف خود غرضيءَ جو سبق ۽ وهنوار رکنديون آهن.

أنجي جواب ۾ مون چيو "لوڪي لسٽ ڏينديس ۽ جڏهن ٺيڪ وقت هوندو."

هن پيار جي لهجي ۾ چيو "پياري اڄ لوڪي خبر نه آهي ته تو مون کي ڪيتري قدر خوش ڪيو آهي. اڄ تو مونکي منهنجي گهر ۽ گهر جي راڻيءَ کي بچائي ورتو آهي."

هن ڪهاڻيءَ ڪيترن کي آنند ڏنو. ڪيترا ليکڪ زالن کي صلاح ڏيندا آهن ته هو گهرن کي ڪيئن سندر بڻائين. هڪ پادريءَ پرڻيل استرين کي هڪ سندر صلاح ڏني آهي جنهنجو مان هيٺ حوالو ڏيان ٿو.

"پهرين ضروري ڳالهه اها آهي ته هرهڪ پتنيءَ کي پنهنجو گهر صاف سٿرو ۽ ترتيب ۾ رکڻ گهرجي. پرش استريءَ جي بنسبت گهر کي وڌيڪ صاف سٿرو ڏسڻ چاهيندو آهي ڇو ته هو گهر کي پنهنجي لاءِ ٿوري دير جي لاءِ آرام ۽ خوشيءَ جي جڳهه سمجهندو آهي. جيڪڏهن گهر جون شيون سندر ترتيب سان رکيون وڃن ۽ گهر ۾ سورج جي روشنيءَ ۽ تازي هوا جو واس هجي ته گهر جو وايو منڊل راحت بخشيندڙ ۽ دلپسند ٿي پوندو.

مان پنهنجي آزمودي مان اهڙين صلاحن جي فائدن ٿي ڪافي مثال ڏئي سگهندس. مان هڪ دفعي پنهنجي ڪنهن مائٽ وٽ ويس ۽ انهنجي گهر ۾ ڪافي گوڙ گهمسان ڏٺي دڪ ۾ پئجي ويس. مرد زال سان واڪا ڪري ڳالهائي رهيو هو ته زال وري مرد کي ڪُتا جواب ڏئي رهي هئي. انجو ڪارڻ هي هو ته گهر جو سامان پکڙيو پيو هو. مرد چيو "اڄ آرتوار آهي. مان ڪم تي ڪونه ويندس ۽ سارو وقت گهر ۾ هوندس. مان اها اميد رکان ٿو ته ان ڏينهن ته گهٽ ۾ گهٽ گهر صاف سٿرو رهي جو مان ويهي آرام ته ڪري سگهان، پر انهن بدران ڏسان ٿو ته ننڍڙا ٽڪرا پکڙيا پيا آهن ۽ گهر گندو

هئس.“ پڇيائين تہ ڪيس روٽي ڪڏهن ڏيندي هئينءَ؟ تہ
چيم ”جڏهن هو مارڪيٽ مان واپس ايندو هو، تڏهن ڪيس
روٽي ڏيندي هئس.“

اها پوڙهي زال ڏاڍي سياڻي هئي. هن ٻيو ڪجھہ ڪين
چيو، فقط ايترو چيائين تہ سياڻي تنهنجي گهر ايندس، جنهن
وقت تنهنجو گهوٽ ڪم تي هليو ويندو آهي. مان تنهنجي
گهرور کي بچائي سگهنديس. عجب فقط اهو آهي تہ اوهان
جو گهر ايترا ڏينهن ڪيئن هلي سگهيو آهي.

ٻئي ڏينهن اُها پوڙهي زال منهنجي گهر آئي ۽ منهنجي
گهرُ نوڪرن جي مدد سان سڄي گهر کي بدلي صاف سٿرو
ڪيائين. اُن کان پوءِ هن ڪاڌي جي ڪمري کي سجايو ۽ ڪاڌي
جي ميز کي سينگاريو. هن سهڻا سهڻا گل ۽ ٻيون شيون نهايت
چڱيءَ طرح صفائيءَ ۽ ترتيب سان ٺاهي رکيون ۽ مون کي
چيائين تہ ”تمام صاف سهڻا ڪپڙا ڪر ۽ چست ڏيکاري ڏي.“
ڪجھہ ڪلاڪن جي ڪم بعد هن مون کي چيو ”هاڻي جيئن
تہ آفيس مان واپس اچڻ جو وقت اچي ٿيو آهي ۽ تنهنجو
گهوٽ بہ جاڳ تہ آيو. تون ٿورو اڳيرو وڃي ڪيس گهر وٺي
آءُ. ڪيس پنهنجي ڳالهائڻ سان تنگ نہ ڪجِ، پر ڪيس ڳالهائڻ
ڏجِ. هن کي سڌو ميز تي وٺي وڃج ۽ ماني ميٺ ۾ ڪيس
کارائج. ڪڏهن بہ غلطي ڪري گهر کي صاف رکڻ نہ وسارج
اڳي ميز کي گندو رکج، اڳي ٻاهر گندا ڪپڙا ڪج. ان
بعد تون مون کي اچي ٻڌائج تہ ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو.“
مون کي اهو سڀ ڪجھہ سمجھائي اها پوڙهي عورت موٽي
گهر هلي وئي.

جيئن هن مون کي صلاح ڏني هئي، مون تيئن ئي ڪيو.
جڏهن هن چڱيءَ طرح چانهہ پيتي، تہ مٺي مشڪراهٽ مان
پڇيائين ”پياري اڄ تنهنجي اسٽ ڪٿي آهي؟“

ڪي به چڱي طرح ڪپڙا ڪرڻ سيکاريو ته مان به سڌو آهيس مان گهر ونس ئي ايندس.”

مون هن نوجوان جي شڪايت واجبي سمجهي. ڪيترا نوجوان لاچار ٿي پنهنجي استريءَ هوندي به ٻين استرين وٽ رهڻ پسند ٿا ڪن جو گهر ۾ هنن جون زالون نڪي گهر کي صاف سٿرو رکن نڪي پاڻ کي، ٻيءَ چاهي هوءَ پنهنجي مرد سان ٿي اڪيليون ڇونه هجن.

نين صلاح جيڪا هن ليڪ پادريءَ پتنين کي ڏني، سا هيءَ آهي:-

”لوهان کي پنهنجي پتيءَ جي سڀني آهرن خيال لي جن کي هو وزن ڏيندو آهي، نيڪا نپٽي ۽ وروڌ نه ڪرڻ کپي. پر سندس هرهڪ خيال کي لوهان سوچيو، سمجهو ۽ ممڪن حد تائين پورو ڪيو. زالن کي فقط پنهنجي من ماني نه ڪرڻ گهرجي.”

اها به نهايت عمدي صلاح آهي. هڪ دفعي هڪ عزت واري عورت، جيڪا چڱي گهر جي وڏي هئي، دکي ٿي مون کي چيو:-

منهنجي هڪ پٽ تازو شادي ڪئي آهي. ڪنوار ۾ هڪ وڏو عيب آهي جو هوءَ گهر ۾ سڀني جي مخالفت ٿي ڪري. هوءَ ڌارين سان گڏجي به اسانجي وشواس لي نوڪمازي ٿي ڪري. اهو نٿي سمجهي ته ساهرن جي گلا ڪرڻ سان ۽ انهن جي خلاف ڳالهائڻ سان هوءَ پنهنجي ئي گهٽتائي ٿي ڪري ۽ ان ۾ پنهنجي مڙس جي ڪا ڀلائي نٿي ڪري. اهو نٿي سمجهي ته هوءَ به گهر جو انگ آهي. گهر جي عزت ۾ سندس عزت آهي. پنهنجي گهر جي گهٽتائيءَ ۾ ڪنهن به ته انجو حصو ملي ٿو. هوءَ اهو نٿي سمجهي ته هوءَ پنهنجي پتي دانو جي گهٽتائي ۽ گلا ڪرڻ سان ڪيتري قدر آهستي پڌرڪي

لڳو پيو آهي. مان ڪٿي وڃي ٻه گهڙيون آرام ۾ رهان؟"
زال ورائي ڏني "توهان الاجي هيئن نوڪر ڇو ٿي پيا آهيو!
منهنجي گهر کي ڇا ٿيو آهي. جنهن گهر ۾ ٻار هوندا اُتي ته
ٽپڙ ٽڙيا پکڙيا پيا ٿي هوندا. هر گهر ۾ جتي ٻار راند روند
ڪندا اتي اهائي حالت هوندي."

مون سمجهيو ته مرد جيڪي چوي ٿو سو ٺيڪ آهي، پر
سندس زال کي ڪجهه به چيم ڪين.

ٻي صلاح جيڪا ان نيڪ پادريءَ ڏني سا هيءَ آهي.
"هرهڪ استريءَ کي هميشه صاف ۽ سٺري رهڻ گهرجي.
ڀلي هوءَ پنهنجي مرد ساڻ اڪيلي هجي ته به پنهنجي سندرتا
جو پورو ويچار رکي. هرهڪ مرد اهو چاهي ٿو ته سندس
زال سندر هجي ۽ سندر لڳي. اهو هر استريءَ جو فرض آهي
ته پنهنجي پتيءَ جي نظر ۾ پاڻ کي سندر بڻائي رکي. عام
طرح ڪيتريون استريون ته فقط ٻين استرين کي ڏيکارڻ ۽
خوش ڪرڻ لاءِ ڪپڙا ڪنديون آهن، جنهن ڪري هوءَ تمام
گهڻا ڪپڙا خريد ڪنديون آهن. هرهڪ زال کي پنهنجي مرد کي
پسند ايندڙ ڪپڙا پائڻ گهرجن، نه ڪي ٻين کي پسند ايندڙ."

اها به هڪ بلڪل واجب صلاح آهي. هڪ دفعي هڪ
چست پڙهيل لکيل نوجوان جنهنکي پنهنجي زال سان پورو نه
رهڻ جي الزام ۾ لعنت ملامت پئي هئي، ونئي غصي ۾
اچي چيو "مهربان اوهان منهنجي زال کي گهر ۾ ڏٺو آهي؟
هوءَ بلڪل بي ڍنگي، ميرا ۽ گندا ڪپڙا ٿي گهر ۾ پائي ٿي.
مان جڏهن ڪيس ڏسان ٿو ته اهڙي ته بيزار ٿي اچي جو لاچار
اچي ونشاليه ۾ پناهه ٿيو وٺان. انهن ونشالن کي جنهڪي خراب
عورتون سمجهيو ٿو وڃي، انهن کي ڪجهه صفائي جي هير ۽
سهڻي پائڻ جو ڍنگ آهي. هوءَ ڪپڙا ته اهڙي طرح ڪن
ٿيون جو ڪين ڏسندي دل پيئي خوش ٿئي. منهنجي زال

١١

ايرڪا

منش ۾ ڪي اهڙا ڀاو آهن، جنهنجي اچڻ سان وواهت جيون نهايت دکدائي ٿيو پوي. انهن ڀاون مان هڪ آهي ايرڪا يا حسد جي آڳ.

هڪ عورت پنهنجي ڪمل علطيءَ جو داستان لکندي ٻڌايو ته هن ڪيئن نه پنهنجي لاءِ وڌواپڻو ۽ گهر جي برٻادي پنهنجي هٿن سان خريد ڪئي.

هن هڪ نوجوان سان، جنهنکي هن هر حالت ۾ پورڻ يوڳيه سمجهيو هو، شادي ڪئي. هوءَ جڏهن هن سان پيار ڪرڻ لڳي تڏهن هن جوان پنهنجي گذريل جيون جي ڪهاڻي ڪيس ٻڌائي. هن ڪيس صاف صاف ٻڌايو ته هو ٻالڪ اوستا کان هڪ ڇوڪري جا سندس هم ڪلاسي هئي انکي پيار ڪندو هو. هو گڏ رهندا، راند ڪندا، پڙهندا ۽ پيار ڪندا هئا ۽ آخر هو وڏا ٿيا پر هنن پاڻ ۾ شادي نه ڪئي جو هنن سمجهيو ته سندن پيار ڀاءُ ڀيڻ وارو هو ۽ اهڙي پوتر پيار کي هو شادي ڪري ڪام واسنا سان اپوتر ڪري ڪين ٿي سگهيا. جڏهن هي خيال انهنجي من ۾ گهر ڪري ويا، تڏهن هن ڇوڪريءَ ان جوان کي چيو ته جڏهن ڪيس مرضيءَ مطابق ڇوڪري ملي ته هو ان سان شادي ڪري. هينئر جيئن ته هنکي لائق ڇوڪري ملي هئي. هن ان کي پنهنجي ڀيڻ سان ملاقات ڪرائي ۽ سموري ٻالڪپڻ جي وارتا ٻڌائي ۽ ڪيس ٻڌايو ته ”ڪابه ڳالهه اسانجي پاڻ ۾ شاديءَ ۾ رڪاوٽ نه هئي. اسين جيڪڏهن شروع ۾ ٿي ڀاءُ ڀيڻ وانگر هڪٻئي کي پيار نه ڪريون ها ته شادي ڪري سگهون ها. پر جيئن ته اسين هڪ ٻئي کي اڃا ڀاءُ ڀيڻ جي ناتي اهڙيءَ طرح پيار ڪريون ٿا، اسانجو پيار

ٻين جي نظر ۾ ڪيرائي رهي آهي. اهڙي نِڪا نُهڻيءَ جي عادت گهر جي شانتي ناس ڪري ڇڏي ۽ وواهت جيون جو پيار، محبت ۽ سلوڪ سڀ ناس ٿي ڪري ڇڏي."

هي مٿي لکيل ڳالهيون ڏسيون ته عام ۽ خصوص آهن ۽ انهن جا برا نتيجا نهايت ڀيانڪ آهن. جيڪڏهن نوورليون خواهه ٻيون سڀ پتنيون انهن ڳالهين جو ڌيان رکنديون ته ڪيترا گهر برباديءَ کان بچي پوندا.

هڪ دفعي مون وٽ منهنجا ٻار ڏانهون ڪندا ڊوڙندا آيا. جڏهن پڇيو مان ته هو ڇوٽا رني ته انهن هڪ پاڙيسريءَ جو نالو وٺي چيو "بابا هن پنهنجي زال کي پر ڪري چماٽ هنئين آهي ۽ هوءَ اڱڻ ۾ ڪري پيئي آهي." هين ڪڏهن به پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن استريءَ کي مار کائيندو نه ڏٺو هو انڪري هو روئي رهيا هئا.

مون ان پاڙيسريءَ کي گهرايو ۽ حقيقت پڇي مانس. هو منهنجو شاگرد هو. هن چيو "سائين منهنجي زال کي وچ ۾ ڳالهه ڪٽڻ ۽ گهڻي ڳالهائڻ جي عادت آهي. مان جڏهن ڪنهن دوست سان پيو ڳالهائيندس ته هيءَ به وچ ۾ ڳالهائيندي. ڪيس گهڻيئي دفعا سمجهايو اٿم ته جڏهن مان ڪنهن دوست سان ڳالهائيندو هجان ته هيءَ ماٺ ۾ رهي ۽ ڪيس سمجهايو اٿم ته هنڪي ڳالهائڻ ٻيا ٻڌڻ گهرجي. پر هن تي ڪو به اثر ڪونه ٿو ٿئي. اڄ مان پنهنجو پاڻ روڪي نه سگهيس. غصو اچي ويو. ڪيس ماريو اٿم ان لاءِ ڏاڍو ڏک اٿم پر مان ٻيوس هوس."

ڪيترن ٻين مردن به زالن لاءِ هن ڳالهه جي شڪايت ڪئي آهي. البت مان چاهيان ٿو ته هر هڪ عورت کي وچ ۾ ڳالهائڻ جي عادت نه هئڻ گهرجي ۽ گهڻي ڳالهائڻ کان وڌيڪ ٻڌڻ جي عادت هئڻ گهرجي. اها ڳالهه مردن سان به لاڳو آهي.

دارومدار آهي. پاڻ هڪدم زال جي ڪمري ڏانهن ڊوڙندو ويو ۽ اُن کي ڳراٽڙي پائي سندس ڪيل مهربانيءَ جو شڪر مڃائين ۽ کيس چيائين ته سندس هن مهربانيءَ سندس جان بچائي ورتي.

پوءِ پاڻ وٽ شايد ايڏو وقت ٿوري جو هن امريڪا ٻرائل پٽيءَ واسطي برداشت ڪرڻ کان انڪار هو ۽ سندس من ۾ وري گمان اچڻ لڳا. هن مڙس کي چيو ته پوڻ کي چوي ته هوءَ هاڻي واپس گهر وڃي ۽ وري ڪجهه وقت بعد واپس اچي.

هوءَ گهر هلي ويئي ۽ گهڻن ئي مهينن واسطي پري رهي. وري پاڻ بيمار ٿيڻ لڳو. سندس پوڻ جي جدائيءَ جو ڏک ڏينهون ڏينهن ڏاڍو وڌندو ويو. پٽيءَ ڏٺو ته معاملو وڌندو ٿو وڃي، پٽي بيوقوف ٿيندو ٿو وڃي ۽ حالت زياده خراب ٿيندي ٿي وڃي، سو هن پٽيءَ کي چيو ته کيس معاف ڪري ۽ پوڻ کي وري گهرائي. بيشڪ هن کي جيترو وقت وڻي، رهي يا هميشه لاءِ رهي ۽ کيس ڪڏهن ڏيارائين ته هوءَ بلڪل خوش رهندي.

پوڻ گهر آئي ۽ ڪوشش ڪيائين ته پنهنجو وهنوار ٺردوش پوڻ وارو رکي. وقت گذرندو ويو. پوڻ هر حالت ۾ گهر جي مالڪڻ کان صلاح وٺندي رهي.

پر قسمت کي ڪجهه ٻيو منظور هو. هڪ ڏينهن پاڻ پوڻ شمل شڪار لاءِ جهنگل طرف نڪري ويا ۽ منجهي پيا. ساري رات هو رستو ڳوليندا رهيا پر ڳولي نه سگهيا ۽ صبوح جو مس رستو هٿ آين. زال کي ساري رات ڇنتا رهي ٿو سبب کان وڏو سندس دل ۾ اهوئي شڪ جو نانگ ڏنگ هڻڻ لڳو ته هن جو پاڻ ۾ پاڻ پوڻ جو ناتو نه آهي، هي فقط ڪوڙو ٻهانو ٿا ڪن.

هن صبوح جو سندن سلامت گهر پهچڻ تي، انهن جو

اُسانکي پنهنجي وواهت ساٿيءَ سان بيوفا ٿيڻ جو ڪارڻ نه ٿيندو.

هن ٿيڻ واري ڪنوار پنهنجي ٿيڻ واري گهوٽ کي يقين ڏياريو ته سندس اُن ۾ پورو اعتبار هو ۽ هوءَ ڀاءُ ڀيڻ جي ملڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ نه وجهندي هنن کي جڏهن جڏهن وڻي ۽ جيتي وڻي، پاڻ ۾ گڏجندا رهن.

آخر هنن جي شادي ٿي ويئي. ٻهرئون سال ته اُنهن جو سک شانتيءَ سان گذريو ۽ هي ڀاءُ ڀيڻ پاڻ ۾ چڱي طرح گڏجندا رهيا ۽ خوشيءَ ۾ هنن جو وقت گذرندو رهيو. آخر اهڙو وقت آيو جو حسد روپي ناڳ هن استريءَ جي دل ۾ پنهن جو اثر ڏيکارڻ لڳو ۽ هنجي حالت ۾ ڪافي ڦيرو اچڻ لڳو. ڀيڻ اهو ڀانپي ورتو ۽ آئينده خطره سمجهي پنهنجي ڀاءُ وٽ اچڻ وڃڻ هڪدم بند ڪري ڇڏيو. ڀاءُ هميشه ڀيڻ وٽ اچڻ لڳو، پر ڀيڻ کيس هن خطري کان آگاه ڪيو ۽ کيس ٻڌايائين ته سندس خيال موجب ڀاڄائي منجهس شڪ ڪري ٿي ۽ هو خيال رکي ٿو ته سندس زال هنن جي ناتي کي اهڙو ٻولو نٿي سمجهي.

ڀاءُ کي خبر پيئي ته سندس زال جي من ۾ شڪ برابر آهي ان ڪري هن ڀيڻ سان گڏجڻ ڇڏي ڏنو. هيءَ لمبي جدائي ڏاڍي ڏک ڏيڻ واري ثابت ٿي. ڀاءُ نهايت اڪيلي ۽ غمگين جيوَن رهڻ لڳو. سندس زال جڏهن هيءَ لمبائي ڏٺي ته ان کي ڏاڍو ڏک ٿيو. محسوس ڪيائين ته ڪيئن هوءَ انهڪا ۽ شڪ ڪارڻ پنهنجي پتيءَ جو پيار ۽ خوشي وڃائي ويٺي هئي. سندس ڀيڻ کي هن خط لکيو ته هوءَ گهر اچي. هن خط جي لکڻ جو پنهنجي مڙس کي ليکين نه ٻڌايو جيسين ڀيڻ سندس گهر پهتي. ڀاءُ کي سخت خوشي ٿي ۽ سندس اوچتي اچڻ جو ڪارڻ پڇيائين. هن کيس ٻڌايو ته سندس پتنيءَ کيس اچڻ لاءِ لکيو هو ته هنجي اچڻ ئي سان سندن سک ۽ آرام جو

سنتان جي سک کان وانجهيل آهي.“ اُن ماڻهوءَ منهنجي ويجهو اچي چيو ته، هن زال جي سک کي ڏسي ٻيون ڪيتريون ته حسد ٿيون ڪن. پر ڪين هن جي دک جو ڪو به پتو ڪونهي! تنهن تي مون پڇيو ته هنکي ڪهڙو ڏک آهي؟ هن جواب ڏنو ته هن جو سڀ کان وڏيڪ دک جو ڪارڻ آهي ته هوءَ ٻين کي اولاد ٿيڻ جي خبر به سهي نٿي سگهي. جنهن ڏينهن ڪنهن ڪنهن جي ٻار ڄمڻ يا ڳرڀوتي ٿيڻ جي خبر پوي ته اُن ڏينهن هوءَ روٽي به ڪين کائي سگهي. گهر کي دوزخ بڻايو ڇڏي. سندس مڙس کيس ڏاڍو پيار ڪندو آهي ۽ هن کيس ڪيترا دفعا چيو آهي ته هو ڪنهن ٻار کي کڻي گود ۾ وٺي پر هوءَ ڪنهن ٻئي جي ٻار کي پنهنجو بڻائڻ لاءِ به تيار نه آهي. سندس گهوٽ چوي ته کيس سنسار جا سڀ سک آهن پر هن زال جي حسد سندس سمورو سک ناس ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ ڇوڪريءَ پنهنجي جيون جي سچي ڪهاڻي ٻڌائي جيڪا مان پنهنجي شبدن ۾ ورنن ڪيان ٿو.

هن چيو ”اسين ٻه ڀينر آهيون ۽ مان ننڍي آهيان. منهنجي وڏيءَ ڀيڻ ڪيترائي انعام کٽيا آهن، پر مون هڪ به نه کٽيو آهي. مان پنهنجيءَ ماءُ جي لاڏلي هئس. مان هميشه پنهنجي ماءُ کي چوندي هئس ته اهي ڪتاب ۽ ٻيون شيون جيڪي منهنجي ڀيڻ کي انعام مليا آهن، سي سندس مرضيءَ خلاف به مونکي آڻي ڏئي. منهنجي ڀيڻ جي اُنهن کي ڏيڻ جي مرضي اصل ڪين ٿيندي هئي. حقيقت اها هئي ته مونکي پنهنجي ڀيڻ جي انعام حاصل ڪرڻ تي حسد ٿيندو هو، مان سندس سندر صورت، لياقت ۽ لوڪپريتا تي اِرکا ڪندي هئس.

”منهنجي وڏي ڀيڻ پنهنجي سندرتا ۽ گڻن سان هڪ چرلو واري ۽ لائق جوان کي پاڻ تي موهت ڪري ڇڏيو هو ۽ مان جڏهن ڪاليج ۾ هئس تڏهن هنن ٻنهي جو مڱڻو ٿيو. اُنهن

سوائت ڪرڻ جي بدران اُنهن کي نهايت بُريءَ طرح ڇينڀيو.
مرد کي هن جي اکرن نهايت ڏک پهچايو. هو اُنهيءَ گهڙيءَ
ئي پنهنجي ڪي موٽر ۾ وٺي سٽيشن تي اماڻي آيو ۽ جڏهن گهر
واپس پهتو ته سندس زال، جا ابرڪا جي آگ ۾ جلي رهي
هئي وري ڪمس ڇينڀيو. هو اِهو برداشت ڪري نه سگهيو ۽
موٽر ۾ چڙهي هميشه لاءِ گهر ڇڏي هليو ويو. جوش ۾ نهايت
تيز رفتار سان هلائڻ ڪارڻ موٽر هڪ وڻ سان ٽڪرجي ٽڪر
ٽڪر ٿي ويئي ۽ هن جو اُرت ئي موت ٿي ويو.

هن جي وڃڻ بعد هن زال جو هوش ٺڪاڻي آيو ۽ ڏاڍو
پڇتائڻ لڳي. پنهنجي هلت تي ڪمس سخت ارمان ٿيو ۽ هن
جي واپس اچڻ لاءِ واجهه وجهڻ لڳي. پر اچڻ جو ته هيئر
سوال ئي ڪونه هو. جڏهن ڪمس هن حادثي جي خبر پيئي
۽ سندس پتيءَ جيءَ لاش کي گهر کڻي آيا ته سندس دل ٽٽي
پيئي، پر ڏڪ ڪير ٽارڻ ۾ ڪيئن پوندو. جيڪي ٿيڻو هو سو ٿيو.

سندس حسد ۽ شڪ سندس پتيءَ، جنهن کي هوءَ جان
کان به وڌيڪ پيار ڪندي هئي، کان والجهي ڇڏيو. هن اُن
وقت دردناڪ آواز ۾ چلائي چيو ”جيڪڏهن اسين اُنهن پيارن
جو ايترو آدر ڪيون جيترو هنن کي مٽي پڄاڻان ٿا ڏيون ته
ڪيترن ڏکن ۽ مصيبتن کان بچي پئون. اڄ جيڪڏهن منهنجو
پتي زنده واپس اچي ته مان سندس چرنن جي داسي ٿي
گذاريان ۽ هڪ به ڪٺو اکر واتان نه ڪيان.“

هڪ ڏينهن مان هڪ چوسول ومت بيٺو هوس ته هڪ سهڻي
گهوڙي گاڏي اچي لنگهي. اُن ۾ هڪ سهڻي زال مٺين مرڪن
سان سچمل ويٺي هئي. هڪ اِستري جا اُلي بيٺي هئي تنهن
چيو ”هيءَ زال ڪهڙي نه خوش نصيب آهي! ڪمس جيون
جا سڀ سک سهنج موجود آهن جن جي اسان ڪامنا ڪندا
رهندا آهيون.“ پرسان بيٺل چيو ته ”ڪمس سڀ سک آهن، پر

ڪسي واڪا ڪري هيسايو ۽ پٽ پاراتو ڪيو ۽ جوش وچان جهٽ هٿ کڻي انهن کي هٽڻ جي ٿي ڪئي ليڪن پير کسڪي ويو ۽ هيٺ ڪري پيس. منهنجي ٽنگ ڀڄي پئي ۽ مونکي اسپتال ۾ کڻائي آيا.

هڪ ڏينهن منهنجو پيءُ اسپتال ۾ آيو ۽ منهنجي پرسان اچي ويٺو ۽ چيائين "پٽ تو پنهنجي حياتي هن حسد جي آگ ۾ جلائي ڇڏي آهي. تو وڏيءَ پٽ جي هٿان واري گهوٽ کي انهيءَ حسد ڪارڻ پنهنجي پيچ ۾ آندو. تون ڪڏهن به واهت جيون خوشيءَ سان گذاري نه سگهندينءَ جو تنهنجي پٽيءَ کي تنهنجي عيبن جو پتو آهي. تنهنجي واسطي اهوئي چڱو ٿيندو ته تون پنهنجن ابن ڪرمن کان ڪنارو ڪر." مون کيس جواب ڏنو "پيءُ تون جيڪي چوين ٿو سو سڀ سچ آهي. مان ڪڏهن به خوش رهي نه سگهندس. ايرکا جي آگ هميشه جلائيندي رهي ٿي. تون ٻڌاءِ ته مان هن ايرکا جي اڳيءَ مان ڪيئن نڪران؟" منهنجي پيءُ چيو "تون پنهنجي گهوٽ کي اجازت ڏي ته هو توکي طلاق ڏئي ۽ وڏي پٽ سان شادي ڪري. ائين ڪرڻ سان توکي من جي شانتي ملندي ۽ بگڙيل ڳالهه به انهيءَ نموني ٺهي پوندي."

هن ڇوڪريءَ پنهنجي پيءُ جو چوڻ مڃيو ۽ آخر ۾ لکيو "جڏهن کان وٺي مون پنهنجي ڪيل غلطيءَ کي سڌاريو تڏهن کان منهنجي من ۾ شانتي اچي وئي آهي. هينئر مان جڏهن به پنهنجي پٽ جي گهر ويندي آهيان ته هوءَ هميشه منهنجو سواگت ڪندي آهي. مان اهو خاطريءَ سان چئي سگهان ٿي ته جيڪو ماڻهو ڪسي دکي ڪري پنهنجي جيون سکي ڪرڻ چاهي ٿو، سو ڪڏهن به پنهنجي جيون سکي ۽ آنند واري بڻائي نٿو سگهي."

جي شاديءَ جي تاريخ به مقرر ٿي. پر شاديءَ کان اڳ قضا سان منهنجو پيءُ سخت بيمار ٿي پيو ۽ کيس سنيٽوريم ۾ وٺي وڃڻو پيو. منهنجي وڏي ڀيڻ شادي مهمل ڪري پيءُ سان گڏ سندس شفا لاءِ سنيٽوريم ۾ وئي. مان جڏهن گهر آيس ۽ مون کي هن شاديءَ جي مهمل ٿيڻ جو پتو پيو ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو پر مون جڏهن پنهنجي ٿيڻ واري ڀيڻوئي کي ڏٺو ته مون من ۾ پڪو فيصلو ڪيو ته مان پنهنجي ڀيڻ جي ٿيڻ وارو پتي پنهنجي لاءِ چوري ڪيان.

پنهنجي ڀيڻ کي اهڙو ڳڻوان پتي ملندو ڏسي مان کيس حسد کان ڏڪارڻ لڳس. مون ڪو نڪو طريقو اختيار ڪري هن کي پاڻ سان ڦاسايو. هيئنر هن لاءِ مون سان شادي ڪرڻ بنا ٻيو ڪو به رستو نه هو جو پنهنجي عزت بچائي سگهي. مون جڏهن هنکي پنهنجي چنبي ۾ چڱيءَ طرح ڦاسايو تڏهن کيس مجبور ڪيم ته يڪدم شادي به ڪري. منهنجي ماءُ جو مون تي اڻندو پيار هو. هن مون کي هر ڪار جي مدد ڪئي ۽ هن اسان جي شاديءَ ۾ ڪوبه عيب نه ڏٺو ته مان ڪيئن نه پنهنجي ڀيڻ جي ور کي کائنس ڦريو ٿي!

منهنجي ماءُ منهنجي شاديءَ جو احوال منهنجيءَ وڏيءَ ڀيڻ کي ڏنو. منهنجي ڀيڻ کي به هن الياءَ جو نهايت سخت ڏک ٿيو ۽ منهنجو پيءُ انهيءَ ڏک ۾ ئي گذاري ويو.

مون وڏيءَ ڀيڻ جي منگيندي سان شادي ڪئي. منهنجو حسد اڃا ختم نه ٿيو. مون پنهنجي گهوٽ کي پنهنجي چنبي ۾ صرف سوگهو ئي نه رکيو پر مان اهو به برداشت نه ٿي ڪري سگهيس ته هو ڪڏهن به منهنجيءَ وڏيءَ ڀيڻ سان ڳالهائي ٻولهائي.

هڪ ڏينهن مون پنهنجي گهوٽ کي پنهنجي وڏيءَ ڀيڻ سان ڏاڍي چاهه مان ڏاڪڻ وٽ ڳالهائيندو ڏٺو. مون انهن

هن استريءَ جي پاءَ پنهنجي پيڻوئي کي ڇهو نه هو هن
جي وچ ۾ نه پوي، هوءَ پنهنجو فيصلو پاڻ ۾ ڪنديون. هوءَ
ڇوڪري مار کائي جلد ڇڏائي گهر ڇڏي وئي. هيءَ واردات
گهڻن ماڻهن نه ڏٺي، پر هن در آچارن تي ڪو به اثر نه پيو.
ڪجهه ڏينهن بعد هن (ڇوڪريءَ ۽ هن استريءَ جي پتيءَ)
پاڻ ۾ شادي ڪئي. اهڙي انياءَ جو ڪم جو هن پترورت ناري
سان ٿيو، ان جو ڪارڻ اهو هو جو ان وقت هندن ۾ هڪ کان
وڌيڪ پتنيون رکڻ قانوني گناه نه هو. عام طور وچاريون
هندو زالون دکه درد سهنديون پر پتيءَ جو در ڇڏڻ ڪين،
جو هوءَ سمجهن ٿيون ته اهو در ئي سندن لاءِ سندن ٻارن جو
سهارو آهي.

هڪ پيو به اهڙو دکدائڪ مثال منهنجي ذاتي تجربي ۾
آيو. هڪ وواهت جوڙو ڪيترا سال ڏاڍي آنند سان پريم
پوروڪ رهيو. پتيءَ جي قسمت جو ستارو به زور ٿيو جو هو
هڪ ساڌارڻ ڪمائيءَ ڪمائڻ واري مان ڪافي آمدنيءَ وارو
۽ مشهور ماڻهو ٿي پيو. شاهوڪاريءَ جي وقت هو هڪ پڙهيل
نوجوان استريءَ جو واقف ٿي ويو ۽ هن ان سان وواه ڪرڻ
جو خيال ظاهر ڪيو. سندس پترورت استري، جا ڪيترن ٻارن
جي ماءُ هئي، پنهنجي قسمت جو ستارو غروب ٿيندو ڏٺو ۽
پنهنجي گهر کي برباد ٿيندو ڏسي نهايت دکي ٿيڻ لڳي.
هنجي منت ۽ زاريءَ جو هنجي پتيءَ تي ڪو به اثر نه ٿيو.
پتيءَ ڪليو ڪلايو چيو ته هن ڪافي وقت ساڻس گڏ گذاريو
آهي. جيڪڏهن هوءَ شانتي پوروڪ هنکي شادي ڪرڻ
ڏيندي ته هوءَ کيس ۽ ٻارن کي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي،
پر حالت ۾ اگر هوءَ هنجي شاديءَ جو وروڌ ڪندي ته
هوءَ هنکي ڇڏي ويندو ۽ ڪائي مدد نه ڪندو.

هن پي شادي ڪئي. ڇو جو قانون خواه رواج ٻئي هنجي

١٢

جهڙي تي جهڙي شادي

هندن خواه مسلمانن ۾ هڪ کان وڌيڪ زالن سان شادي ڪرڻ کي پاپ نہ سمجهيو ويندو آهي * هندو چاهي مسلمان جيتري لاءِ جيتري شادي ڪري سگهندو آهي. پر هندو خواه مسلمان عورتون هڪ کان وڌيڪ مردن سان شادي ڪري نٿيون سگهن. انهن قانونن ڪري هولنڊ وارا هندو خواه مسلمان هڪ کان وڌيڪ عورتن سان شادي ڪن ٿا.

هڪ ڏفعي مون اخبار ۾ پڙهيو تہ هڪ شادي ڪيل استري هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي عام رستي تي ڏاڍو ماريو ڇو جو اُن استريءَ جي پتيءَ جو اُن ڇوڪريءَ سان [illegible] لڳي ويو هو ۽ هيءَ ڇوڪري ان استريءَ جي پتيءَ سان هر روز شام جو گهمڻ ويندي هئي. پتنيءَ کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي ۽ هن پتيءَ کي بہ سمجهايو، پر اُلس ڪوبہ اثر نہ پيو. ان ڪري هوءَ نهايت دکي رهڻ لڳي. هن استريءَ پنهنجي دل جو درد پنهنجي هڪ مائٽ کي ٻڌايو. هن کي اها خبر هئي تہ هو ڪيڏي مهل شام جو گهمڻ ويندا آهن. هوءَ پنهنجي پاڻ سان وٺي اُن رستي تي اهڙيءَ ڪنڊ تي بيٺي، جتان هو روز شام جو لنگهندا هئا. هن جاءِ کان جيئن اُها ڇوڪري ۽ هن استريءَ جو پتي اچي لنگهيا تہ هن استريءَ اُن ڇوڪريءَ کي ڌڪو ڏيئي چڱي مارڪٽ ڪري پٽيو ڪٽيو.

---

* هيءُ ليک ١٩٥١ ۾ لکيو ويو هو. هاڻ هن هڪ پتنيءَ جي هوندي ٻيءَ سان شادي ڪرڻ قانونن جائز هئي. اڄ بہ مسلمانن لاءِ هڪ کان وڌيڪ شاديون جائز آهن. —پرڪاشڪ

بلڪ راڳ ۾ به ماهر هيون. هنجي ننڍي ڌيءَ نهايت سندر ٻالڪا هئي. هوءَ ١٢ سالن جي هئي جڏهن هن ڀاڙي ۾ آئي هئي. ٻن سالن ۾ ئي هن تمام شاهوڪار ڪٽنب جي هڪ جوان گريجوئيٽ سان شادي ڪئي. هرهڪ اهو چاهيو ته شل هن ٻنهي جي پياري جوڙي قائم رهي. پر قدرت جا ڪارناما عجيب ۽ ڪم جاڻي ته سياڻي جي پردي پٺيان ڇا لڪل آهي. اٽڪل ١٠ سالن بعد ساري ڀاڙي ۾ حيراني ڇانئجي وئي. هن پٽورت چوڪريءَ جي گهوٽ هڪ رنگيلي عورت سان شادي ڪئي ۽ هن غريب چوڪريءَ جي بدنصيبيءَ تي هرهڪ کي ڏک ٿيو. هرهڪ جي هن سان همدردي ۽ سندس پتيءَ لاءِ نفرت هئي. ماڻهو حيران ٿي ويا ته جڏهن هنکي پنهنجي اهڙي پرم سندري استري هئي ته هن هڪ رنگيليءَ سان ڪيئن شادي ڪئي.

پر هن ۾ حيرانيءَ جي ڪا ڳالهه ڪانهي. واسنائون انڌيون ٿينديون آهن. اهي ماڻهوءَ کي ڪکرم ۾ ڌڪينديون آهن ۽ ٻين جي ڏک جو ڪارڻ بڻائي ڇڏينديون آهن. هن نوجوان جي ٻيءَ شاديءَ ڏيويءَ جهڙي پتنيءَ کي شاريرڪ روڳ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ۽ اُن ئي ڏک ۾ هوءَ مري وئي. هن مان صاف ظاهر آهي ته ٻيءَ شاديءَ ڪري هيءَ چوڪري بي موت اَجل جو شڪار ٿي وئي.

هڪ زميندار جنهنکي ٻهراڻ زال مان ڪيترا وڏا ٻار هئا، هڪ نوجوان چوڪريءَ جي پريم وَس ٿي پنهنجي زال جي مخالفت ۽ پنهنجي وڏن ٻارن جي ڪروڌ کي نظر انداز ڪري اُن چوڪريءَ سان شادي ڪئي. ڪجهه سالن بعد اهو زميندار جنهن ڪام واسنا وَس ٿي پنهنجي پتورت استريءَ کي تياڳي ۽ ٻارن جي وهنوار کي ڇڏي ٻي شادي ڪئي هئي تنهنکي شاهي رستي تي خون ٿيل ڏٺو ويو. ڪن جو چوڻ

حق ۾ هئا. جيڪڏهن ٻي شادي ڪرڻ جو اُن وقت قانوني جرم هجي ها ته پتني اهڙو ڪم نه ڪري سگهي ها. هن هڪ کان وڏيڪ شادين ڪرڻ جي برائيءَ ڪيترن گهرن جي برٻادي ڪئي آهي.

جيئن ته هڪ کان گهڻين زالن سان شادي ڪرڻ السوقت گناه نه هئي، ان ڪري ڪيترن جا گهر برٻاد ٿي ويا. ڪيترا سال اڳ مهنجو ٻمبئيءَ وڃڻ ٿيو. اُنهن ڏينهن ۾ ٻمبئيءَ جي ڪن اخبارن هڪ اثرائتي خبر شايع ڪئي هئي ته هڪ گزيٽيڊ آفيسر ڇوڪريءَ ميلا ۾ هڪ چڱي عهدي تي ڪم ڪندڙ پڙهيل لکيل ڇوڪري سان شادي ڪئي هئي. هڪ اخبار ۾ لکيو ته هن نوجوان ڇوڪريءَ کلي ڪلاڻو چيو ته هوءَ ان نوجوان آفيسر کي پيار ڪندي هئي ۽ نوجوان به هنکي پيار ڪندو هو، ان ڪري ٻنهي لاءِ شادي ڪرڻ جائز هئي. جڏهن کنس ٻڌايو ويو ته ان جوان جي ٻهرين شادي ڪيل آهي ۽ ان مان ٻار به اٿس ته هن جواب ڏنو ته جيئن ته هوُ ان استريءَ کي پيار نٿو ڪري ان ڪري اها شادي رد سمجهڻ گهرجي.

هن جي ويچار ۾ ڪرتوبه ۽ اوچ چرتر وواه سنبنڌ ۾ ٽيچ شيون آهن. جنسي پيار ئي سڀ ڪجهه آهي. اهڙن واسطي ٻيقصور پتورت استرين ۽ نردوش ٻارن تي ڪڪرم ڪو ٻاپ ڪونهي. جيڪڏهن هڪ کان وڏيڪ شادين ڪرڻ کي گناه ليکيو وڃي ها ته اهڙين ڇوڪرين کليو ڪلاڻو پنهنجي ڪڪرم کي جائز نه سمجهن ها ۽ پيدرديءَ سان اَبلا استرين جا پتي چوري نه ڪن ها.

١٩٠٨ يا ١٩٠٩ ۾ اسانجي پاڙي ۾ هڪ اثرائتي خبر ڦهلجي، وئي ته هڪ آفيسر، جو پرانتڪ سرڪار ۾ ملازم هو، هڪ بنگلو خريد ڪيو. هن آفيسر جي ڪٽنب جا سڀ ماڻهو نهايت سيبه هئا. سندن ڏيئر نه فقط سندر ۽ پڙهيل لکيل

مدد ڪري. وڏي پڻ ٻارن جي ماءُ هئي ڪنس اهو خيال
ته نه آهو نه ڪندي پڻ سندس پٽيءَ کي پنهنجي پيار جي
چار ۽ آساني چڙهندي. تنهنجو اهو ڪٿو جو هن جي ٻي
ضربيءَ ۽ هنجي ڪندي پڻ ۽ سندس مڙس ٻارن ۽ پيار ڪرڻ
لڳا. هن جي ٻارن ۽ شادي ٿي. وڏي پڻ اُچانڪ ٿي هن
دوکهتا بعد لهاس دکي جيون ۽ ڏکيلجي ونئي. سندس
ان ٻارن جو ڪهڙو حال ٿيو آهو آئينده هلي پتو پوندو.

هو ته انهيءَ خون ۾ سندس ئي هڪ پٽ جو هٿ هو. البت ڪجهه به ثابت نه ٿي سگهيو. پر اترو وشواس ڪيو پيو وڃي ته هر هڪ پاپ جو نتيجو پاپ آهي ۽ پاپيءَ کي ڏک ئي ڀوڳڻو پوي ٿو.

جڏهن به ڪو ٻي شادي ڪندو آهي ته هلچل مچي ويندي آهي. سڄي سماج ۾ اهڙي گهٽنا لاءِ حيراني ٿيندي آهي. هڪ چڱي گهر جي ڇوڪري جي شادي هڪ امير گهراڻي جي ڇوڪريءَ سان ٿي. کيس چڱو اولاد ۽ چڱو پيسو ۽ دنيا جون سڀ نعمتون ميسر هيون. پر بدقسمتيءَ سان اهو جوان ڪنهن ٻيءَ جوان تعليم يافته ڇوڪريءَ جي نگاهن جو شڪار ٿي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو هو پهرين زال کان الڳ ٿي ويو ۽ هن کان ٻار به کسي ورتائين. جنهن مون کي هن ٻيءَ شادي جي خبر اچي ڏني ان کان سوال ڪيم ته جڏهن هن پهرين زال جا ٻار وڏا ٿيندا ۽ انهن کي خبر پوندي ته هنن جي ماءُ سان ڇا سلوڪ ٿيو آهي ته پوءِ هن ماٺيءَ جي ڪٽنب جو ڇا حال ٿيندو؟ مون کي جنهن ڳالهه جو ڀؤ هو سو ئي ٿيو. هن ماٺيءَ جي وڏي پٽ کي آهستي اها خبر پيئي ته هيءَ ٻي زال هنجي اصلي ماءُ نه آهي ۽ هيءَ سندس اصلي ماءُ جي ڏک جو ڪارڻ آهي. ان خبر ٿي هنن ٻارن جو پيءُ ۽ ماٺيءَ ماءُ سان سنبنڌ ختم ٿي ويو.

هڪ کان وڌيڪ شادي ڪري ڪيترا اگرا نتيجا نڪرن ٿا! اهڙي حالت ۾ ٻي زال پنهنجي خوشي ٻين جي ڏک ۽ آنسن تي ٻڌائي ٿي. پر ڪن حالتن ۾ نه اهي آنسون سندس ٿي پٽ جا آهن. اهڙي پٽ پنهنجي سک لاءِ پنهنجي پيڻو ئي کي قتلائڻ کان به نٿي ڪسي.

هڪ ڏينهن وڏي پٽ جي بيماريءَ وقت ننڍيءَ پٽ کي وٽس خدمت لاءِ موڪليو ويو ته جيئن گهرج ميل هوءِ ۽ کيس

ويو ۽ ڇوڪر ٻئي هنڌ شادي ڪئي. صرف اڄائي گھمڻ ڪارڻ هن ڇوڪريءَ پنهنجو دلپسند گھوٽ هٿان وڃائي ڇڏيو. مون ڏٺو آهي ته ڇوڪريءَ شادي نه ڪئي آهي.

اهنڪار به ڪيترن گھريلو مصيبتن جو ڪارڻ آهي.

هڪ ڪٽنب جا ماڻهو منهنجا واقف هئا. زال مڙس پاڻ ۾ پيا وڙهندا هئا. جهيڙي جو ڪارڻ اهو هوندو هو ته هوءَ پنهنجي اهنڪار ڪري هڪ ٻئي کي سنمان نه ڏيندا هئا. اتفاق سان آءٌ انهن جي گھر ويٺو هوس، انهن وچ ۾ منهنجي سامهون جهيڙو ٿيو. زال مڙس کي ڪروڌ ۾ اچي چيو ”مان ڪو تنهنجو ڪمين ٿي ڪان جو چوهه ٿو ڇڏين. اڃا ته مان پنهنجي روزي پاڻ ٿي ڪمايان. ڪڏهن به تون مون سان اهڙي گستاخيءَ سان ٿو هلين. تون ڪارائين ها ته شايد گھر مان ڌڪي ڪڍين ها.“ اهي اکر ٻڌي مون هڪ پاڙيسريءَ کان انجو ڪارڻ پڇيو. هن چيو ”جيڪا عورت نوڪري ڪري پنهنجو گذران ڪري سگھي ٿي اها ڪوبه پتيءَ جو چوڻ چائڻ برداشت نه ڪندي. هيءَ نوڪري ڪندي آهي ۽ انجي ڪارڻ هميشه ڪلڪل ڪندي رهي ٿي.“

اهو ٻڌي مون کي هڪ مسلمان ڇوڪريءَ جي ڳالهه ياد آئي. جنهن مون کي چيو ”زال واسطي پنهنجي پتيءَ لئي نوڪر رهڻ ۾ ئي بهتري آهي. پنهنجو پاڻ ڪمائڻ سان هوءَ پنهنجي نوڪرياڻا قائم نٿي رکي سگھي.“ هن مٿين ذڪر ڪيل پريوار مان ٿي اهو ثابت ڪيو ته اهنڪار گھر جي سک شانتيءَ لاءِ ڀليڪر سمان آهي.

سوال اٿندو ته ڇا هميشه جيڪي زالون نوڪريون ڪن ٿيون تن سڀني جو پنهنجي مردن سان اهڙو وهنوار آهي. اهڙيون به ڪيتريون زالون آهن جيڪي چڱن عهدن تي آهن ۽ چڱي پگھار ڪمائينديون آهن، پر هو پنهنجي پتيءَ ۽ گھر

اهنڪار

ڪيترا نه گهر ان ڪري برباد ٿيا آهن جو وواهت سائين ۾ آهنڪار گهڻو هوندو آهي. جيڪڏهن انهن ۾ اهو ليچ پاڻ نه هجي ته گهر بربادي‌ءَ کان بچي پون.

هڪ ڪتاب ڪي مان سڃاڻيندو هوس، جو ڏاڍو بمثل ڪتاب هو. سڀ ٻار نهايت چڱا پڙهيل ۽ سهيل هئا. هڪ گرانجهونيت ڇوڪريءَ جو هڪ گرانجهونيت جوان سان مڱڻو ٿيو. جيترو وقت هو مڱيل هئا انهن هڪ ٻئي لاءِ چڱي عزت ۽ سڪ ڏيکاري ۽ هرهڪ ائين سمجهيو ته هي جوڙو ڏاڍو سکي رهندو. ڪجهه وقت بعد جڏهن مون کي اها خبر پيئي ته اها مائٽي ٽٽي وئي آهي ته ڏاڍو ڏک ٿيم. جيڪي به ان ڇوڪري ڇوڪريءَ جي پريوار کي سڃاڻيندا هئا، ان ڏرگهٽنا جي خبر ٻڌي ڏاڍا حيران ٿيا. معلوم ٿيو ته ان جو ڪارڻ ٻيو ڪونه فقط وڏائي هئي. ڇوڪريءَ کي آشا هئي ته سندس گهوٽ سندس لاءِ سڀ ڪجهه ڪندو. ان ڪري هن گهوٽ جي صلاح کان سواءِ شادي اهڙيءَ جاءِ لئي رکي جا گهوٽ ۽ هنجي مائٽن لاءِ هر حالت کان سهوليت واري نه هئي. هن اعتراض ورتو. هن ڇوڪريءَ کوڙ ڪري چيو ته جيڪڏهن تون منهنجي هيءَ خسيس مرضي به شاديءَ کان اڳ رکي نٿو سگهين ته شاديءَ کان پوءِ ڇا ٿيندو؟

ويچاري مرد هنکي گهڻوئي سمجهايو، پر هيءَ ته پنهنجي ضد تي ته شادي ڪنديس ته، ان شهر ۾ ڪنديس نه ته نه.

ڇوڪريءَ چيو ڪمن مڃيو ۽ لکي ڇوڪرو مائٽن جي مرضيءَ خلاف هلي سگهيو. انهنجي مرضي هئي ته شادي اتي ڪن، جتي سندن ذات جا ماڻهو رهندا هئا. مڱڻو ٽٽي

آهي ۽ سندس هڪ انگريزي نه پڙهيل پٽيءَ سان گڏ رهڻ به
بي عزتي آهي. ماڻهن هن جوان کي سندس پٽيءَ جي بدليل
ويچار ۽ وهنوار جي ٻاري ۾ خبردار ڪيو، پر مرد پنهنجي
پيار ڪري هن ۾ ڪو به عيب ڏسي نه سگهيو. هن بي. اي
پاس ڪرڻ بعد ساڻس رهڻ کان انڪار ڪيو. معلوم ٿيو ته
پٽي پٽني هڪ ٻئي کان ڌار رهڻ لڳا. هن آخر ايم. اي پاس
ڪئي ۽ ڪنهن چڱي پڙهيل ماڻهوءَ سان شادي ڪئي. اهو
اهنڪار جي ٻري نتيجي جو نئون مثال هو.

اهو فقط زالن کي نئون مرض نه آهي ته جڏهن ڪين اوچي
تعليم ملي ٿي تڏهن اهنڪار جو شڪار ٿين ٿيون، پر چون ٿا
ته هڪ امير ماڻهوءَ پنهنجي ڌيءَ جي شادي هڪ هوشيار
غريب ڇوڪري سان ڪئي. هيءَ ڇوڪري هڪڙي استادڻ
پيار ڪندي هئي. هن پنهنجي ماءُ پيءُ کي مجبور ڪيو ته
هو اُن کي اوچي تعليم ڏين جا هن وٽڻ ٿي چاهي. هن جڏهن
بي. اي چڱيءَ طرح پاس ڪئي ته ڌوري زال کي چيائين ته
مائٽن کي چوي ته ڪيس اوچ سکيا واسطي ولايت موڪلين.
پيءُ کيس گهڻو ئي چيو ته ”ڌيءَ هڪڙي ولايت نه موڪل
سندس دماغ خراب ٿي ويندو ۽ لوڪي ڏک ڏسڻو پوندو.“
پر هن اهو نه مڃيو. هن کيس هر حالت ۾ اُتي ڪندو ڏسڻ
ٿي چاهيو. هن اهو نه سمجهيو ته غريب ماڻهن کي جڏهن
ڪجهه وڏيڪ درجو ۽ تعليم ملندي آهي ته هو پيو جهلي نه
سگهندا آهن. آخر سندس مائٽن اُن کي ولايت موڪليو. اُتي
جڏهن پڙهيو ته سندس دماغ ۾ اهڙو خيال آيو، جو هن
هندستاني زال سان رهڻ پسند نه ڪيو ۽ هڪ انگريز ڇوڪريءَ
سان شادي ڪري آيو.

جڏهن زال کي هيءَ خبر پئي تڏهن دک ۾ ڙڙڻ لڳي،
پر هن حالت ۾ ماءُ پيءُ به سندس ڪا مدد ڪري نه سگهيا.

کي ڏاڍو پيار ڪنديون آهن ۽ ان سبب هو اهنڪار جي لوڀتيءَ واسطي پيار ۽ سک کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

مان هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي سڃاڻان جنهن جو هاڻي ديهانت ٿي چڪو آهي. هوءَ پنهنجي پتيءَ جي پڙهائيءَ تي خرچ ڪندي هئي. هن کي جڏهن پگهار ملندي هئي ته هوءَ پنهنجي پتيءَ جي چرڻن ۾ آڻي رکندي هئي ۽ چوندي هئي "مان پاڻ کي خوش نصيب ٿي سمجهان، جو اوهان جهڙي پياري پتيءَ جي سيوا ڪري سگهان ٿي. مهرباني ڪري منهنجي هن خدمت کي منظور ڪريو."

هاڻي ڏسو ته خوش قسمتيءَ جو اسان تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. انڪري اسان ۾ اهنڪار ٿو پيدا ٿئي يا نماڻائي. ڇا استري جڏهن ڪمائي ٿي ته هوءَ اُن کي پنهنجو سوڀاڳ ٿي سمجهي جو کيس پنهنجي پتيءَ جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ٿو ملي. يا هوءَ اهو ٿي چاهي ته ان ڪارڻ سندس پتي هميشه کيس هٿ جوڙيندو رهي؟

هڪ ٻيو مثال ڏيو ته ماڻهو اهنڪار جي وس ٿي ڪيئن نه اخلاقي ڪراوٽ جو شڪار ٿي وڃي ٿو.

هڪ امير نوجوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، جنهن کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. هي جوان کيس ڏاڍو پيار ڪندو هو. سندس پتنيءَ کيس چيو ته کيس ڪنهن چڱي اسڪول ۾ تعليم ڏياري. هن جوان کيس هڪ هاسٽل واري اسڪول ۾ پڙهڻ موڪليو، جتي هن تي ڪافي خرچ ڪرڻ لڳو. هيءَ ڪافي هوشيار هئي. هن ڇوڪريءَ مئٽرڪ پاس ڪئي ته کيس ڪاليج جي تعليم لاءِ به موڪليائين، پر کيس اها خبر نه هئي ته هو پنهنجن پيرن تي ڪهاڙو هڻي رهيو هو. هن جون مهربانيون سندس لاءِ مصيبتن جو ڪارڻ بڻيون. آخر وقت آيو، جڏهن هوءَ سمجهڻ لڳي ته هوءَ ڏاڍي اوچ استري

بدلي جي جوالا

بدلي وٺڻ جي ڀاونا ۽ ڏاڍي دکدائي آهي. هيٺ هڪ بلڪل سچي ڪهاڻي ڏجي ٿي.

هڪ ماڻهوءَ جيئري ئي جيئري شادي ڪئي ۽ ٻي زال کي گهر ۾ وٺي آيو. پهرينءَ زال کي اهڙو نه غصو آيو جو هن انهن کان بدلي وٺڻ جو ويچار ڪيو. هن بدلي وٺڻ جو هڪ عجيب رستو ڳولهيو. ساري پاڙي ۾ حيراني ڇانئجي وئي جڏهن سڀني کي اها خبر پيئي ته هن پهرينءَ زال ٻرندڙ بتيءَ سان پنهنجون اکيون ڪڍي ڇڏيون. ماڻهو سندس مدد لاءِ ڊوڙيا پر هن ته اکيون ختم ڪري ڇڏيون هيون. ڪجهه ڏينهن بعد ڪن ماڻهن هن کان پڇيو ته هن پنهنجون اکيون ڪڍي پاڻ کي انڌو ڇو ڪيو؟ هن هڪ عجيب جواب ڏنو ۽ چيو "هينئر مان انڌي ٿي آهيان. منهنجي ڀاڄ کي خواه منهنجي پتيءَ کي هميشه منهنجي سنڀال ڪرڻي پوندي انڪري هو سک سان سمهي نه سگهندا. هوءَ به ڪو سک ماڻي نه سگهندي." ڪهڙو نه بدلي وٺڻ جو عجيب نمونو آهي.

هڪ ڏينهن مان ڪنهن گهر ۾ ويس ته عجيب واردات ڏٺم. زال مڙس هڪ ٻئي سان ترشائيءَ سان ڳالهائي رهيا هئا. چلهي ۾ باهه ڪالهه ٻاري هئائون. ٻئي سارو ڏينهن بکيا رهيا. زال مرد جي ته مرد زال جي گلا ڪري رهيو هئو. مرد چيو ته "هن جاڻي ٻجهي روٽي پچائڻ کان انڪار ڪيو آهي ته مان بک مران." ۽ زال چيو ته "هي مرد ماڻهو آهي ۽ اڪيلو هوٽل ۾ وڃي کائي سگهي ٿو، پر مان ته اڪيلي زال ڪيڏانهن وڃي به نٿي سگهان. نڪي مون وٽ پئسو ڇڏيو اٿس جو اڪيلي وڃي ڪٿي ڪجهه وٺي کائي سگهان." ڪيس چيم

کھڙي نه ڏک جي ڳالهه آهي، جو هن جوان پنهنجي پتنيءَ
جو ٿورو وساري ڇڏيو. اهنڪار وس ٿي اهو به ڀلائي ويٺو
ته ڪيئن اهڙي اوچي تعليم وغيره ڏيارڻ واري سندس پتني
هئي. ان اهنڪار روپي انڌڪار ۾ هو ته پتنيءَ جون ڪيل
ڀلايون ڀلائي ويٺو ۽ هنجي شردا، پيار ۽ تياڳ وساري ڇڏيائين.

سيني کان ڏرداڪ واقعو جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾
ڏٺو، اُهو هيءُ آهي جو هڪ اڻ پڙهيل ڇوڪريءَ جو هڪ
غريب ماڻهوءَ سان وواهه ٿيو. هو هڪ سڪول ۾ پٽيوالو هو.
پر سندس اها زبردست خواهش هئي ته سندس زال پڙهي.
آخر هن زال کي پڙهايو ۽ ٽريننگ ڏيارائينس. نيٺ وقت آيو
جو هن ڇوڪريءَ نوڪري ڪئي ۽ اُن سڪول ۾ جتي هي
جوان پٽيوالو هو، اُن اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي مقرر ٿي.

پر سندس پتنيءَ هن سان ڪو چڱو ورتاءُ نه ڪيو. هوءَ
هن سان اهڙي هلت هلندي هئي، جهڙي ڪنهن پٽيوالي سان
۽ هوءَ هن لاءِ ٿورائتي نه ٿي، جو هن ڪيئن اُن درجي تي
پهچايو هو، بلڪ سندس زندگي زهر ڪري ڇڏيائين. آخر هي
ويچارو جلد ئي راهه رباني وٺي ويو. ماڻهن چيو ته هي ويچارو
زال سان ڀلائي ڪرڻ خاطر شهيد ٿي ويو، ڪن چيو نه هي
موت ئي سندس لاءِ ڇوٽڪارو هئو.

ڪي اُھڙيون بہ سياڻيون زالون آھن جي پنھنجي پوري شڪتيءَ ۽ لياقت سان مردن جي غلطيءَ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ڪي نہ وري اُھڙيون آھن جي مردن جي غلطيءَ کي نظر ۾ رکن ٿيون ۽ اُنھن کان بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.

ھڪ ماڻھوءَ ڪنھن سندر ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. ھن ڇوڪريءَ کي اِھا خبر نہ ھئي تہ ھي ماڻھو ڪو رنگيلو جوان آھي ۽ ڪنھن ٻيءَ سان نينھن لڳائي ويٺو آھي. پر جڏھن ڪيس اِھا خبر پيئي تہ ھن ڪيس سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏھن اُن ۾ ڪامياب نہ ٿي تڏھن ھن کان بدلي وٺڻ لاءِ سوچڻ لڳي. پھرين تہ ھن کي پيار ڪرڻ ۽ پنھنجي اوڏو اَچڻ کان منع ڪيائين. پر جيئن تہ ھي جوان ڪلھي طرح ٻين زالن سان پيار ڪرڻ لڳو ھو تيئن ھن ڇوڪريءَ بہ ڪليو ڪلاڙو ٻين مردن سان پريت جو پيچ پائڻ شروع ڪيو. ھن غلط قدم گھر کي برباد ڪري ڇڏيو. نا اُميدي ۽ نراسائي ڦھلجي ويئي. اُھڙن گھرن جو ڏک ٻارن کي ڀوڳڻو ٿو پوي.

بدلي جي آگ اھترو جلد اُجھامي بہ ڪين ٿي. سموري خاندان جي تباھي ڪيو ڇڏي ۽ اُتي وري سک شانتيءَ جو واسو ٿي ڪين ٿو سگھي. مان بمبئيءَ ھوس ۽ اُتان جڏھن پنجاب اَچي رھيو ھوس تہ ھڪ پتنيءَ، جنھن کي سڃاڻندو ھوس پڌم تہ آپگھات ڪيو آھي. مونکي اِھو خيال ھو تہ ھوءَ سکي آھي ۽ پتيءَ جو اُنس ڪافي پيار آھي. سندس پتي ھڪ آفيس ۾ ڪم ڪندو ھو ۽ جنھن مونکي اِھا خبر ڏني ھئي اُنکان پڇيم ”ھن جوان پتنيءَ آپگھات ڇو ڪيو؟“ ھن چيو تہ ”ھوءَ بدلي وٺڻ لاءِ باھ ۾ جلي رھي ھئي. ھن جي ڀاءُ جي شادي ڪنھن ڳوٺ ۾ ٿيڻي ھئي. ھن پتيءَ کي چيو تہ ڪيس شاديءَ تي وٺي ھلي، پر پتيءَ کي آفيس مان

ته ”منهنجو گهر ته سڀني سامان سان ڀرپور پيو آهي؛ توهان ڪا
پوڙهي نه. ڪالهه آهين، پاڙي ڀڄائي ڪـائي سکڻين ٿي. توهان
چوڻ ٿي پنهنجي هٿن سان ڪاڄ ڀڄائي پاڻ ٻـ ڪائين؛ پتيءَ
کي ٻه ڪارائين؟“ هن جواب ڏنو ”مان ائين اصل نه ڪنديس.
مان ته هن کي سبق سيکاريندس ته منهنجي لاڏ ڪرڻ مان
هو ڇا وٺندو. هن کي منهنجي مرضي رکڻ گهرجي. جيڪڏهن
هي چاهي ٿو ته، مان سندس لاءِ روٽي ڪريان ته هي ٻـ
منهنجي ڪاڻ ڪڍي. هي مون کي ڪيسي خرچي لاءِ ڪجهه
پئسا ڏيندو آهي، جي هن اوچتو بند ڪري ڇڏيا آهن؛ مون
ٻه هنجي روٽي ڪرڻ بند ڪري ڇڏي آهي، جئن سمجهي ته
زال جي ٻـ ڪا قيمت آهي.“ مرد ٻڪدم چئي ڏنو ته
”تنهنجي خرچي بند ڪرڻ جو مون کي ڏاڍو ڏک آهي. توهان
مهرباني ڪري گهر سنڀال، توکي خرچي ملندي رهندي.“

مرد جي هن سياڻپ جي قدم سان مصيبت ٽري ويئي
ننه ته زال پنهنجي پتيءَ کي سڌو ڪرڻ لاءِ بک مري پاڻ
مارڻ جو سوچيو هو.

ٻئي هڪ جوڙي جو مثال ڏيو. ٻئي پتي پتني هڪ ٻئي
کي اتترو ڏ ڪار ٻيندا هئا، جو هنن هڪ ٻئي کي مارڻ جي
سازش سٽي. ماءُ ٻارن کي پيءُ کان الڳ ڪري ڇڏيو ته پيءُ
وري نوڪرن کي منع ڪئي ته زال جو چوڻ نه مڃين. ان
طريقي زال پنهنجي مرد کان ٻارن کي الڳ ڪري انهن ۾
پيءُ لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ ۾ سک سمجهڻ لڳي ته مرد وري
پنهنجي نوڪرن هٿان زال جي بي عزتي ڪرائڻ ۾ پنهنجي
وڏائي سمجهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح اهي زال مڙس ڪيترا سال
ڪتي ٻليءَ وانگر وڙهندا رهيا. اهو خيال ڪين ڪيائون
ته پنهنجي جهڳڙالوءَ ذڪ هٿي گهر ۾ پنهنجي ٻارن جو ڪيترو
نه نقصان ڪن ٿا.

سان شادي ڪئي. هن شادي پيار وچان نه پر راڄنيتي سبب ڪري ڪئي. راجڪمار کيس گهڻو ئي پيار ڪندو هو. پر هوءَ اُنجي ڪا به پرواهه نه ڪندي هئي. هوءَ ٻئي کي پيار ڪندي هئي ۽ راجڪمار سندس پياري کي خون ڪرائي اُن جو بدلو ورتو.

راڻيءَ به اها ڳالهه وساري ڪين. هن پنهنجي مڙس کي ڪنهن نه ڪنهن بهاني خون ڪرائي بدلي وٺڻ جو ويچار ڪيو. هن هلت ڪري سندس رعيت بگڙي وئي. کيس تخت تان به هٿ ڌوئڻا پيا ۽ آخر ۾ جان بہ ڏيڻي پيئي. اهڙي بري گتي ٿي اُن راڄ جي راڻيءَ جي، جا هڪ راجڪمار سان پرڻيل هئي ۽ جا ساري جيون مزي ۽ آنند ۾ گذاري سگهي ٿي. بدلي جي جوالا هڪ ڀيانڪ آگ آهي، جنهن جي شعلن ۾ گهر ۽ گهراڻا جلي خاڪ ٿيو وڃن.

موڪل نه ملي. هن ڪيس ڇيو ته هوءَ وري به ڪوشش ڪندو پر ٻئي ڏينهن آفيس وڃڻ وقت سندس پتنيءَ ڪيس ڇيو ته تون آفيس وڃ ۽ آئي پهچڻ سان ئي توکي خبر پوندي ته هن طرح ڪوڙا بهانا ڪري، ٻڌائي توکي جو مون کي ڀاءُ جي شاديءَ لئي وٺي ٿو وڃين انجو ڪيترو عيوضو توکي ڏيڻو پوندو." هوءَ اڃا آفيس ۾ مس پهتو ته اٽڪي فون تي گهرائي ڇيائون ته سندس زال آپگهات ڪيو هو.

هن بدلي جي جوالا سبب هن پتنيءَ پنهنجي جان ۽ گهر جي عزت ٻئي گنوايون.

ڪجهه سال اڳ اخبار ۾ هڪ سنسني خيز خبر آئي ته هڪ استريءَ ان ٻارن سميت کوهه ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو. انجو ڪارڻ اهو هو جو هنجو مڙس سان جهيڳڙو ٿيو هو ۽ هن رستي پنهنجي پتيءَ کي سزا ڏيڻ ٿي چاهيائين. ان رستي اختيار ڪرڻ سان هن پنهنجو ٿيل تڪميل گهر برباد ڪيو. پنهنجي جان ڏني، معصوم ٻارن جو خون ڪيو ۽ مرد جي زندگيءَ کي دک ڏانهن ڌڪليو.

زال خواهه مرد ۾ اها بدلي جي باهه ڪيئن نه برباديءَ تي آڻي، سو مٿين مثالن مان پڌريءَ ڏسڻ ۾ ايندو. اها باهه فقط مائٽن ۾ نه پر ٻارن ۾ به آهي.

اسانجي ضلع جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ڇوڪر بدلي وٺڻ جي خيال کان پنهنجي گهر جا ١١ ڀاتي خون ڪرائي ڇڏيا. بدلو بري بلا آهي. مثلاً هندستان جي تواريخ خاص ڪري مسلمانن جو زمانو ته اهڙيءَ سان ڀريو پيو آهي ته ڪيئن بدلي جي ڀاوَ سان گهر تباهه ٿي ويا آهن.

ساڳيءَ طرح يورپ جي اتهاس مان به هن حسد جي آگ وچان ڪيترن برباد ٿيل گهرن جو احوال ملي ٿو.

چون ٿا ته يورپ جي هڪ مشهور راڻيءَ هڪ راجڪمار

"آرلڪ سولنترنا هڪ چڱي ڳالهه آهي. اهو چڱو آهي ته تون پنهنجي ولايت جي تعليم لاءِ مون کي آزاد ڇڏي رکين پر ولايت ۾ رهندي تون اهو به چٽيءَ سمجهين ٿي ته لوڪي ڪافي ملڪيت آهي ۽ تون جتي رهڻ چاهين اُتي رهي سگهين ٿي پر زال ۽ مرد جي پورن آزادگي بلڪل خراب آهي."

"اهو ڏاڍو چڱو ڪيو جو جيئن جي هن پهلوءَ جي طرف به ڌيان ڇڪايو آهي. مان ته پنهنجي حياتي پنهنجي پسنديءَ موجب رهڻ ٿي چاهيان. مان نه ولايت ۾ ڪوسان ان شرط سان رهي سگهنديس ته جتي لوڪي وڻندو هجي اُتي تون وڃج ۽ جتي مونکي خيال هوندو اُتي مان وينديس. اسين هڪ ٻئي جي اچڻ وڃڻ يا خانگي زندگيءَ جي ڳالهين ۾ آزادگي ۾ ڪابه رنڊڪ نه وجهنداسون."

"ان گهر ۾ ٻئي پتني ڪيئن گڏ رهي سگهندا جتي پتني پتيءَ جو چوڻ نٿي مڃي ۽ پنهنجي من ماني ڪري ٿي؟ جيڪڏهن مان ڪوکي ۽ تنهنجي ٻارن کي، جڏهن ٿين، تڏهن ڇڏي ڏيان ۽ ڪا پرواهه نه ڪريان ته تون ان وقت منهنجي ان قدم کي ڪيتري قدر ساراهيندين؟ يا جڏهن تون منهن جي گهر جو چرخو هلائين ٿي تڏهن مان جيڪڏهن ٻاهران اٿرو تمام دير سان اچان جو تون انتظار ۾ ويٺي هجين ۽ تنهنجي به روٽي خراب ٿئي ته ڇا اهو چڱو ٿيندو؟"

"ڪجهه به ٿي پوي مان ته پنهنجي مرضيءَ موجب هلنديس. مون پنهنجي ماءُ پيءُ کي به چٽي ڏنو آهي ته هو منهنجي رهڻ ۽ پڙهائيءَ وغيره جو بلڪل الڳ بندوبست ڪن."

"ته پياري! تون مون سان گڏ رهڻ پسند نٿي ڪرين. تون منهنجو گهر سنڀالڻ به نٿي چاهين. تون اهو به نٿي چاهين ته مان تنهنجي پوري سنڀال ۽ اچڻ وڃڻ جو خيال به رکان. اهو چڱو ٿيو جو تو منهنجون اکيون کوليون آهن. اهڙيءَ حالت

مَن ماني هلڻ

واقعي جيئن ته فقط پنهنجيءَ من ماني هلڻ ڪري ئي جيون جو سک برباد ٿيو وڃي. هڪ نوجوان جوڙي شادي ڪئي. پتي خواه پتني ٻئي شاهوڪار ڪٽنبن جا هئا. انگريزن جي زماني ۾ پڙهيل شاهوڪار گهراڻا پنهنجي هوشيار ٻارن کي ولايت پڙهڻ موڪليندا هئا. گهوٽ جي مائٽن جو به اهو ويچار هو ۽ هن هن جي ولايت وڃڻ جو پربنڌ به ڪيو پر اُن رٿا ۾ ڪي مشڪلاتون پيش آيون. سندس پتنيءَ به اهو ويچار پرگهٽ ڪيو ۽ ضد ڪيو ته هوءَ به ساڻس گڏ ولايت ويندي. مرد کي هن مشڪل معاملي جو مقابلو ڪرڻو پيو ته هوءَ اُنکي ڪيئن اُن ڳالهه کان باز آڻي. پتنيءَ پتيءَ کي صاف چيو ته هن کي ڪو به حق نه هو ته سندس گهمڻ ڦرڻ جي آزاديءَ تي روڪ وجهي. هوءَ ڪافي وڏي هئي ۽ پنهنجي سوال ٻاڌ ڪري سگهيٿي. اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ هيٺين گفتگو هلي:

”پياري! تون اهو نه وسار ته تون منهنجي پتني آهين. تنهنجي عمر مونکي سولڻي وٺي آهي. توکي اها خبر آهي ته مان توکان ڪافي وڌيڪ پڙهيل آهيان، انڪري تنهنجو فرض آهي ته تون منهنجو چوڻ مڃ جيئن گهر جي شانتي به قائم رهي ۽ اسانجو پيار به برقرار رهي.“

”پيارا! اهو تون به نه وسار ته مان تنهنجي پتني آهيان پر غلام نه آهيان. هندو ڌرم انوسار مان تنهنجي سک ڏک ۾ ساٿي آهيان. جيڪڏهن توکي ولايت وڃي پنهنجو آئينده روشن ڪرڻ جو ويچار آهي ته مونکي به پنهنجي اڳتي وڌڻ جو اڌڪار آهي. زياده ۾ زياده تون اهو چئي سگهين ٿو ته تون ٻنهي جو خرچ ڪري نه سگهندين. مون ماءُ پيءُ مونکي ڪافي ڪجهه ڏنو آهي. مان پنهنجو خرچ پورو ڪري سگهنديس.“

مونکي خبر پيئي ته هن پنهنجي غلطي ڏٺي ۽ دير سان محسوس ڪئي. جن سان هن عورت ٺٺوليون لڳايون، سي سڀئي کيس ڇڏي ويا. هن آهستي آهستي پاڻ کي بلڪل اڪيلو ڇڏيل سمجهيو. سنڌس ڪوبه سنگي ساٿي نه هو. ساٿي سڀ ڇڏي ويا. پنهنجي پٽي ۽ اُنجي ئي زال، جا عزت سان گذر ڪري رهي هئي، اُن ڏانهن حسد سان ڏسڻ لڳي. هن کي پنهنجا پار هئا، پر اُنهن به هنکي منهن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. اهڙيءَ طرح هنکي ڌڪاريل پٽي ۽ ڌڪاريل ماءُ ٽنهي جي ذلت سهڻي پيئي. هن اهو محسوس ڪيو ته پٽيءَ جي صورت ۾ خواه پارن جي ماءُ هوندي، ڪا به زال پنهنجي من ماڻي هلي واندي ۾ رهي نٿي سگهي. بلڪ هوءَ ڪافي نقصان ٿي سهي. پنهنجي لاءِ خواه پنهنجي پارن خاطر عورت کي من ماري اسه ڪرڻ کپي. سنڌس لاءِ اهو ضروري هو ته هوءَ مرد سان جهڳڙو هرگز نه ڪري ها، بلڪ اُن سان ميل ميلاپ ۾ رهي پنهنجو جيون سک سان گذاري ها ۽ پارن لاءِ ميل ۽ پيار وارو وايومنڊل پيدا ڪري ها. جيسيتائين پار گهر ۾ ننڍا اچن تيستائين پتي پتنيءَ جي جهڳڙي کي درگذر ڪري سگهجي ٿو. درحقيقت اهڙي جهڳڙي جو دکدائڪ ڦل جهڳڙي ڪرڻ واريءَ پتنيءَ کي ئي ڀوڳڻو پوي ٿو، پر گهر ۾ پارن جي اچڻ ٿي ماءُ پيءُ جو پاڻ ۾ جهڳڙو ئي صورت ٿو اختيار ڪري. اهڙي جهڳڙي جو ڦل نردوش پارن کي به ڀوڳڻو پوي ٿو. انڪري پارن جي هئڻ ٿي ماءُ پيءُ جو جهڳڙو نامناسب آهي.

مان هڪ ميٽنگ ۾ ويٺو هوس ته هڪ ماٺيرو ڳوڙها ڳاڙيندي آئي ٻڌايو ته پال اوستا ۾ ٿي سنڌس دل چوُر چوُر ٿي پيئي هئي، ڇو جو سنڌس ماءُ پيءُ ڪڏهن هڪ ٻئي سان مٺڪي ڳالهائيندا به ڪين هئا. هن چيو ته سنڌس پيءُ نهايت ضدي هو ۽ هميشه پنهنجي هلندو هو. هوُ نه فقط سنڌس ماءُ

۽ مان تنهنجي ويچار ۽ وهنوار سان سهمت نه آهيان.“

ٻئي ولائت ويا ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب آزاد زندگي رهڻ لڳا ۽ جڏهن هو واپس آيا، تڏهن هو ڄڻ ته هڪ ٻئي کان الڳ هئا.

ڀارت ۾ اهڙي ڇڙواڳي، جنهن ۾ نه سماجڪ بندن ۽ نه آچار وهنوار جو خيال رهي، برداشت نٿي ڪئي وڃي. سچ پچ هي جوڙو هڪ ٻئي کان آخر الڳ ٿي ويو. جڏهن هڪ ٻئي جي بندن ۾ نه رهيا، تڏهن زال ته بلڪل دٺيون ٻاٺيون ڪري وئي ۽ جنهن تنهن سان نينهن لڳائي رهڻ لڳي ۽ چوندي هئي ته ”جڏهن منهنجو گهوٽ جهڙي ٿي جهڙي شادي ڪري سگهي ٿو ته مان به ڇو نه ٻين سان پنهنجي جيون گذاريان؟“

سندس رهڻي ڪهڻي اهتري ته ذليل ٿي وئي جو ڪيس ڪيترا ماڻهو ته منهن سامهون چوڻ لڳا ته سندس ڏاڍي بدنامي ٿي رهي آهي. ڪن ڪيس چيو ته هوءَ انهنجي زالن ۽ ڌيئرن سان ميل جهول نه رکي. ڪن چيس ته ”تنهنجو جيون وواهت جيون تي هڪ بدنما داغ آهي.“ پر هن هٺيلي زال کي هوش نه آيو ته هوءَ به هڪ سماج جو انگ آهي ۽ سماج جي نيمن ۽ بندشن جو پورو لحاظ رکڻ سندس فرض آهي. هن اهو نه سمجهيو ته پڙهيل ڳڙهيل سمجهه وارو ۽ سڀيل ٿي ٻيا ٻيءَ پنهنجي ڪٽنب جي جنهن نموني سنڀال ڪرڻ چاهي، ڪري ۽ سندس فرض انهنجي آگيا ۾ رهڻ جو هو. اهو به نه سوچيائين ته شاديءَ بعد زال کي مرد کان به وڌيڪ حق ٿا ملن، لکي اهو سمجهيائين ته شاديءَ بعد زال کي ڪيتري عزت ۽ رتبو ملي ٿو. ڪيس اهو به خيال نه آيو ته هوءَ ڪهڙي نه طاقت واري يا وڏي ماڻهوءَ جي سرپرست ڇو نه هجي، هوءَ ان عزت حيثيت ۽ اڌڪارن کان پاڻ کي محروم ڪري ٿي ڇڏي، جن جو قانون ۽ سماج هر هڪ وواهت استريءَ کي حقدار بڻائين ٿا.

سندس ڏڪيءَ جي ڪا به پرواهه نه ڪئي. وري به هن پنهنجي هڪ ٻي پٽ کي جو هن سان گڏ رهندو هو، ماريو. مڙس کي ماٺ لڳي ويئي جڏهن آفيس مان آيو ته ڏٺائين ته زال هن ٻار سوڌي گهر ڇڏي هلي ويئي هئي.

زال جي وڃڻ جو هن کي صدمو پهتو. هن زال کي ڳولهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر انجو ڪو به پتو نه پيو.

سال گذري ويا. هن ننڍل دل انسان جي تقدير به خراب ٿيندي ويئي. واپار ۾ گهاٽو پوڻ لڳو. سندس سموري خوشي ويندي رهي. هڪ ڏينهن کيس اوچتو پٽ وٽان خط آيو ته سندس ماءُ جي حالت خراب آهي. هوءَ مرڻھڪ حالت ۾ آهي ۽ کيس آخرين درشن ڏيڻ ٿي وڃي. هو آيو. ساڻس گڏيو. هيءَ اها عورت ان لاءِ به سندس گهڻو شڪرگذار رهي، جو هو وٽس آيو ۽ پٽ کي هدايت ڪيائين ته پيءُ جي سنڀال ڪري.

اهو ضدي انسان زال جي مرڻ وڃڻ بعد به ڪافي سال زنده رهيو ۽ هميشه پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ ڪندو رهيو. پر اهو ڪهڙي ڪم جو، سندس پٽ جو ديانت تي ڇڪو هو. هوءَ ته اهو ڏسي سگهي نه، هو پڇتائي ٿو ۽ نڪي اهو ڏسي سگهي ته سندس سڀاءُ بدليو آهي يا نه. سندس پٽ، جو ماءُ جو ڏاڍو آگياڪاري هو، ماءُ جي آخرين آگيا موجب پيءُ جي ڏاڍي سيوا ڪئي ۽ سندس پيريءَ ۾ خدمت ڪري سندس پڇاڙي سرهي ڪئي.

هيءَ ضد ماڻهوءَ لاءِ هڪ وڏي ڪمزوري آهي. بدقسمتيءَ سان جيڪي انهيءَ شڪار ٿي وڃن ٿا، سي ڏاڍا ڏک ٿا ڏسن. هر هنڌ وواهت استري ۽ پرش کي اهو خيال ۾ رکڻ گهرجي ته وواهت جيون آنندمئي ۽ سک سلوڪ سان تڏهن گذرندي جڏهن پتي پتني هڪ ٻئي جي عزت ڪندا، هڪ ٻئي جو چوڻ مڃيندا، هڪ ٻئي کي پيار ڪندا ۽ هڪ ٻئي جا شڪرگذار رهندا.

کي نظر انداز ڪندو هو، بلڪ هميشه اهو دڙڪو به ڏيندو هوس ته هو ٻي شادي وڃي ڪندو. هن اهو ٻڌي چيو ته سندس ماءُ ديو سماج جي نهايت شڪرگذار هئي، جنهن سندس اجڙيل گهر ۾ بهار آندي ۽ دک درد جي بدلي صلح سانت آندي آهي. سندس پيءُ ۾ اهڙي تبديلي آئي آهي، جو هو بدلجي ويو آهي ۽ پاڻ کي اڳ ڪيل زيادتيءَ لاءِ شرمسار ٿو سمجهي. پيءُ به اُن ميٽنگ ۾ ويٺو هو. هو به اُٿي بيٺو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي چيائين ته ڪيئن نه هو پنهنجي من مانيءَ ڪري زال کي ذليل ڪندو هو. پنهنجي ضد تي هلي زال جي پرواهه نه ڪندو هو.

پنهنجي من ماني هلڻ هڪ نهايت خطرناڪ اوگڻ آهي جو ماڻهوءَ جي دل پٿر بڻائي ڇڏي. هو اهڙو ته نردئي ٿيو وڃي جو نه فقط ٻين لئي پنهنجي وهنوار سان انياءُ ڪري، پر گهر جي به بربادي ڪيو ڇڏي.

مون هڪ هونهار ڪامياب جوان جي ڪهاڻي پڙهي جنهن پنهنجي پتورت استري ۽ معصوم ٻارن کي هيسائي رکيو هو، هو ٻارن کي نهايت بيدرديءَ سان ماريندو هو. سندس اهڙي هلت ڪان سندس هڪ وڏو پٽ گهر ڇڏي ڀڄي ويو ۽ وري واپس نه آيو. سندس پتني پٽ جي وڇوگ ۾ نهايت دکي رهندي هئي. پر پيءُ کي انجي پرواهه به نه هئي. هن ٻارن کي مارڻ نه ڇڏيو. سندس زال نهايت چنتاتر ٿي وئي. آخر صبر ڇڏائي ويس ۽ هڪ ڏينهن رڙ ڪري شير وانگر گجي مڙس کي چيائين ته ”جڏهن تون وري منهنجي ٻارن کي ماريندين ته مان گهر ڇڏي هلي وينديس ۽ وري تنهنجو منهن به نه ڏسنديس.“ مڙس کي هي ٻڌي ڏاڍي حيراني لڳي ته هيءَ ڳئوءَ جهڙي گڪدام اڄ ڪيئن گجي رهي آهي! پر هن جو زال جي وفاداريءَ ۽ پيار لئي اهڙو نه وشواس هو، جو هو

تنهنجي پرواهه نه ڪندا. اها نه تنهنجي خوش قسمتي ٿئي جي هو تنهنجي چوڻ ۾ به رهيا.

هن جواب ڏنو ”مون سمورو آڳو پيڇو ڳڻيو آهي ۽ ان ڪري جيڪو نقصان سهڻو پوندو، اُنجو اندازو لڳايو اٿم. پر اوهانکي کڙي ڪل نه، مان ڪيس ڪيئن ڏکاريان ٿي. مان بلڪل مجبور ٿي پيئي آهيان.“

مان اُتان اُٿي هليس پر دل تي اهو سخت بوجهه رهيو ته مان اهڙي هڪ بدنصيب استريءَ جي منهن چڙهيو هوس جنهنکي لوڪ مريادا خواهه پنهنجي سک جو ويچار نه هو. هن اهو نٿي سمجهيو ته چڱي مٺل ميلاپ وارو گهر ڪيئن نه ماءُ پيءُ ۽ ٻارن جي رکشا ڪندو آهي. هن پنهنجي وهنوار سان گهر جو اهو نقصان ڪيو، مونکي ڏک هو. هنجي گهر ٽوڙڻ سان سندس ۽ ٻارن جي زندگي به ذليل ٿي پيئي.

هڪ ڏينهن هڪ شخص مونکي خط ذريعي عرض ڪيو ته مان سندس ڌيءَ کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ رضامند ڪريان ۽ هوءَ ان لاءِ مون وٽ ڏهه هزار روپيه رکڻ لاءِ تيار هو. مونکي خط پڙهي ڏاڍي حيرائي لڳي. مان خوشيءَ سان اها خوشخبري ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ٻڌائي جا پنهنجي ڌيءَ کي ڪاليج ۾ داخل ڪرڻ لاءِ وٺي آئي هئي. خط ٻڌندي ئي کيس ٻاهه وٺي ويئي چيائين ”هي نه ڏهه هزار روپيه آهن پر سموري ملڪيت ڏئي ته به مان اُنکي ڇهندس ڪين. مان نه ائين چاهيندس ته منهنجي ڌيءَ اُهيءَ کان مري وڃي ته چڱو، جو هوءَ پنهنجي پيءُ اڳيان مدد لاءِ هٿ ڊگهيري.“

مون ٻنهي ماءُ ڌيءُ جا خيال سندن ناٺيءَ کي ٻڌايا. هن ڇوڪريءَ جواب ڏنو ”منهنجي ماءُ جيڪي چوي ٿي، سو برابر آهي. مان اُن سان ٿي شامل راءِ آهيان.“ ۽ هن پنهنجي ماءُ جو ٿي ساٿ ڏنو.

١٦

نيچ نفرت

وواهه جيون ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت هجڻ به گهاتڪ آهي.

هڪ سنڌر استري، جنهنکي ٽي چار ٻار هئا. هڪ ڏينهن مون سان گڏجڻ آئي. ڳالهين ڪندي کانئس پڇيم ته ”سندس پتي ڪٿي هي؟“ هن ٿهه پهه جواب ڏنو ته ”اسين ٻئي هڪ ٻئي کان ڌار رهندا آهيون ۽ شايد هميشه لاءِ ڌار رهنداسين.“ مون کي سخت حيراني لڳي ۽ کيس چيم ”اوهان جهڙو سمجهو ۽ پڙهيل پتي پتنيءَ ۾ اها بيماري ڪيئن پيئي جو هڪ ٻئي کان ڌار ٿيا آهيو؟“

ڪجهه وقت بعد وري پڇيومانس ته ”سندس ٻار ڪٿي آهن؟“ هن جواب ڏنو ته ”ٻار ساڻس گڏ رهندا آهن. هو ٻيءَ وٽ وڃڻ پسند نٿا ڪن.“ مون کيس چيو ته ”هو ته چڱو خاصو تندرست، قداور جوان ۽ پڙهيل لکيل مرد آهي ۽ توهان اُن کان الڳ رهڻ ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهين؟“

هن جواب ڏنو ”مون کيس انڪري ڇڏيو جو مان کانئس نفرت ٿي ڪريان. هو ته ٻار ٻار وري پرچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر مان کيس ڏسڻ به نٿي چاهيان.“ مان دنگ رهجي ويس ۽ حيران ٿي پڇيومانس ”جيئن ته توهان پنهنجي پتيءَ کي ڌڪارڻ ۾ پڪ ٿي ويئي آهين، توهان پنهنجي پتيءَ کي ڌڪارڻ ڪارڻ سندس طاقت ۽ عزت جي سهاري کان به ٻارن کي والجهي ويئي آهين. انجو نتيجو ته ڏاڍو اگرو نڪرندو. توهان ته مصيبت ڀوڳي رهي آهين! توهان ٻارن کي پنهنجي پيءُ جي عزت واري لاچار ڪان والجهي، ٻارڻ هڪ ڇڏيل پتنيءَ واري جيون رهندي، پنهنجي ٻارن کي سندن پيءُ جي طاقت جو ڪو به فائدو حاصل ڪرڻ نه ڏيندين ۽ هن لاءِ تنهنجي سنهن ۾ به ڪو اخلاقي پڙ نه رهندو. هو توکان ڌ جدا ڪرڻ،

هڪ زال ۾ ليچ نفرت ڪيترو گهر ڪري ٿي وڃي، اُن جو پتو هيٺ انگيل سوال جواب مان پئجي سگهندو جو هڪ طلاق مليل زال ۽ هڪ سدارڪ جي وچ ۾ ٿيو.

سدارڪ:- ديوي جي! جيڪڏهن تنهنجو پتي لوڪان معافي وٺي ته ڇا تون کيس معاف ڪندينءَ ۽ گهر هلي ويهندينءَ؟

زال:- هوُ هزار وار منهنجي پيرن تي سر گسائي، سجدو ڪندي ڪندي سندس گوڏا گسي وڃن ته به مان کيس معاف نه ڏيندس. مان نه هنڪي ڏڪاريان ٿي، ڏڪاريان!

سدارڪ:- سمجهه ته تنهنجو پتي اڄ تحصيلدار ٿي لڳو وڃي ۽ هوُ اُن حيثيت ۾ لوڪي ڇوري ته. تون ساڻس گڏ رهه نه به ڇا توُن ساڻس گڏ نه ويهندينءَ؟

زال:- هو تحصيلدار ڇو، ڪٿي اَسان جي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿئي ته به مان وٽس وڃڻ لاءِ تيار نه آهيان.

سدارڪ:- جيڪڏهن هو پنهنجي جيوَن سماج جي ڀلي لاءِ قربان ڪري ته سندس ديش شيوا جو خيال رکي به ساڻس تعلق نه رکندينءَ؟

زال:- هو ڪٿي اوتار ٿي وڃي ته به ساڻس ڪو تعلق نه رکندس.

اَهڙو ضد آهي اُنهن مائٽن جو جي هڪ ٻئي کان نفرت ٿا ڪن. اُنهن کي ڪو به خيال آئڙي نٿو. هو پنهنجي سائين جي ڳلن کي ته ڏسي ئي نٿا سگهن. اُنهن کي جيوَن ساٿي ڪيترو به ڪٿي سمجهائي ته به ڪو به اثر نٿو ٿئي.

هڪ ٻيو مثال وٺو- هڪ نوجوان جوڙي جي شادي ٿي. هوُ ڏاڍو خوش رهندا هئا. ٻه ٽي سال سک سان گذاريا. هنن کي هڪ ٻار به ٿيو ۽ ڪجهه وقت بعد ٻار گذاري ويو. ٻنهي کي ڇا ٿي ويو سا خبر ڪانهي پر ٻئي اَچانڪ ڌار ٿي ويا. مڙس ٿي زال جي ولجوڻ ۽ وڇوڙي جو ڏاڍو گهرو اثر

اها ننڍڙي نفرت بري بلا آهي، جا چڱن ڀلن گهرن کي به تباهه ڪيو ڇڏي.

هڪ چڱي خاندان جي نوجوان ڪنهن ٻئي چڱي خاندان مان شادي ڪئي. اُنهن کي ٻه ٻار ٿيا. اوچتو سندن قسمت ۾ ڦيرو آيو ۽ اُن خوش قسمت ڪٽنب تي مصيبت جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا. اُنهن جي زندگيءَ جو جهاز راجيتيءَ جي خطرناڪ ڇٽان سان ٽڪرائي چُور چُور ٿي ويو. راجيتي چونڊ جو وقت هو ۽ ٻنهي پتي پتنيءَ اُن راجيتي ڪيترن جي ڪيل ۾ الڳ الڳ اُميدوارن کي ووٽ ڏنا. بس مهڻ مچي ويو. هڪ ٻئي کان نفرت ڪرڻ لڳا. آخر پتنيءَ سمجهيو ۽ هن پنهنجي پتيءَ کان معافي ورتي. پر مرد جي دل ۾ سخت ڪٽر ٻڌجي ويو هو. هن هڪ نه مڃي. ڪيترن دوستن وچ ۾ پئي معاملي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٺاهه ڪنهن لئي ڪين ٿيو.

هي جوان ٻاهر ولايت ويو. جڏهن ولايت مان آيو، تڏهن سندس زال ٻين سان گڏ ڪيس واڌائي ڏيڻ وئي، پر هن اُن جو ڪو به آدرڀاءُ نه ڪيو، بلڪ سندس بي عزتي ڪئي. وچاري ٻين جي سامهون هيءَ بي عزتي سهي ڪين سگهي. هوءَ نا اُميد ٿي ٽٽل دل سان واپس آئي.

اهڙيءَ طرح ڪين نه هڪ سنو سڦرو گهر پتي پتنيءَ خواهه ٻارن لاءِ دوزخ برابر ٿي پيو. ٻڌڻ ۾ آيو ته ٻارن مان هڪ تي پنهنجي پيءُ ماءُ جي جدا جدا رهڻ جو ڏاڍو برو اثر پيو ۽ پنهنجي تندرستي کوهي ويٺو. مون وٽ اهڙا گهڻائي مثال آهن نه ڪين اهڙي نفرت ڪيترن ورهاست جوڙن جي جيوَن برباد ڪري ڇڏي. گهرن جي ستياناس ڪري ڇڏي. هن ورهاست جوڙن کي اها خبر نه آهي ته شاديءَ بعد زال ۽ مڙس تي ڪافي جوابداري پوي ٿي. هر هڪ ٻئي ڏانهن به جوابدار آهن نه ٻارن ڏانهن به.

ڀڙهيل جوان سان مڱڻو ٿيو. اُنهن ٻنهي جي شادي به چڱي شان مان سان ٿي گذري. سولن جوڙا اُنهن سان ريس ڪرڻ لڳا. ڪيترن ڇوڪرن جي مائٽن ڪليو ڪلايو چيو ته اهڙي ڌام ڌوم سان هنن ڪڏهن به مڱڻو ۽ شادي اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. شل سڀني ڌيئرن جو مڱڻو ۽ شادي به اهڙي ڌام ڌوم سان ٿئي ۽ ڪنهن به کي اهڙو ڳهه ور ملي.

هيءُ جوڙو جهڙو هو ڀڙهيل ٿهڙوئي وري هو سندر. اُنهن لاءِ دنيا ۾ جيڪي به سک ۽ آرام سوچي سگهجي ٿو، سي سڀ موجود هئا. شاديءَ بعد جڏهن ڇوڪري پيڪي آئي ته هر ڪنهن اهو سوچيو ته جڏهن هوءَ وري ساهري ويندي ته ڏاڍي ڌام ڌوم سان ويندي ۽ چڱا جشن ٿيندا. پر ڪيترا ڏينهن گذري ويا ته هن ڇوڪريءَ کي ساهرن مان ڪوبه وٺڻ ڪين آيو. هر ڪو انتظار، اداسائيءَ ۽ نهايت فڪر ۾ پنهنجي سوچيندو رهيو ته آخر ماجرا ڇا آهي. جيتوڻيڪ زال مڙس کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي، پر عجيب معاملو اهو هو جو مڙس قانوني طور زال کان پلئو آجا ڪرڻ جي ويچار ۾ هو. ڇوڪريءَ خواه سندس مائٽن تي جڻ ٻاجهائي ڪري پئي. ڇوڪري سندر، ڀڙهيل ۽ سڀ ڳڻ رکندي به مڙس جي نفرت جو شڪار ٿي ساري عمر ڏکي گذارڻ لڳي.

ڪيترن شادين ته اهڙيءَ بربادي کان، ٻارن ٿيڻ تي بچي پون ٿيون. جن جوڙن کي اڃا اولاد نه آهي، اُنهنجي وواهت جيون ۾ ڪافي خطرو رهي ٿو. ٻار ته زال مڙس جي وچ ۾ دائما پيار جي قائم رکڻ جو ساڌن آهن. اڪري جيڪي زال مڙس شروع کان ٻارن جي پيدا ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ هٿرادو رستا اختيار ڪن ٿا، اهي پنهنجي گرهست آشرم ۾ وواهت جيون کي اشانت ڪرڻ جو جوکم سر تي کڻن ٿا.

ٿيو. هن زال ڏي ڪيترن دوستن ۽ مٽن مائٽن دواران ڇوايو ۽ هنڪي خواہ سندس مائٽن کي منٿون ڪيون ته هن کين ڇڏيو. زال جي اهڙي روش کي ڏسي لاچار ڪجھ وقت بعد هن جوان ٻي شادي ڪئي. اهو جوان ٻي شاديءَ کان ٻن سالن بعد مونکي گڏيو. هن ٻهراڻيءَ زال کي وساريو ڪونه هو. هن پنهنجو پيار ۽ سنيها مٺا ويچار دوستن ذريعي ٻهراڻيءَ زال کي پهچايا پر اُن تي ڪو به اثر نه پيو. هن اُنهيڪي چيو ته مون گرهست جيون خواہ اُن گهر ۾ وري پير پائڻ جو ويچار ئي لاهي ڇڏيو آهي. هوءَ مڙس کان اڪيلي رهندي هئي. اهيءَ نفرت جي اڳيءَ سندس وواهت جيون جي خواهش کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو هو.

هاڻي اها نفرت ڪرڻ جي ٻارنا شروع ڪيئن ٿي ٿئي؟ مونکي ڪن ماڻهن مان خبر پيئي ته هڪ گريجوئيٽ جوان پنهنجي هڪ چڱي گهر جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. پنجاب ۾ رواج آهي ته شاديءَ بعد ڇوڪريءَ کي يڪدم ساهري گهر وٺي ويندا آهن ۽ ٻن ٽن ڏينهن بعد وري پيڪي گهر ايندي آهي ۽ ڪجھ ڏينهن اُتي رهندي آهي. اُن بعد وري ساهري ويندي آهي. پيڪا اُن وقت کيس چڱيون سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي عزت سان اُماڻيندا آهن.

پر هن حالت ۾ جڏهن هيءَ ڇوڪري پيڪي آئي ته ساهرن مان ور کو کيس وٺڻ به نه آيو. هيءَ گهٽنا لڳ ڀڳ ٣٣ سال کن اڳ ٿي هئي. ڪڏهنڪي به هن جي ڌار ٿيڻ جي ڪارڻ جي ڪل ڪانهي. پر هن جوان کي هن ڇوڪريءَ لاءِ سياوڪ نفرت هئي ۽ هن سمجهيو ته جيڪڏهن هو کيس گهر وٺي ايندو ته سندس زندگي زهر ٿي پوندي.

ٻه ٽي سال اڳ هڪ ٻيو واقعو منهنجي نظر مان گذريو. هڪ اوچ پڙهيل ڇوڪريءَ جو هڪ عالي خاندان جي چڱي

هن جوان مان ڪنهن هڪ پٽ ڄائو. سٽو اهڙو واپار آهي جو ماڻهو ڪڏهن گهاٽي ۾ نه ڪڏهن واڌي ۾. هن جوان کي ڪجهه گهاٽو پيو. گهاٽو ايترو گهڻو نه هو جو هو پنهنجي اڳليءَ ڪمائيءَ مان پوري نه ڪري سگهي ها، پر هن جيئن نه سموري دولت پتنيءَ جي نالي ڪري ڇڏي هئي، سو پتنيءَ کي اُنهن پيسن مان ڪجهه قرض ڏيڻ لاءِ چيائين، پر هن پتنيءَ کي ڪابه مدد ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو. مارڪيٽ ۾ سندس عزت گهٽجي وئي، جا هو وري حاصل ڪري نه سگهيو. آخر کيس ڏيوالو ڪڍڻو پيو. ڏيوالي ڪڍڻ جي ٻي عزليءَ سندس حياتيءَ جو انت آندو. هو اهو ڏک سهي نه سگهيو ۽ اَجل جو شڪار ٿي ويو. هن خود غرض پتنيءَ پنهنجي پتيءَ کي مرڻ ڏنو، پر پيسو نه ڏنو. ان ڪانپوءِ وري هن شادي نه ڪئي، پر هميشه سڀاءَ سوارٿي رهيو.

هاڻي هيءَ استري ۽ سندس پٽ فقط ٻه پاڻ ۾ هئا. وقت پئي جڏهن ڇوڪرو وڏو ٿيو نه کيس هن اوچي تعليم ڏني ۽ سڌا ۾ چڱي نوڪري ڏياري. ان بعد کيس هڪ ڏينهن گهرائي چيائين، "مون پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. هاڻي توکي مون مان وڌيڪ ڪابه آشا رکڻ نه گهرجي، نڪي آءٌ توکي ڪا ٻي وڌيڪ مدد ڪندس، نڪي تنهن جي آمدنيءَ مان ڪجهه گهرندس ۽ نڪي توکي ئي منهنجي ملڪيت ملڻ جي آشا رکڻ گهرجي." اهڙيءَ طرح هن خود غرض عورت پنهنجي ٽن مڙسن، جن سان هن شادي ڪئي هئي، اُنهنکي خواه پنهنجي پٽ کي ان ملڪيت مان، جيسين پاڻ حيات هئي، ڪوبه فائدو وٺڻ نه ڏنو.

اخبار نويس لکيو نه سندس موت بعد سرڪار جيڪا موت پول سندس مٿان مڙهي، اُنجي خبر جي کيس پوي ها نه هوءَ قبر مان به اُٿڪي اٿي ها. سندس مرڻ پڄاڻا

خودغرضي

هڪ ڏينهن هڪ آمريڪن اخبار ۾ هڪ آمريڪن استريءَ جي ڪهاڻي پڙهيم. سمپادڪ اُن استريءَ کي، استري جاتيءَ ۾ نهايت نيچ ڪري لکيو. اها ڪهاڻي ممبئيءَ جي هڪ اخبار ۾ شايع ڪئي هئي. اها ڪهاڻي اُنهيءَ استريءَ جي سوارٿ کي ظاهر ڪري ٿي. هن استريءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو اُصول ٺاهيو هو ته ڪهڙي به رستي هوءَ جيترو پيسو ڪٺو ڪري سگهندو ڪٺو ڪندي. ڀل اُن لاءِ ڪهڙو به ڪڏو ڪم ڪرڻو پوي. هوءَ نهايت سندر هئي. سندس سندرتا تي موهت ٿي گهڻن ئي ماڻهن هنکي شاديءَ جي آڇ ڪئي. مگر هن ڪنهن سان به شادي ڪرڻ لئي چاهي ڇاڪاڻ ته ڪو به سندس ٻه مکيه شرط پورا ڪري نٿي سگهيو.

پهريون شرط هو ته هوءَ ڪنهن لکاپتيءَ سان شادي ڪندي. ٻيو شرط هو ته اهو لکاپتي شاديءَ وقت پنهنجي سموري ملڪيت سندس نالي ڪندو. شرطن جي پوراليءَ لاءِ هن هڪ ٨٠ ورهين جي مرد سان شادي ڪئي. هن پنهنجي سموري ملڪيت هن سهڻي خود غرض عورت کي ڏئي ڇڏي. سال ڀر بعد اهو پيرسن گذاري ويو. ان بعد هن هڪ ٻئي پوڙهي سان، جنهنجي عمر ٧٠ ورهيه هئي، اُن سان شادي ڪئي. اُن به پنهنجي لکن جي ملڪيت سندس نالي ڪري ڇڏي. اهو به جلد گذاري ويو. هنجي گذاري وڃڻ بعد هن وري هڪ نوجوان سان شادي ڪرڻ جو ويچار ڪيو. هوُ جوان سٺوڙي هو. هن به پنهنجي سموري دولت هنجي نالي ڪري ڇڏي ۽ انجام موجب جيڪي سٽي مان فائدو ليندو هو، سو سڀ پنهنجي پتنيءَ جي حوالي ڪندو هو.

ماءُ پيءُ جي دلين مان اها آهه زاري نڪتي ته "نياڻين جو شل جنم نه ٿئي. جڏهن ڪنهن گهر ۾ اُنهن جو جنم به ٿئي ته سندن تقدير اهڙي ٻري نه ٿئي، جو هنڙن دشت ٻڌيءَ وارن ماڻهن جي پيارين پون."

ٻنگال جي ويچاريءَ سنيهلتا پنهنجو آپگهات ڪري زندگي ختم ڪئي. سندس ٻانت غريب هئا ۽ هن ڪين ڪيئي دفعا چولدو ٻڌو ته هو بلڪل غريب هئا. نه ڪي ڏاجي ڏيڻ لاءِ وٽن ڪجهه هو اڪي ڪا ملڪيت ئي وٽن هئي، جا گروي رکي سندس اُڪلاءُ ڪري سگهن. هن ڏٺو ته هوءَ ئي مائٽن جي ڏک جو ڪارڻ هئي، انڪري هن انهن جي ڏک مٽائڻ جو اهو ئي رستو ڏٺو ته هوءَ پنهنجو آپگهات ڪري.

مان هڪ اَمير ماڻهوءَ سان گڏيس. ڪهس چار يا پنج ڌيئر هيون. هوُ منهنجي ڪاليج ۾ پڙهنديون هيون ۽ مان ڇوڪرين کي پڙهائڻ ۾ چاهه وٺندو هوس. ليڪ سيٺ يڪدم پنهنجي ڌيئرن کي ڪاليج مان ڪڍائي ورتو. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ مان سيٺ سان گڏيس. هن ويچاري ڏکي دل سان چيو "دوست توکي خبر آهي ته ڪنهن به رواجي ڪارڻ ڪري مان پنهنجي ڌيئرن کي ڪاليج جي تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم نه ڪريان ها. پر ڪارڻ اهو آهي ته مان هينئر شاهوڪار ماڻهو ٿي ويو آهيان ۽ هرهڪ ٿيڻ واري ور جون اکيون منهن جي ملڪيت ۾ آهن. جڏهن مان پنهنجي ٿيڻ وارن نائين کي، جيڪي هو گهرن، سو ڏيان ته مان پنهنجي پٽن لاءِ ورثي ۾ غريبيءَ کان سواءِ ڪجهه به ڇڏي نه سگهندس. ڏاجي بعد به هوُ مون کان ڪافي ڇڪ ڪندا رهندا. جيڪي هوُ گهرن ٿا اوترو مان ڏيئي نه سگهندس. ان ڪري رواجي گهرن مان ڇوڪرا ڪٽندس. اهڙا ڇوڪرا وري بي. اي. ۽ ايم. اي. پاس ڪيل ڇوڪرين وٽ لاءِ تيار نه آهن. ڪي بي. اي ۽

سندس وارث فقط اهو هڪ پٽ هو، جنهنکي هن جنم ڏنو هو. سندس پٽ نوڪري ڇڏي، عيش آرام جي زندگي گهارڻ شروع ڪئي. جيڪي ماڻهو پيسو ڪٺو ڪن ٿا، سي اهو نٿا سوچين ته پيو ساڻ نه کڻي ڪين ويندا، پر ان جي واسطا ممتا موه ۾ برباد ته اوس پاڻ سان کڻي ٿا وڃن.

هيءَ نه هڪ لالچي استريءَ جو مثال هو. هندستان ۾ ڪيترا ماڻت لالچي پيا آهن. هنن ۾ ڏاجي حاصل ڪرڻ جي ڏاڍي هٻڇ آهي. ان ڪارڻ ڪيترا ماڻت نهايت وحشانه طريقا به استعمال ڪندا آهن.

ملتان جي ڳالهه آهي. هڪ سس ۽ پٽ گڏجي هڪ نوجوان ڇوڪري جا ان استريءَ جي پٽ سان پرڻيل هئي، لٽهجو خون ڪيو. هنن هن ڇوڪريءَ کي بار بار مجبور ڪيو ته هوءَ پنهنجي ساهوڪار ماڻٽن کان ڪجهه هزار وٺي اچي ته سندس مڙس ولائت ۾ ان وڪالت پڙهي اچي. ڪيترائي دفع هن ڇوڪريءَ ماڻٽن کي مجبور ڪري به سندن گهر پوري ڪئي هئي. هن دفع هن ڏنو ته سندس مڙس ۽ سس حد کان ٻاهر لالچ ڪري جيڪا گهر ڪن ٿا، سا پوري ڪرڻ سندس ماڻٽن جي وس کان ٻاهر آهي. ان ڪري هن ان کان صاف انڪار ڪيو. ماءُ پٽ آپي کان ٻاهر نڪري ويا ۽ سندس پٽيءَ ۽ سس کيس مارڻ شروع ڪيو ته هوءَ مجبور ٿي سندن ڳالهه مڃي. هن ويچاريءَ اهڙا گهٽوئي راسو ۽ رڙيون ڪيون پر هنن ڪاسائن کي هنجي حال تي ديا نه آئي. آخر کيس اهترو مار پائون جو ڇوڪري مري ويئي. هنن پاڻ کي بچائڻ لاءِ جيئن ڪا به ڦاٿي نه ملي، ڇوڪريءَ جو سندس ماڻٽن جي پهچڻ کان اڳ ئي اگهي سنسڪار ڪري ڇڏيو.

ماڻٽن آخر انهن تي مقدمو داخل ڪيو جو هنن ڪٺو ۽ انهن تي ڪافي ڏرو ڏنڊ پيو. پر ماڻٽن نه ڏيءَ وڃائي. هزارن

اهي حقيقتون معلوم ڪري وڪيل دهليءَ آيو ۽ هن جوان جهڪي چيو ٿي، سو اُن کان لڪائي ورتائين. پوءِ ته ڪورٽ ۾ فرياد ڪري کيس جهڙي سزا جي لائق هو، تهڙي ڏيارائين.

جن وڇارن سان هن شادي ڪئي هئي، اُنهن جڏهن هي حال ٻڌو ته اُنهن جي اندر مان درد ڀري چلاهٽ نڪتي، پر هاڻي هو ڇا ٿي ڪري سگهيون.

سڪٽي لالچ هن جوان جي وواهت جيوَن خواه اُنهن ابلائن جي جيوَن، جن سان هن هڪ نه ٻئي بهاني شادي ڪئي هئي، برباد ڪري ڇڏي. لالچ هڪ ڀوت آهي. ان مان ڪنهن جو ڀلو نه ٿئي ٿو. هيءَ اُهڙي ته برائي ٿي ڪري ته ٻين کي به نقصان ٿي پهچائي.

هڪ ڇوڪريءَ لاءِ ڪنهن ٻڌايو ته، وواهت جيوَن جي اهڙي هڪ ڪٺور واقعي سبب هنڪي اهڙو ته صدمو پهتو آهي، جو هوءَ شادي ڪرڻ جو ويچار ئي لاهي ويٺي آهي.

هيءَ ڇوڪري ڪنهن نوجوان کي پيار ڪندي هئي، جنهن هن سان انجام ڪيو هو ته هو ساڻس شادي ڪندو ۽ ڪجهه به ٿي پوي ته هو ٻيءَ ڪنهن سان به شادي نه ڪندو.

ڇوڪريءَ بي. اي پاس ڪئي. هن اُميد رکي ته نوجوان هن سان شادي ڪندو. هن مائٽن سان سموري ڳالهه ڪئي ۽ کين چيو ته هوءَ ان ڇوڪري سان شادي ڪندي ۽ ٻئي ڪنهن سان به ڪين ڪندي، ۽ هو ڇوڪري جي مائٽن کي مائٽي آڇين.

هنڪي ڏاڍو ڏک ٿيو جڏهن کيس اهو معلوم ٿيو ته ڇوڪري جي مائٽن هن آڇ جي ڪا به پرواهه يا مان نه ڪيو. ڇوڪريءَ جي مائٽن ڇوڪري جي مائٽن کي چيو ته هن شاديءَ جو فيصلو ته ڇوڪري ڇوڪريءَ اڳيان ئي طئه ڪري ڇڏيو هو ۽ هنن کي ته فقط جوڙي کي آسيس ڏيڻي هئي. ڇوڪري جي

اهي ئي پڙهيل ڇوڪريون ٿي اهڙن ڇوڪرن سان شادي ڪرڻ پسند ڪنديون. ان ڪري مون پنهنجي ڌيئرن کي ڪاليج مان اٿاري ڇڏيو آهي."

آخر ۾ چيائين "اسان جي سماج جا نيم ئي اهڙا ڪڌا آهن جي غريب ڇوڪرين خواه غريب مائٽن جي جان وٺيو ڇڏين. هندو سماج ته پنهنجي پاڻ ناهيل اهڙن ڪڌن رسمن ۽ رواجن جي ڪري درد ۾ دکي ٿي رهي آهي."

دهليءَ ۾ هڪ عجيب واقع ٿيو. هڪ نوجوان، جو بي. اي پاس ڪيل هو ۽ شادي ڪيل هو، نوڪريءَ سانگي دهليءَ آيو. هنکي نوڪري ملي ۽ ڳوٺ ڇڏي اُتي اچي رهيو. هن کي اهو اچي خيال ورتو ته هو شاهوڪار ماڻهن سان مٽي مائٽيءَ جون ڳالهيون ڪري چڱي ڏاج ڏيڻ سان وري شادي ڪري. هن ڪوشش ڪئي ۽ هڪ چڱي گهر مان شادي ڪئي. هن جي پهرين زال کي اها خبر ڪانه پئي ته هو دهليءَ ۾ ٻي شادي ڪري رهيو آهي ۽ نڪي ٻيءَ زال کي خبر پيئي ته هو پهرين شادي ڪيل آهي.

هن جوان وري ٽين شادي ڪئي ۽ ڏاجو ورتو. هيءَ ڇوڪري به هنجي پهرين ٻن شادين کان غير واقف هئي. هن وري هڪ ٻي شادي ڪرڻ جو ويچار ڪيو. ويچارن کي هن ٻڌايو ته هو تمام چڱي عهدي تي آل انڊيا سروس ۾ هو ۽ شادي ڪرڻ جو ويچار ڪري رهيو هو. ڪو چڱو گهر ملي ته ڪيس ٻڌائن.

هڪ وڪيل پنهنجي ڌيءَ جي مڱڻي ڪرڻ لاءِ هن سان گڏيو ۽ هنجو سمورو حال احوال وٺي هنکي ٻڌائڻ پيان سندس ڳوٺ هليو ويو. جڏهن سندس مائٽن ۽ دوستن سان گڏيو ته ڪيس خبر پيئي ته هيءَ اڳيئي شادي ڪيل آهي ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ به آهي. ڪيس وڏو عهدو نه ڪين هو، پر ٦٠ روپين وارو هڪ رواجي نوڪر هو.

پورڙائي

سڪول ۾ پڙهندي مون کي هڪ عجيب واقع ڏسڻ جو موقعو مليو. هڪ ڇوڪرو جو مون کان ٧-٨ سال وڏو هو، سو پنهنجو ورنيڪيولر فائينل جو امتحان پاس ڪري انگريزي درجن ۾ داخل ٿيو. شايد مان ان سال ڇائون هوس، جڏهن هي انگريزي پڙهڻ ويٺو هو. هو مئٽرڪ ۾ آيو ته مان اڳي گڏيو ساڻس. هو البت سست هو ۽ هر هڪ جماعت ۾ ٻه سال ويندو هو ۽ ان ڪارڻ سندس مون کان ايتري وڏي هئڻ جي باوجود به مان اڳي ساڻس گڏيس. هنجو پڙهڻ جو حال نه ڏسي ڪيس مئٽرڪ ۾ ئي پڙهائي ڇڏڻي پيئي، پر جيون جو سفر ته اهڙي ناڪامياب لاءِ آسان نه آهي. نوڪريءَ ۾ به هي ايترو ڪامياب نه ٿيو.

هو ١٥-٢٠ روپيه مهيني ۾ ڪمائيندو هو. پر عجب لڳم جڏهن اهو معلوم ٿيو ته هن هڪ ڀنل گهر جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. مونکي اها خبر هئي ته هن ڇوڪريءَ لاءِ چڱن گهرن پنهنجي چڱي نوڪريءَ وارن ڇوڪرن جي آڇ ڪئي هئي. ڪارڻ اهو هو ته ڇوڪري وڏي ملڪيت جي مالڪ ٿيڻي هئي.

هڙي ڀنل گهر جي ڇوڪريءَ اهڙي ناڪامياب ماڻهوءَ سان شادي ڪيئن ڪئي، اها هڪ حيرانيءَ جي ڳالهه هئي. مان ڪاليج مان گهر آيس ۽ انهيءَ جي جاچ ڪيم ته اها شادي ڪيئن ٿي. معلوم ٿيو ته پورڙائي ۾ ڪيئن نه ڪيترن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي زندگي برباد ڪئي ٿي ڇڏي. هن نااميد ڇوڪري جي ماءُ پيءُ ته وچوارن کي ڪافي ڪارايو پيارايو ۽ ڪوشش ڪئي ته هن ڀنل گهر جي ڇوڪريءَ سان هنجي پٽ جي

پيءُ کرجي چيو ”اسان جي ڪٽنب ۾ ماڻهيءَ جو فيصلو ماءُ پيءُ ڪندا آهن ۽ نه ڇوڪرا يا ڇوڪريون.“ اترو چئي هُن ڇوڪري ڏانهن اشارو ڪري ڪين چيو ته وري به هن کان پڇن. ڇوڪريءَ جي ماڻهن ڇوڪري کان پڇيو. تنهن تي هن جواب ڏنو ته ”منهنجي مڱڻي ڪرڻ لاءِ ماءُ پيءُ کي ئي سمورو اختيار آهي. منهنجو نه ڪوبه وس ڪونهي. هن کي جيڪي وڻندو، سو ڪندا.“

ڇوڪريءَ کي جڏهن هيءَ خبر پئي ته دنگ رهجي وئي. هن جو هن ڇوڪري سان شاديءَ جا سونهري سپنا ٿي ڏٺا، تن تي پاڻي ڦري ويو. هن اهو معلوم ڪيو ته ان سموري ڳالهه جو ڪارڻ ماڻهن جي ڏاجي جي لالچ آهي ۽ ڏيتي ليتيءَ جي بري رواج ئي هنجي زندگي زهر ڪئي آهي. هن ڇوڪر هڪ شاهوڪار ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، جنهن کيس چڱو ڏاجو مليو.

هن حقيقت سندس آشا مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي. سندس سونهري سپنا ۽ آئينده جي جيون جا ويچار سڀ هوائي محل وانگر ڀٽ ڪري پيا.

هيءَ نراس ٿيل ڇوڪري پنهنجي ناڪاميابيءَ سبب ان نتيجي تي پهتي ته سکي وواهت جيون لاءِ پئسو ئي سڀڪجهه آهي. ان ڳالهه ۾ ڇوڪري سراسر غلط هئي. البت برابر آهي ته ماءُ پيءُ يا ڇوڪري جي لالچ ڪري هنجي شادي ڪين ٿي سگهي. لالچ ماڻهوءَ کي پنهنجي واعدي تان ڦيرائي ڇڏي ٿي، پر لالچ وواهت جيون جي خوشيءَ جو آڌار ڪونهي آهي.

زندگيءَ جي سک لاءِ نه سالوڪ جيون جي ضرورت آهي جو دک کي به سک ۾ بدلي سگهي ٿو.

۽ هو پيسو جام ڪمائي آيو آهي. مائٽن واري مائي هن وقت وٺي. حقيقت ۾ نه هن ماڻهوءَ ڪجهه به ناڻو ڪين آندو هو. پر هن چالاڪيءَ سان ڪجهه چانديءَ جا ٻولن ۽ گهڻن وغيره گهر ۾ پکيڙي ڇڏيون هيون ۽ گهڻن کي ٻڌڻ ۾ وجهي رکيون هيون. وچاري عورت جڏهن ڏٺو ته ٻڌڻ ۾ هيئن سون جون گهڻيون ٻيون آهن ته هڪڙي چيائين ته پيسا ته سنڀالي رکي ۽ هيئن بيپرواهي نه ڪري. هن جواب ۾ چيس "اڪيلو آهيان. مون کي گهر ۾ ڪم آهي جو پيسو ڏوڪڙ سنڀالي رکي. اڪيلو مرد ماڻهو گهر ڪيئن سنڀالي سگهندو."

بس! هيءَ خبر آگ واڪر ڦهلجي وئي. هڪ ٻئي پٺيان مائٽون اچڻ لڳيون. آخر هيءَ سڌري به آچي وئي ۽ هفتي اندر هنجي شادي به ٿي وئي. هن ماڻهوءَ جيڪو ڪوڙ جو پانڌو ٺاهيو هو، سو هاڻي ڊهڻ لڳو. جيڪي هڪڙي ڏاجي ۾ ناڻو مليو، سو جڏهن خرچ ڪري چڪو ته پنهنجي سچي حالت ظاهر ڪرڻ لڳو ۽ زال کي حقيقت ٻڌايائين. چون ٿا ته هن ڇتي واري جو ڪم شروع ڪيو. ڪجهه وقت بعد ڪيس هڪ ٻار ٿيو ۽ ٻاڻ به جلد ئي گذاري ويو ۽ پنهنجي زال ۽ ٻار لاءِ غريبي ۽ مصيبت ڇڏي ويو.

اهڙيون مصيبتون ڪيتريون ايندڙون رهن ٿيون، پر اهي سڀ ٻالي پولي هئڻ سبب ماڻهوءَ کي ڀوڳڻيون پون ٿيون.

مٿي مائٽيءَ جي ڳالهين ۾ نه اها پورڙائي ڏاڍو ٿي رلائي. ڪيترا نوجوان اهڙي طرح دوکيبازي ڪري ڪيترين شاديون ڪري سگهيا آهن. هڪن ٻاڻ کي غير شادي شده ٻڌائي ٻين اردوش ڇوڪرن کي ڦاسلايو آهي. هڪ ٻيءَ پنهنجي ٻي. اي پاس ڪيل ڇوڪريءَ کي مهنجي ڪاليج ۾ الم. اي ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ولي آيو. مون فقط ڪالئس پڇيو "جڏهن ٽوهانجي ذيءَ ٿازو شادي ڪئي آهي ۽ هوءَ ڇڱيءَ طرح وواهت جيون

شادي ٿئي. هن وچوارن اهو ظاهر ڪيو ته نوجوان تمام
هوشيار ڪاليج جو وديارٿي هو. هن کي سوا سؤ روپين واري
نوڪريءَ جي به آڇ ٿي هئي، پر هن انڪار ڪيو، جو ڪيس
وڌيڪ پڙهڻ جو ويچار آهي.

ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ هن دوکيبازيءَ جو شڪار ٿي ويا
۽ مالٽي ٿي. جڏهن شادي ٿي ته کين خبر پيئي ته ڇوڪرو
نه مئٽرڪ به پاس ڪيل نه آهي ۽ هو نه فقط ١٥ روپيه ماهوار
مس ڪمائيندو آهي. مائٽن لاچار قسمت جو رانگ سمجهي
چپ ڪٽي ڪئي.

مان اهڙيءَ واقع کي ڪوشش ڪري به وساري نه سگهيو
آهيان ته وسوڙائي ڪيئن نه سمجهدار ماءُ پيءُ کي به خوفناڪ
مصيبتن ۾ ڌڪي ڇڏي ٿي. مون کي اها به خبر آهي ته
هي ٻئي شادي ڪري سگهي رهي نه سگهيا ۽ نڪي ڪو
پار ئي ٿين.

هڪ ٻيو به اهڙو پورڙائيءَ جو مثال ڏيان. اسڪول جي
وقت مان هڪ ڏيهن گهٽيءَ ۾ رالد ڪري رهيو هوس ته
مون هڪ نهايت سندر ۽ شخصيت واري، پر ڏاڍي غريب
استري گهٽيءَ ۾ ايندي ڏٺي. اهڙي سندر استريءَ کي اهڙي
غريب گهر ۾ رهندو ڏسي حيراني لڳم. پنهنجي سائيءَ کان
پڇيم ته هوءَ ڪير هئي؟ ته هن چيو ”لوڪي وهاريءَ جي حالت
جي خبر ڪانهي ا هوءَ تنهنجي هم ڪلاسيءَ جي ماءُ آهي.“
وري پڇيومانس ته هوءَ اهڙي جهوپڙيءَ ۾ ڇو ٿي رهي ۽
اهڙي نرڌنتا جي جيون ڪيئن ٿي ڪاٽي. هن چيو ته اها
استري ته ڪنهن شاهوڪار گهر ۾ وڃي راڻي ٿئي ها پر هيءَ
اهڙين حالتن جو شڪار ٿي وئي، جن تي هنجو ڪوبه وس نه
هليو. هن پوءِ درد ڀري ڪهاڻي وستار پوروڪ سڻائي:
”هن پاسي جو هڪ ماڻهو پڌارا مان آيو هو ۽ هن مشهور ڪيو

ناس ڪيو آهي.

هڪ نوجوان، هڪڙي نهايت ئي سندر ڇوڪريءَ کي پنهنجي ٻي زال ڪري گهر وٺي آيو. سندس پهرين زال مري وئي هئي. هو انهيءَ زال کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. پر پاڙيوارا هن جي سکي جيون رهڻ برداشت ڪري نه سگهيا. آخر هنن هڪ رٿ رٿي ۽ هن انهيءَ زال کي سندس پتيءَ خلاف آڏيون اُبتيون ڳالهيون ٻڌائي سندس من خراب ڪرڻ لڳا. جڏهن هو هن کي ڪي به زيور پائڻ لاءِ ڏيندو هو ته هو چونديون هيون ”هي زيور هن جي پهرين زال کي پاتل هئا. مرڻ وقت سندس نڪ مان، ڪنن مان ۽ ٻانهن مان لاٿا هئائون. هي نه مرديءَ کي پاتل هئا.“ جڏهن هي جوان زال کي چڱا ڪپڙا پائڻ لاءِ وٺي ڏيندو هو ته هو چوندا هئس، ”اهي ئي ڪپڙا ته هن جي پهرينءَ زال کي پاتل هئا. هوءَ ڏڻ وار تي اهئي ڪپڙا پائيندي هئي.“

اهڙيون ڪيتريون ئي بيهوديون ڳالهيون جن تي هن زال کي اعتبار نه ڪرڻ کپندو هو، سي هوءَ وسهي وئي. نتيجو اهو نڪتو جو هن جي دل تي ڪٽ ٻوڙ لڳو. هنن جو هڪ ٻئي سان وفادار رهڻ جو انجام ڪيو هو، سي هميشه بي-دليا رهڻ لڳا. هيءَ ويچاري جوانيءَ ۾ ئي گذاري وئي ۽ مرد ويچارو به نهايت دکي ۽ دل شڪن رهڻ لڳو.

ٿورڙائي ۽ بي اعتباري ٻئي گڏوگڏ رهن ٿا. اهي ته هڪ ٻئي جا سائي آهن.

مون کي هڪ شادي ڪيل استريءَ جي ڄاڻ آهي. هن جو مڙس ۾ پورن وشواس هو. هو جڏهن هن کي گهر وٺي آيو ته هوءَ پاڙيوارن وٽ گڏجڻ وئي. ڪنهن سندس پتيءَ جي خلاف ڪجهه صلاح طور ٻڌايو ته ٿوري خبردار رهي. هوءَ ان استريءَ جي گهر مان يڪدم ٻاهر هلي آئي ۽ اچي سموري

بہ سگھي آھي تہ پوءِ وري سندس لٽڻ سر پڙھائي ڇو نہ شروع ڪئي؟” ھن ٿڌو ساہ کڻي جواب ڏنو تہ ”ڇوڪريءَ وچاريءَ تي عجيب مصيبت اچي ڪڙڪي آھي. جڏھن ھن کي ساھري وٺي ويا تہ کيس خبر پيئي تہ ھوءَ اڳيئي شادي ڪيل ھو. ھيءَ خبر ٻڌندي ئي ھوءَ پنھنجي دوکيباز پتيءَ جو ھميشہ لاءِ گھر ڇڏي آئي.“ مون پڇيومانس تہ ڇا شاديءَ کان اڳ اوھان ڇوڪريءَ طرح جاچ جوچ ڪين ڪئي ھئي ڇا؟ تہ دک سان چيائين ”مون سان دوکو ٿي ويو ۽ ان کان پاڻ بچائي ڪين سگھيس. ھن ڌيءَ جي دک منھنجو جيئون دکمہ ڪري ڇڏيو آھي، پر خبردار بہ ڪري ڇڏيو آھي.“

آئينده ھلي پتو پوندو تہ ھن دردناڪي حال ۾ ھيءَ ڇوڪري پنھنجي جيئون ٻالڙا ڪيئن ٿي پوري ڪري.

ھڪ شادي ٿي رھي ھئي. شاديءَ جي وقت گھوٽيتا جيج ڪري اچي ڪنوار ٽتي وٽ گھر پھتا تہ اُنوقت اوچتو ظاھر ڪيو ويو تہ شادي مھمل ڪئي ٿي وڃي. ڇوتہ تہ اوڏي مھل ڇوڪريءَ شاديءَ ڪرڻ کان انڪار ڪيو. انجو ڪارڻ اھو ھو تہ ھڪ عورت جا نھايت حاسد ھئي، ان ڪنوار کي گھوٽ بابت گھٽ وڌ ٻڌايو ھو. گھوٽيتن ان کي گھڻو ئي سمجھايو تہ ڳالھ ۾ ڪجھہ بہ ڪين آھي ۽ شادي ٿيڻ وڃڻ گھرجي. آخر فيصلو ٿيو ۽ شادي اوڏي مھل ٿي وئي. پر ڇوڪريءَ جي من تي جو اثر پئجي ويو ھو، اھو ڪڏھن بہ گھٽيو ڪين. شاديءَ کان ڪجھہ وقت بعد ھوءَ ڇوڪري وري پئي ڪنھنجي چنبي ۾ اچي وئي. جنھن سندس مڙس بابت ڪافي گھٽ وڌ ڳالھايو ۽ ڇوڪري ھميشہ لاءِ مڙس کان الڳ ٿي وئي.

مٿيون مثال شاديءَ جي وقت جو ھو. پر اھڙا واقع بہ آھن، جتي پوڙھاليءَ وواھت جوڙن جي گھريلو جيئون جو بہ

استري پرش جو ناجائز رستو

ڪام واسنا جي ترپتيءَ لاءِ ٻئي خواهه ٻنهي جڏهن پر- استري يا پر-پرش سان رستو رکن ٿا ته اهو ناجائز رستو انهيءَ گهر جي سک ۽ شانتيءَ واسطي وناشڪ ثابت ٿئي ٿو.

مان ١٤ سالن جو مس هوس ته ڏٺم ته هڪ ايڪانت گهٽيءَ ۾ هڪ چڱو خوبصورت جوان هڪ سنڌ ۾ نوجوان ڇوڪريءَ سان ڏاڍي آلساهه ۽ پيار سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. مان انهن کي سڃاڻندو نه هوس. پر اهو عجب لڳم ته هو اهڙي سنئين چال اوجهڙ هنڌ ايڪانت گهٽيءَ ۾ لڪي پاڻ ۾ ڳالهيون ڇو ڪري رهيا هئا. ڪي اهڃاڻ هئم ته انهن جو پاڻ ۾ ڪهڙو ناتو هو ۽ هو ڪير هئا، پر پوءِ ماڻهن ۽ زالن کي هنن بابت ڳالهائيندو ٻڌم. ان مان اهو سمجهيم ته هنن ٻنهي جو پاڻ ۾ ناجائز رستو هو. ٻنهي شادي ڪيل هئا. نوجوان هڪ شاهوڪار واپاريءَ جي ڌيءَ سان پرڻيل هو ۽ هوءَ ڇوڪري هڪ سنڌ ورڪيءَ سان پرڻيل هئي، جو ٻاهر واپار ڪرڻ لاءِ ويل هو. ان کي چار ٻار هئا ۽ اهي سڀ جيئرا هئا ۽ سندس هي ٻار ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ هو جي هن کي پنهنجي حق ٻڌي زال مان هئا. سو هي ٻئي ڪرپال السان هئا، جيتوڻيڪ ڪين ڪرڻ جو ڪو به سبب نه هو. هنن جو پاڻ ۾ رستو ٿيو هو ان کان اڳ هو ٻئي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ چڱيءَ طرح ۽ واهت جيون گذاريندا هئا. هنن جي ناجائز رستي سندن جيون برباد ڪري ڇڏيو.

هنن جي رستي کي ٽي چار سال ٿي ويا. ان بعد عام ماڻهن کي پتو پيو ته هنن جو پاڻ ۾ ناجائز رستو آهي. ان استريءَ جي پتيءَ کي ولايت ۾ هن جي ماڻهن تار موڪلي ته هو جيڪڏهن پنهنجو گهر بچائڻ چاهي ته هڪدم هليو اچي. هو

ڳالهہ پنهنجي پتيءَ سان ڪيائين ۽ ڪيس چيائين تہ ان استريءَ کي سمجهائي ڇڏي ۽ ڪيس اهو ٻڌائي تہ هوءَ سندس صحبت کان بہ ٻچي ٿي. ان کان پوءِ ڪنهن بہ سندس مڙس جي خلاف ڪيس ڪجهہ بہ ٻڌائڻ جي همت نہ ڪئي.

ائين ڪين هو تہ هنجي مڙس ۾ ڪوبہ عيب ڪين هو. پر هيءَ استري ان کي عيبن کان آجو سمجهندي هئي. سندس هن وهنوار ۽ سمجهڻ جي طريقي سندس گهر کي سرڳ بنائي ڇڏيو. هر هڪ پتي پتنيءَ کي پنهنجي من جي استتي اهڙي رکڻ گهرجي. پنهنجي گهر جي ڪنهن بہ پاليءَ خلاف ڪنهن ٻئي کان ڪجهہ بہ ٻڌڻ هڪ تمام وڏي غلطي آهي.

ٿا ڪن، سي پنهنجي هٿن سان پنهنجي قبر ٿا کوٽين.

وڪالت ڪندي هڪ عجيب واقعو درپيش آيم. ڪو ماڻهو ولايت ويو هو ۽ اُتان ڪافي دولت ڪمائي آيو ۽ اچڻ سان اُن سندس شادي هڪ چڱي خاندان ۾ هڪ چڱيءَ ڇوڪريءَ سان ڪئي ۽ ٻئي سک سان رهڻ لڳا. ان ٽن سالن بعد کين هڪ ٻچو به ڄائو. پر بدقسمتيءَ سان سندس پتني هڪ بيوقوف ۽ لفنگي جي پيار ۾ ڦاسي وئي ۽ لفنگو به هنجي الهن ارادن کي ڪامياب ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو. ٻئي انهيءَ ڪم واسطا لڪتيءَ لاءِ پاڻ ۾ ناجائز رستو رکي هلڻ لڳا. ڪجهه وقت ته سندن پاپ لڪو رهيو. آخر خون ڪستوري ڪيترو لڪي! ماڻهن کي هنن جي رستي جي خبر پئجي وئي.

مڙس پنهنجي پتنيءَ کي گهڻوئي سمجهايو ۽ هن لفنگي کي ڌمڪايو ته هو بديءَ کان باز اچن، پر سندس پتني باز نه آئي. هن رولاڪ چيو ته هو کيس نه ڇڏڻ لاءِ تيار هو، پر هن استريءَ جي پيچ ۾ اهڙو ته پختو ڦاسي ويو هو جو هن استريءَ لاءِ کيس ڇڏي ڏيڻ محال هو.

هيءَ استري پنهنجي وڇولي عمر واري گهوٽ، گهر ۽ ٻارهن مهنن جو اٻهم ٻار ڇڏي، بي عزتي، ٺڳي ۽ بي حيائيءَ واري جيون رهڻ لڳي.

مون پاڻ ان بدڪار استريءَ کي ڪافي سمجهايو ۽ وينتي ڪئي ته هوءَ پنهنجي ڌر وٽ واپس وڃي، جتي عزت، مان ۽ پيار جا دروازا اڃا به سندس لاءِ کليل هئا. مون کيس اِترو به سمجهايو ته هن لاءِ پنهنجي پتيءَ سان گڏ رهڻ ۾ قانوني توڙي ساماجڪ آڌار آهن، پر هن لفنگي سان هوءَ سڄي عمر به ڪٺي رهي نٿي ۽ هن کي سماج کان ڪا به مدد نه ملندي."

وڌيڪ سمجهائيندي کيس چيم، "هن پاپ جي زندگيءَ

پنهنجي گهر ۽ عزت خاطر يڪدم گهر واپس ورئو.

هن ٻنهي ناجائز رستو ڇڏيندڙن ايندڙ خطري کي ڄاڻي ورتو ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪري شهر کان ٻاهر هڪ مڪان وٺي اُتي ڪليو ڪلاڻو رهڻ لڳا.

جڏهن اُن استريءَ جو پتي ولايت مان واپس پهتو تڏهن ڪيس خبر پيئي ته سندس سندر پتنيءَ گهر ٻار ڇڏي پنهنجي ان مالدار يار سان گڏ ڪليو ڪلاڻو پاپ جي زندگي گهاري رهي هئي.

هن مرد سڌي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ انهيءَ واپاريءَ تي ڪيس داخل ڪيو. ڪيترا ماڻهو وچ ۾ پئي ناهه ڪرائڻ لڳا. مرد آخر ٻارن جي صدقي وڪيلن ۽ ٻين جي چوڻ تي پنهنجي زال کي واپس وٺڻ قبول ڪيو، پر انهيءَ شرط سان ته هوءَ نيڪيءَ جي راهه تي هلندي ۽ بديءَ جو رستو هميشه لاءِ تياڳ ڪري ڇڏيندي.

پر هن پنهنجي اها ڳالهه نه مڃي. ڪيس هليو ۽ هن انهيءَ جو مقابلو ڪيو. ڪيس ته صاف هو ۽ اُن استريءَ جي يار کي ڏوهي ٺهرائي ڪيس ڇهه مهينا سخت پورهئي سان سزا ملي. ان هوندي به هوءَ بدعورت گهر ۾ ٻارن وٽ واپس نه آئي، جڏهن سندس يار جيل مان واپس آيو تڏهن اُن سان گڏ پاپ ڪرم واري حياتي گذارڻ لڳي. هن ناجائز رستي ڪارڻ ٻئي نيات کان نڪري ويا ۽ بي شرميءَ واري حياتي رهڻ لڳا. هن جي مرڻ وقت ماڻهو هن تي قياس ڪرڻ لڳا، هن فقط پنهنجي ڪام واسنا پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر جي شانتي ۽ ٻارڙا قربان ڪري، ان جي اُلٽي هميشه لاءِ ختم ڪري، پنهنجي ۽ خاندان جي عزت ٻوڙي ڇڏي.

اهڙي طرح جيڪي ماڻهو پر- پرش يا پر- استريءَ سان ناجائز ڪام ترپتيءَ جي وس ٿي پنهنجي آئينده جو ويچار

منهنجي ۽ اکين ۾ پاڻي ڀري آيو. ڪنهن ۾ استريءَ جو ڏک مان نه سهي ڪين سگهان. ڪجهه وقت بعد پڇائين "اوهين فلاڻيءَ استريءَ کي سڃاڻو؟ ۽ اوهان کي اها خبر آهي ته هن استريءَ مون کان منهنجو پٽ کسي ورتو آهي؟"

مون وراڻيو "ها، مان کيس سڃاڻان، پر اها خبر نه اٿم ته هن منهنجي ڌيءَ کي لوڪان الڳ ڪري ڇڏيو آهي." هن وڌيڪ ٻڌايو ته "جتي هوءَ رهندي هئي، اُتي سندس ڌيءَ جو وڃڻ ٿيو. هن سندس چڱي خاطري ڪئي ۽ هن جي خدمت جي ڪري منهنجو مڙس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جڏهن گهر آيو ته ان جي ڏاڍي ساراه ڪيائين ته نهايت نيڪ استري آهي، ڏاڍي سندس خاطرداري ڪئي هئائين ۽ هوءَ جڏهن اسانجي ڳوٺ آئي ته مان به سندس چڱي خاطري ڪري بار لاهيان. جڏهن هوءَ اسانجي گهر آئي ته مون به سندس ڏاڍي خاطري ڪئي. پر اها خبر ڪانه پيم ته سندس من ۾ پاپ ڀريل آهي. سرديءَ جي راتين ۾ هوءَ منهنجي بيماريءَ جي بهاني منهنجي ڌيءَ کي سڏ ڪندي هئي. مون کي اها خبر ڪين پيئي ته اهو سڀ دوکو آهي. بلڪ مون مرد کي چيو ته جيئن ته هن نيڪ استريءَ سندس ڪافي خدمت ڪئي هئي، هن جي بيماريءَ وقت شفا ڪري، ٿورو لاهڻ گهرجي. منهنجا ته طاق لڳي ويا، جڏهن هڪ ڏينهن سندن پاپ جو پردو کلي پيو. اوهين مهرباني ڪري منهنجي ڌيءَ کي هن سان رستي رکڻ کان روڪيو."

مرد جي هن اخلاقي گراوٽ ڪارڻ هڪ چڱي گهر جي ستيا ناس ٿي ويئي. جيتري قدر ياد اٿم، هيءَ ويچاري بدنصيب استري وري ڪڏهن به مڙس جي خوشي ۽ پيار هٿ ڪري نه سگهي.

هن ظالم استريءَ کي جنهن هنجي گهر جي سک شانتي ختم

رهڻ ڪارڻ تون سڀ نعمتون جيڪي اسين نهايت پياريون
ٿا سمجهون سي کسي ٿي وڃن. جيڪڏهن تنهنجو يار توسان
بي وفائي ڪري، توکي ڇڏي وڃي ته تون ڪٿي اڪائڻ لاءِ به
جاءِ حاصل ڪري نه سگهندينءَ. سماج ۾ تنهنجي ڪابه رکيا
نه ڪندي ۽ پاڻ کي زنده رکڻ واسطي توکي پاپ جي زندگي
بسر ڪرڻي پوندي." مون سندس پڇاڙي به ڏٺي. سندس
يار ڪنهن ڏوهه ۾ پڪڙيو ويو ۽ کيس سزا اچي وئي. هو جيل
۾ ويو پر هيءَ اُن سان نينهن نباهيندي رهي. جڏهن سندس
سزا جو مدو پورو ٿيو ۽ هوُ جيل مان آزاد ٿيو ته هيءَ کيس
گڏجڻ ۽ وٺڻ وئي ۽ اُن سان گڏ اچي رهي. شهر ۾ ڪو به
سندس عزت نه ڪندو هو. آخر هو پنهنجو ملڪ ڇڏي ٻئي
پرانت ۾ هليا ويا. سندس هڪڙوئي پٽ آخر وڏو ٿيو ۽
مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جڏهن مون ساڻس
سندس ماءُ، جا کيس ٻارهن مهينن جو ڇڏي ڀڄي وئي هئي،
جو ذڪر ڪيو ته هنجون اکيون سخت جوش کان لال ٿي
ويون ۽ چيائين "مون کي ڪابه ماءُ ڪانهي. هنجو ته سماجڪ
خواهه اخلاقي طور ڪيترا سال اڳ موت ٿي چڪو هو. مان ته
فقط پيءُ جو پيار ٿي ڄاڻان ٿو ۽ ان جو پورو قدر اٿم. مان
ان ماتا جو ظلم وساري نٿو سگهان. مان سندس هڪڙو ۽
پهريون ٻار هوس ۽ هوءَ مون کي ٻارهن مهينن جو ڇڏي
ڀڄي وئي. اهو شڪر آهي جو هن پنهنجي وڌيڪ سنتان نه
پيدا ڪئي آهي، جيڪا هنجي ظلم ۽ اپوترتا جو داستان ياد
ڪري ڏکي ٿئي."

اهو پورو رستو انسان ذات تي هڪ بدنما داغ آهي. هڪ
ڏينهن هڪ استري مون وٽ لنگهي آئي ۽ چيائين ته مان پنهن
جي دل جو درد توسان روئي اوريندس. ايترو چئي هوءَ
اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. سندس ڳوڙهن کي ڏسي

بربادي ڪرڻ ۽ گهر جو واهپو منڊل زهر ڪرڻ. جنهنجي ماءُ جا اکيون وڃي اٿيئي ان کي ڇڏ نه وڃي ٻئي ماڻهوءَ سان شادي ڪري.

مڙس کي اهو ڪتو جواب ڏنئي هوءَ اندر هلي وئي ۽ ڏاڍو رُئڻ لڳي.

جنهن ڳالهه جو انديشو هو، سا ٿي ٿي. ساري گهر جي برباد ٿي وئي ۽ زال مڙس جي وچ ۾ ڪٽر پٽجي ويو.

ڪنهن به گهر جي خالمي لاءِ مرد جو يا زال جو ٻنهي جو حق ڇڏي ڪنهن ٻئي سان ناجائز رستي جهڙو خوفناڪ ڪارڻ ڪو ٻيو نه آهي.

پتي يا پتنيءَ جو پر-استريءَ يا پر-پرش سان ناجائز رستو گهر کي اجڙ ڪري، عزت ۽ ناموس سڀ مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي ٿو.

ڪئي هئي، جڏهن ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڪلندي جواب ڏنائين "جيڪڏهن مرد زال کي ڇڏي ٿو ڏئي ته ان ۾ مرد جو ڏوهه نه آهي بلڪ زال جو، ڇاڪاڻ ته هوءَ مڙس جو پيار ۽ وفاداري پنهنجي لاءِ قائم نٿي رکي سگهي."

هن بد اخلاق جا لفظ دل ۾ اڃا به چڀ چڀ ڪن ٿا. هن ڪنهن نيڪ عورت جي گهر برباد ڪرڻ ۽ هنجي پٺيءَ کي ڪسڻ ۾ پنهنجي جيت سمجهي ۽ هن نيڪ عورت سان ظلم ڪيو. هيءَ نيڪ عورت جڏهن گذاري ويئي، تڏهن مرد ڪيترن ڏينهن بعد معلوم ڪيو ته هوءَ هڪ ديوي هئي، جا سندس جيون ساٿي هئي. هنجي هر ڪار ساراهڻ جوڳي هئي ۽ هوءَ سيني عورتن کان هزار بار زياده عزت جي لائق هئي. مرد کي هڪ نيڪ استري ملي ٿي ته اها ان جي خوش قسمتي آهي. هنکي هميشه پرائي استريءَ جي آڪرشڻ ۽ لوڀ کان نفرت ڪرڻ گهرجي.

هڪ ٻي واقع جو ڌيان آيم، اُن ۾ وري مرد ڏوهاري هو. هن مرد پنهنجي دوست جي وڌوا سان نينهن لڳايو هو. سندس زال هنجي هن حالت تي نهايت دکي رهڻ لڳي ۽ هڪ ڏينهن هنن ٻنهي جو مائٽن جي سامهون کليو جهڳڙو ٿي پيو. زال اُن جي بيوفائيءَ جي ڪلئي ڪلائي نيڪاڻپٽي ڪئي. مرد زال جي اهڙي روش ڏسي پاڻ تان ضابطو وڃائي ويٺو ۽ زال مرد جي وچ ۾ هيٺين گفتگو ٿي:-

مرد:- مان نه ان زال سان رشتو ٽوڙڻ لاءِ تيار نه آهيان. اَگر توکان اهو برداشت نٿو ٿئي ته، مان هن سان رشتو رکان نه توکي ئي موڪل آهي، تون به وڃي ٻيو گهوٽ ڪر.

زال:- بيشرم! تو پنهنجي ڪڌي ڪرم سان پنهنجي خاندان جي عزت ته برباد ڪئي، هينئر تون چاهين ٿو ته مان به لوڪ لڄا لاهي تو وانگر هلان، پنهنجي عزت ۽ ڪٽنب جي

نه گهر ۾ شانتي. هيتري پئسي هوندي به لوڪ مون کي لنگهه ٿو ڪن. مان چاهيان ٿي ته مان هڪ امير عورت وانگر رهان، ۽ لوڪ چاهين ٿو ته مان پنهنجي پوڙهيءَ ماءُ وانگر رهان. هوءَ نه غريبيءَ ۾ رهي ۽ غريبيءَ ۾ ئي پلي. جڏهن لوڪ شاهوڪار ٿين تڏهن به پنهنجو اهو حال رکائين.

پيا ته ڇڏ، اسانجي پاڙيسرين کي ڏس. هو آلدي ڪاڏي ئي آهن. مرد ڏهاڙيءَ جي حساب سان ڪارخاني ۾ ڪم ڪري، تڏهن به ڪهڙا نه خوش آهن. هو ٻئي ڏاڍا خوش ٿا رهن. جيڪو به وقت خالي هجين سو ٻئي گڏ رهن ٿا ۽ پڙهن وڻندين ٿا، پر مون لاءِ ڪيترا هفتا ٿيو وڃن جو اهڙو موقعو ئي ڪين ٿو ملي. هو روز گڏجي بازار مان سودو وٺڻ وڃن، مان نه اڪيليءَ لاءِ به پيئي لڙڪان.“

هن جواب ڏنو ”لوڪي شاهوڪار ماڻهوءَ جي زال ٿيڻ جو شوق آهي. الڪري مان شاهوڪار ٿيڻ ٿو چاهيان. جڏهن پئسي ڪٺي ڪرڻ جي هيج اچي ٿي ته وري تڏهن سنتوش نڪري وڃي. مان بئنڪ ۾ پئسو ڪٺو ڪرڻ ۾، نه لوڪ پنهنجي ڪمن وغيره ڪٺي ڪرڻ ۾ لڳي ٿي رهين. جيڪو اسانجو اڌيش هوندو، اسانجو سڀاءُ به نه ان موجب بدلجندو رهندو. اسين لالچ وس ٿيا آهيون ۽ هوڏانهن خوشي پريل صحبت، هڪ ٻئي لاءِ پيار، سک ۽ قرباني اسان جي غريب پاڙيسرن جي جيون جو گڻ آهي. پئسي جي لحاظ کان نه اسانجي پمت ۾ هو غريب آهن، پر سنتوش جي درشٽيءَ کان اسين غريب آهيون.“

زال چيو ”مان نه سنتشٽ ٿي جيون گذارڻ چاهيندس ۽ پوءِ ڀل غريبي هجي. مون کي شاهوڪار جي استري ٿي رهڻ کان اها جيون وڌيڪ پسند آهي.“

مرد مرڪندي چيو ”جيڪڏهن پنهنجي پاڙيسرن کي به

آستوش

استوش ڪارڻ ماڻھو بي-شڪر ٿي قدرت جي ڏنل نعمتن لي خوش نہ رهي، هميشه ڪرڪندو رهي ٿو. ان ڪارڻ گھر مان شانتي هلي وڃتي ۽ دائما ڪلڪل پيدا ٿيو پوي. انهيءَ اَستوش جو هڪ ڪارڻ آهي پيسي جي لالچ.

هڪ وچولي درجي جي سچي ڪهاڻي آهي ته ڪيئن نہ هڪ سنتشٽ ڪٽنب، اَستوش جو شڪار ٿي گھر ۾ هميشه لاءِ ڪلڪل پيدا ڪئي.

هڪ هينئين وچولي درجي جو ڪٽنب هو. سڀ ڏاڍا خوش رهندا هئا. پتي هڪ ڪارخاني ۾ ڏهاڙيءَ جي حساب سان ڪم ڪندو هو ۽ سخت محنتي هئڻ ڪارڻ انجو ڪافي قدر هو. هو انهيءَ ڪم ۾ نهايت خوش ٿي رهندو هو. ڪيس استري لالچ نہ هئي. هڪڙي ڪم ۾ مزو ۽ شيوا ۾ شانتي ملندي هئي. گھر جو ڪم ڪار سندس پتورت استري سنڀاليندي هئي. جيڪي سندس پتي آڻيندو هو، اُن لي ڪافي خوش هئي. هو گڏجي گھر جي خريداري ڪرڻ ويندا هئا. ڪابہ ڳڻتي کين ڪانہ هئي.

سندن گھر ڀرسان [illegible] ڪوٺي هئي، جنهن ۾ هڪ شاهوڪار، جنهن جا ڪيئي [illegible] هئا، رهندو هو پر اُنهن جي گھر ۾ شانتي نہ هئي. مرد [illegible] ڪنجوس ۽ زال ڏاڍي لالچي هئي. مرد ڪجهہ نہ ڪري، پر زال سنتشٽ نہ ٿيندي هئي.

هڪ ڏينهن هن زال پنهنجي مرد کي چيو، ”پنهنجي ڌن دولت، اسان لاءِ ڇا ڪم آهي. اسان ۾ نہ پيار پيدا ڪيو الس،

۾ نوانوي روپين جو هڪ بنڊل ڦٽو ڪيو. زال کي اهو بنڊل ملي ويو، هن لئي لئي پهريان الر ٿيو. هن پنهنجي پٽ جي مدد سان انهن ۾ هڪ روپيه وجهي ۱۰۰ روپيه ڪري رکيا. پس منجهس مزيءَ جي هيڏي پيٺي. هو نرڏلتا ۽ غريبيءَ واري رهڻي رهي ڪوڙي ڪٺي ڪرڻ لڳا. هڪ ٻئي پنهنجي سوَ سوَ ڪنا ڪندا ويا آهن ۽ هاڻي هڪ ٻئي کي پيار ڪرڻ بدران پيسي ڪٺي ڪرڻ جي ڪم کي لئي پيار ڪرڻ لڳا آهن. سندن لالچ وڌندي ويئي آهي. ان لالچ جي جوالا ۾ سندن سنتوش هار ڪالي ويو آهي. هڪ ٻئي ڏانهن شرڌا ۽ پيار سڀ ختم ٿي ويو آهي.” هڪ ڪتاب جو پاڻ اَسنتشت ۽ دکي هئو، اُن هڪ ٻئي ڪتاب کي به ان آگ جو شڪار بڻايو.

مان هڪ چڱي وچولي درجي واري گهر ۾ ويس. هن مڙي مائي واري ڪتاب ۾ ڏاڏو ڏاڏي، ماءُ پيءُ ۽ ٻار رهندا هئا. جڏهن ڏاڏو اڪيلو هو ته اُن موٽڪي سڏايو ۽ چيائين ”بهت موٽڪي سکڇهه آهي، جيڪي به ڪنهن ڪتاب ۾ هئڻ گهرجي. هي سڀ ڪتاب جا ماڻهو چڱو ٿا ڪمائين. منهنجي انهن گهر جو ڪافي ڪم ٿي ڪري، ۽ منهنجي زال جاڻي ٻجهي پڻ تنهن خلاف ڪٿ پٽ ڪري ٿي. هنجي هن عادت کان اهڙو ته تنگ ٿي ويا آهيون، جو اهو ٿا چاهيون گهر ڇڏي هليا وڃون.”

پڇيو مانس ته ”آخر هنجي شڪايتن جو ڪارڻ ڇا آهي؟” جواب ڏنائين، ”منهنجي زال جو چوڻ آهي ته سڀ گهر جا ڀاتي پنهنجي ڪمائي سندس اڳيان آڻي رکن. نکي ڪالٽس ڪوبه ڪم ڀڄي نٿا ڪن. جيڪي ڪمس ملي ٿو، ان مان راضي نه آهي. جيڪي ڪمس نٿو ملي، ان ڪارڻ دکي آهي. ڪمس پنهنجي خرچ لاءِ ڪافي پيسو ملي ٿو، پر هيءَ

دنيا جا مال ملن نه هو ته پنهنجو سنتوس ڪوهي وهن. اُنهن کي فقط دنيا جي نعمتن جي هٿ اچڻ جو موقعو ملي سگهن."

زال چيو "مان ان تي اعتبار نه ڪنديس."

مرد چپ رهيو. ڪجھ مهنن کان پوءِ پاڙيسرين جي حالت بدلجي ويئي. مرد ڪارخاني ۾ وڏيڪ ڪم ڪرڻ لڳو. هاڻي هو پاڻ خواه سندس زال اهي رهاڻيون جاري نه رکي سگهيا. زال ته قناعت سان رهڻ لڳي ۽ ٻئي بلڪل ڪنجوسيءَ سان گذارڻ لڳا.

هن شاهوڪار جي زال جڏهن هي حال ڏٺو ته دنگ رهجي ويئي ته هنن جي رهڻيءَ ۾ اهڙو ڦيرو ڪيئن آيو. آخر هڪ ڏينهن پتيءَ کي چيائين ته "هن پاڙيسريءَ جي رهڻي اوچتو ڪيئن بدلجي ويئي آهي؟ هنجو حال ڪيئن اهڙو ٿي ويو. سندن نيڻن جو نور جلدي گهٽ ڪيئن ٿيو، جو نه ڳڻ رهن، نه ڳڻ گهمن. هو ته بلڪل ڪنجوس ٿي ويا آهن."

مرد جواب ڏنو ته "جمڻ ۽ مرڻ جا نيم سڀني لاءِ ساڳيا آهن. غريبن لاءِ هڪڙا ۽ اميرن لاءِ ٻيا نه آهن. اسان پنهنجي جيوَن پنهنجي پاڻ موجب بدلائيندا رهون ٿا. دنياداريءَ جي چڱين شين جي ڪني ڪرڻ جي لالچ ۾ اسانجو هي حال ٿيو آهي، انهيءَ ڪري خواهش جي غلام ٿي وڃڻ بعد هن پاڙيسريءَ جو هي حال ٿيو آهي. جڏهن انسان لالچ وَس ٿي وڃي ٿو ته سنتوش، پريم ۽ نسوارٿ ڀاوَ، وارو آنند جيوَن مان موڪلائي وڃي ٿو."

زال پڇيو "اها جادوءَ جهڙيءَ تبديلي هن پاڙيسريءَ جي جيوَن ۾ ڪيئن آئي؟"

مرد چيو "اهو جادو مون ئي هنن تي ڪيو آهي."

"ڪيئن؟" زال پڇيو.

مرد جواب ڏنو ته "اهو سولو ڪم هو. مون سندن گهر

هئي. هن ڪيس چيو تہ سندس ٻڪريءَ سان پنهنجي ڪانءَ
بدلائي. هن اهو ڳالهائي وارو سودو نہ ڪيو. اڳتي هليو تہ
هڪ ماڻهو گڏيس جو ڪڪڙ ۾ هڪ مرغي ڪٽي لئي ويو ۽
هن چيس تہ پنهنجي ٻڪري ڏئي سندس مرغي ڪٽي وٺي.
هن قبول ڪيو ۽ مرغي وٺي هليو، جا هن رستي ۾ هڪ
راهگيرَ کي هڪ راڳہ ٻدالڻ جي عوض ڏني. اهڙيءَ طرح
هي وڃارو خالي هٿين گهر پهتو. هن سمورو قصو زال کي
ٻڌايو تہ ڪيترا ۽ ڪهڙا سودا ڪيا هئائين ۽ سموري ڪهاڻي
بعد چيائين تہ انهن سودن ڪندي بہ ٻاڻ هٿين خالي گهر
آيو هو. سندس زال نهايت سلڇڻي هئي ۽ هن تي ناراض نہ
ٿي. هن ڪيس چيو، ”پيارا! اِهين نہ ڇو تہ تو گهر ڪجهہ
ڪين آندو آهي. تو سڀ کان پياري وستو ”پاڻ“ کي تہ
آندو آهي. مون لاءِ دنيا ۾ توکان وڌيڪ ٻي ڪا قيمتي
وستو نہ آهي. مان سڀ ڪجهہ وڃائڻ پسند ڪنديس، پر پيارا
پتي! توکي ڪڏهن بہ وڃائڻ سهي نہ سگهنديس. اِن ڪري
او سڄڻ! شل جڳ جڳ جيئين ۽ پنهنجي هستيءَ سان منهنجي
جيون ۾ بہ روشني آڻين.“

انهيءَ مان خوش نه آهي. هيءَ چاهي ٿي ته سمورو گهر جو پئسو وٽس اچي. پر هن شادي ڪيل ٻارن کي به ته پنهنجن ٻارن، زال ۽ گهر خواه سماج جون ضرورتون پوريون ڪرڻيون آهن. مان ته هنن ٻارن جو شڪرگذار آهيان جو ويچارا اسان لاءِ ڪافي ڪجهه ٿا ڪن. هوءَ منهنجي ان شڪرگذاريءَ جي ورلاءِ ٿي به ناراض آهي. هيءَ چاهي ٿي ته سڀ سندس مرضيءَ موجب هلن پر ٻار ڪجهه به ويچار نه ڪري."

مون اهڙي موقعي جي تلاش ڪئي جو مان ڪيس مدد ڪري سگهان. مون کي موقعو مليو پر پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب نه ٿيس. هن ۾ اها شڪايت ڪرڻ جي اهڙي ته عادت هئي جو اُن لاءِ ڪو به چڱي صلاح جو اثر نه ٿيو. اسان جو ٻڌو ته اسين ٻين کي مدد ڪريون ٿا پر انهن مان بلڪل ٿوري اُميد رکون، اهو خيال ڪيس نه آئڙيو. هوءَ ان ڪٽنب ۾ رهندي هئي پر جيئڻ لاءِ. هوءَ سڀني جي شڪايت ڪندي رهندي هئي، ڪيس ڪو به پيار نه ڪندو هو. ڪيس هر هڪ جي پياري ٿيڻ جو موقعو هو، پر بدقسمتيءَ سبب پنهنجي شڪايتن ڪري اهو موقعو وڃائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح جيڪي پنهنجي ڪٽنب جي پيارن پالين جي دش-چنتا يا شڪايت ڪندا رهن ٿا، اهي گهر جي جيوَن کي زهر ڪري ٿا ڇڏين ۽ ڪٽنب جو سنتوش ۽ شانتي نشٽ ڪري ٿا ڇڏين.

مون هڪ استريءَ بابت پڙهيو، جنهن کي پنهنجي من ۾ ڪڏهن به پنهنجي پتيءَ جي برخلاف خواب خيال به نه آيو. سندس هر هڪ غلطيءَ لاءِ هوءَ ڪو نه ڪو بهانو سوچي ٺاهي ڇڏيندي هئي. سندس پتي هڪ ڏينهن گهوڙو وڪڻڻ لاءِ نڪتو. رستي ۾ هڪ ماڻهو گڏيس جنهن کيس گهوڙو ڏئي ڪائنس ڳئون ورتي. هن سودي ۾ ڪو فائدو ڪين هو پر هن ائين ڪيو. اڳتي هليو ته هڪ ماڻهو گڏيس جنهن کي ٻڪري

اُن پر ويا ۽ اُن وقت ٻٽيهه، اڃا ننڍين اڪثي هئي، اُها ٻه ساڻ ڪمايون. هُن خرچ چڱو ڪيو پر اُن جي ڪابه پرواه نه هُن جو هاڻي ماڻهو اُنهيءَ ساراه جون سرڪمون پڙهڻ لڳا. اها ساراه ٿي نه هئي جا هُن چاهي ٿي. هُن دل پڙي ان تعريف کي پڌو. هُن اُنهيءَ ڳوٺ جي سيني ماڻهن کي ڪاڏو ٻه ڪارايو ۽ اٽڪل پنجويهه هزار روپيه خرچ ڪيا.

هُن اهو پيسو، جون پنهنجي جي ڪمائيءَ سان ڪٺو ڪيو هو، سو سماج جي ڪوڙيءَ ساراه لاءِ خرچ ڪيو.

مڙي جي ڳالهه نه اها ٿي جو اُن ڳوٺ ۾ هڪ ٻئي تعليم ڪالي جي آفيسر ٻه پٽ پڙهايو. هن فقط ڏهه هزار روپيه خرچ ڪيا پر اهڙيءَ طرح جو ڳوٺ وارن ٿي ڏاڍو گهرو اثر پيو ۽ اُنهيءَ جي ساراه مان ٿي نه پيا ٻاهن.

ڳوٺ وارن کي نه اها خبر نه هئي نه هُن ڪيترو خرچ ڪيو آهي پر اهترو ضرور چئون نه شادي نه هيءَ، پهرين نه ڪجهه به ڪين هئي.

هي جو ڳوٺ وارن ڪلا ڪئي انڪري پهرين ساراه ٿي جو هو ڪمپائونڊر ۽ سندس زال ٻڌي ڦوليا ٿي سمايا، تنهن ٿي ٻاٽي ڦري ويو ۽ هوءَ ڏاڍو دکي ٿيڻ لڳا.

ڪن ڌرمائو ڪم جي لاءِ چندي ڪئي ڪندڙن جي ٽوليءَ سان مان هن ڪمپائونڊر وقت پٽس جي شاديءَ بعد ويس. هن پٽ جي شاديءَ ٿي پنجويهه هزار خرچ ڪيو نه ذرو به ڏک نه ٿيس پر اسان کي ڌرمائو ڪم لاءِ پنج روپيه به نه ڏئي سگهيو ۽ تراس واپس ڪيائين.

پٽ جي شاديءَ ٿي جيڪو هن خرچ ڪيو هو اُن ڪارڻ سندس مالي حالت ڏاڍي خراب ٿي پئي.

اهڙيءَ واهه واهه جي پنيان پرپوار جي ڪمائيءَ کي نقصان پهچندو آهي ۽ مالي حالت دربل ٿي ويندي آهي.

٢١

ڪُوڙي ساراهه

هڪ غريب ماڻهوءَ جي پٽ مڊل امتحان پاس ڪيو ۽ اسپتال ۾ نوڪري ڪندي ڪمپائونڊر ٿيو. هو پنهنجو ڪمپائونڊريءَ جو ڪم چڱي چاهه مان ڪرڻ لڳو. هن ڪجهه سٺا نسخا هٿ ڪيا ۽ ڪيترن عام بيمارين جو علاج اُنهيءَ ذريعي ڪرڻ لڳو. ڏسڻ ۾ آيو ته ڪيترين بيمارين ۾ ته هن جا نسخا ڪيترن ڊاڪٽرن کان به وڌيڪ ڪارگر هئا. هٿ شفا هيس. هن آخر پنهنجي پريڪٽس ڪرڻ شروع ڪئي. جيئن ته هو ڪمپائونڊر هوندي ڪافي مشهور ٿي ويو هو، هينئر به سندس ڪم چڱو هلڻ لڳو. وري هن کي اهو سجهيو ته دواخاني سان گڏ هڪ دوائن جو دڪان به چالو ڪري، جتي انگريزي دوائون وڪڻي ته هنجو ڪم وڌيڪ چڱو هلندو. سندس اهو خيال به سچ نڪتو. سندس آمدني وڌڻ لڳي. ٿوري ئي وقت ۾ هن هڪ چڱي پاڙي ۾ رهڻ جي جاءِ خريد ڪئي ۽ چڱي مارڪيٽ ۾ دڪان پڻ ورتو.

اهو سڀ ته چڱو جو سندس آمدني به وڌي ۽ هن جي ڊاڪٽريءَ جي شهرت به وڌي پر سماج ۾ سندس ايتري عزت نه هئي. برادريءَ ۾ ايتري عزت نه هئڻ ڪارڻ پاڻ خواهه سندس زال نهايت ڏکي رهندا هئا. هن چاهيو ته برادري هن جي ساراهه ڪري. هن هڪ رٿ سوچي. سندن وڏو پٽ هينئر شاديءَ جي لائق ٿيو هو. هن اُن جو مڱڻو هڪ چڱي گهر ۾ ڪيو. هن چاهيو ته هو اُهن ڪنوارين لاءِ اهڙو آئر وجهن جو ٻيا ماڻهو جنجون ڌيئر شاديءَ لائق آهن اُنهن ۾ به هن جو نالو وٺجي وڃي. مون کي ٻڌايائون ته هن هڪ اسپيشل گاڏي ورتي ۽ ڪنوارين جي ٻوڪ لائين

سؤ روپيه ڏنڊ ڏيڻو پوندو. هن سيٺ ماڻهوءَ پنهنجي واهه واهه ٻڌڻ ۽ پنهن کان وڌيڪ ساراهه ڪرائڻ جي خيال کان سرڪار جي هن حڪم جي پرواهي نه ڪري پنج سؤ روپيه سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي پوءِ ٽان ڪيترا پيسا گهورؤن گهوري اڇلايا.

اِن کان پڇيم ته آخر اُن سيٺ جو ڪهڙو حال ٿيو. هن ڏک سان چيو ته اَڄ اُن ڪٽنب جو برو حال آهي. سندن آرٿڪ شان ختم ٿي چڪو آهي، پيسو ختم ٿي ويو اٿن. هنن ڪوُڙي واهه واهه لاءِ جو اڻ ٺڪو خرچ ڪيو اُن جو ڦل هينئر ڀوڳي رهيا آهن.

وري اُن کان پڇيم ته جيڪڏهن هو هن مرض ۾ مبتلا نه ٿين ها ته سندن ڪهڙو حال ٿئي ها؟ ته جواب ڏنائين ته جيڪڏهن اهو اُمير ڪٽنب واهه واهه جي پٺيان فضول خرچ نه ڪري ها ته هميشه ڪيئي پيڙهيون آرام سان گذارين ها ۽ نهايت عزت آبروءَ وارو پريوار سمجهيو وڃي ها.

منهنجي هڪ دوست مون کي ٻڌايو ته ڪيئن نه هڪ شاهوڪار جي نوجوان پٽ سستي ساراهه پٺيان زندگي برباد ڪئي. پيءُ جي مرڻ پڄاڻا هن ڪپڙي جو دڪان کوليو. جيڪي ماڻهو ڄاڻندا هئا ته هيءُ خوشامد جو بکيو آهي سي سندس دڪان تي اچڻ لڳا ۽ سندس ساراهه ڪرڻ لڳا. هو هن کان اوڌر تي مال وٺي ويندا هئا. اوڌر تي مال وڪڻڻ ڪري سندس گراهڪ گهڻي ۾ گهڻا هئا ۽ هي اها ڳالهه ڏاڍي فخر سان ڪندو هو. سندس هڪ سڄڻ کيس آگاهه ب ڪيو ته اهو خطرو ملهه نه ڳنهه. اوڌر ڪاڄي ويندي. پر هن کيس چيو، ”جيڪڏهن روڪڙ تي مال وڪڻبو ته ڌنڌو گهٽ ٿيندو.“ اُن دوست جي صلاح کيس نه آئڙي. هن کيس چيو ته ”اوهين منهنجو ڌنڌو ڏسي سڙو ٿا.“ اُن تي

هڪ دفعي مان ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هوس. گاڏي جڏهن هڪ ڳوٺ وٽان اچي لنگهي ته پرسان وڻن سڃڻ ان ڳوٺ ۾ هڪ عاليشان مڪان ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪايو. اها جاءِ محل جهڙي سهڻي نهيل هئي پر ان وقت انهن پٺي ڏسڻ ۾ آيو ته ان ۾ ڪو به ڪونه ٿو رهي. هن ٻڌايو ته اها جاءِ ڪنهن وقت وڻش جاليءَ جي واپارين جي مشهور حويلي هئي، جتي هو ڏاڍي شان مان سان رهندا هئا، پر اها حويلي آهستي برباد ٿي ويئي. ان جو ڪارڻ اهو هو جو اهي واپاري هڪ ٻئي سان ريس ڪري شاديءَ غميءَ لاءِ هڪ ٻئي کان وڌيڪ خرچ ڪندا هئا ته جيئن سندن واه واه ٿئي. هيءَ واه واه جي ٻڪ سندن انتيءَ کي آڏو آئي. هنن اميري وڃائي غريبي حاصل ڪئي. اڄ سندن نرڌنتا جي حالت قياس جوڳي آهي.

انهيءَ دوست کان پڇيم ته انهن جو آخر ڇا ٿيو؟ هاڻي ڪٿي آهن؟ ڪيئن ٿا رهن؟ چيائين ته هيئنر هو ملڪ جي الڳ الڳ حصن ۾ رهن ٿا، جتي پنهنجي روزگار سان ڪيئن آجيوڪا حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي. پهرين جو هو نهايت عيش آرام جو وقت گذاريندا هئا، انهن لاءِ هيئنر ته پيٽ پالڻ به مشڪل آهي.

مون هڪ امير ماڻهوءَ جي ڳالهه ٻڌي آهي. هو وري شاديءَ وغيره لاءِ ڏاڍو خرچ ڪري عام ۾ واهه واهه حاصل ڪرڻ جو ڪوڏيو هو. هڪ دفعي انهيءَ رياست جي راجا پنهنجي راڄ مان هڪ بري رسم بند ڪئي. اڳي جا ماڻهو شاديءَ وقت گهوٽ تان گهورون گهوري چانديءَ جا پيسا اُڇليندا هئا. جنهن ڪري ماڻهن کي ڪافي خرچ ڪرڻو پوندو هو. اها هڪ اجائي بيوقوفيءَ جي رسم هئي. هن حڪم ڪيو ته جيڪو به هن حڪم جي انحرافي ڪندو، انکي پنج

ڪوڙي ساراهه ڪندو هو. پرنسپال کي ڪن ڇهو نه هن مشڪل معاملي کي سلجهائي ختم ڪرائي ڇڏي. اُن جي ڪوشش سان آخر اُن ڇوڪر کي شهر ڇڏي وڃڻو پيو ۽ هن نوجوان ڇوڪريءَ جي جيوَن، جا هُونئن هن جوان جي صحبت برباد ٿي وڃي ها، بچي پيئي.

هن ڇوڪريءَ پنهنجي پڙهائي چالو رکي ۽ ايم. اي پاس ڪئي. هن هڪ امير گريجوئيٽ جوان سان شادي ڪئي. جڏهن ڪنهن يادگيري ڏياري وئي ته جيڪڏهن هوءَ سڪٽيءَ ساراهه ۽ خوشامد جي پٺيان اچي هن نوجوان سان شادي ڪري ها ته سندس ڪهڙو حال ٿئي ها، ته هن چيو ”نوجوان ۽ اڻ آزمودگار ڇوڪرين کي رکشا جي ضرورت آهي. هوُ خوشامد ڪندڙ جي ڇمڪي ۽ آساليءَ سان ڦاسي وڃن ٿيون. اُنهن کي چڱي تعليم ۽ جوابداري محسوس ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ بلڪل ضروري آهي.“

هن سڀڻ ڪيس چيو، "جيڪڏهن تنهنجو اهوئي طريقو رهيو تہ جلدئي اسانکي تنهنجي حال تي ڏک جا سڏڪا ڀرڻا پوندا."

سندس هن دوست جا اکر سچا نڪتا. سڪڻي ساراهہ جي حاصليت لاءِ هنکي ڏاڍو نقصان سهڻو پيو. اهڙي حالت اچي ٿي جو مشڪلات سان هو گذارو ڪري سگهيو. هنکي تہ نقصان سهڻو ئي پيو، پر گهڻو نقصان سندس اهلا زال ۽ ابهم ٻارن کي برداشت ڪرڻو پيو.

هڪ ٻئي شاهوڪار ماڻهوءَ لاءِ چون ٿا تہ پاڻ کي ڏاڍو داني سڏائيندو هو. اهڙيءَ ساراهہ حاصل ڪرڻ لاءِ هو نوڪرن چاڪرن کي ڏاڍيون خرچيون بخشش ڏيندو هو. آخر نتيجو اهو ٿيو جو سندس پيسو موڪلائڻ لڳو. سندس پريوار مصيبت ٽارڻ لاءِ ڪيس اڳ ڪري ڇڏيو پر اُن هوندي بہ هي سياڻو ڪين ٿيو. هن پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪٽنب کي برباد ڪري ڇڏيو. هن سڪڻيءَ ساراهہ مان هٿ حاصل نہ ڪجهہ بہ ڪين ڪيو پر قرباني سو ڪافي ڪرڻي پيس. واهہ واهہ جي بک گهڻن ئي پريوارن جي تباهيءَ جو باعث بڻي آهي ۽ اُن طريقي پريوار - جيوَن کي بہ ڪافي نقصان پهچايو آهي

هيءَ اهوئي ساراهہ جو ڀوت ڪنهن جوان ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي وواهت جيوَن ۾ پرويش ڪري تہ انهن لاءِ بہ ڏاڍو نقصانڪار آهي. هڪ اهڙو واقعو چڱيءَ طرح ياد اٿم. ٻہ جوان ڇوڪرا گڏ پڙهندا هئا. هڪ تہ اٿي جو رهندڙ ئي هو. هو پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جي ڀاتين سان گڏ رهندو هو. هو پنهنجي ٻئي سنگتيءَ کي جيڪو هاسٽل ۾ رهندو هو، پاڻ وٽ گهر وٺي آيو ۽ پنهنجي ڀيڻ سان سندس واقفيت ڪرائي. آخر اُن ڇوڪر ۽ اُن ڇوڪريءَ جي وچ ۾ ڪهڙيءَ طرح پريم پيدا ٿيو اُهو تہ چئي نٿو سگهجي پر انجي خطن مان اهو پتو پيو تہ هو ڇوڪر هن ڇوڪريءَ جي ڏاڍي

دڪان جو ڪم اهڙو نه زور ٿي ويو، جو هنن کي پنج ڇهه ماڻهو ٻيا به لڳائڻا پيا. اُنهن مان هڪ نوجوان ڇوڪري هئي. هوءَ نه فقط نوجوان هئي، پر ڪافي سندر ۽ چتر به هئي. هن ڇوڪريءَ اچڻ سان ئي هن استري جي پتيءَ کي موهت ڪرڻ شروع ڪيو. آخر اها ڳالهه اچي پٽي جو مرد پنهنجي زال تان آرو لاهي، هن ڇوڪريءَ جي پيار ۾ ڦاسي ويو.

هن حالت کي ڏسي زال ڏاڍي لڙڦي. هن جي بدقسمتي هئي، جو هوءَ بيماريءَ ڪارڻ بستري داخل ٿي وئي.

سندس بيماريءَ ڪارڻ وڌيڪ هنن کي وڌيڪ موقعو مليو، جنهن هيڪاري ٻاهه ۾ گيهه جو ڪم ڪيو. جڏهن چاڪ ٿي ته هيءَ اهڙي نه نااميد ٿي پئي، جو پنهنجي جيون جو انت آڻڻ جا پهه پچائڻ لڳي.

هوءَ هڪ ٻهاڙيءَ تي چڙهي وئي ۽ اُتان هوءَ وهندڙ نديءَ ۾ ٽپو ڏيڻ واري هئي ته سندس من ۾ وري روشني پيدا ٿي ۽ هن هڪ دفعو وري ڪوشش ڪري پنهنجي گهر کي بچائڻ جو ارادو ڪيو. هن نئين روشني، نئين وچار اچڻ سان هوءَ آپگهات ڪرڻ جو وچار ڇڏي، پنهنجي گهر کي بچائڻ جو محڪم ارادو ڪري وري واپس آئي ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪري پتيءَ کي برباديءَ کان بچائڻ جو نشچو ڪيائين.

هيءَ جڏهن گهر پهتي ته مڙس کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏ ڪري اُن کي پنهنجو سمورو ارادو ٻڌايائين. هن کيس چيو ته جيئن ته هو هينئر کيس پيار نٿو ڪري ۽ هو ٻيءَ ڇوڪريءَ جي وس ٿي ويو آهي، انڪري کيس دڪان جي ڀائيواري ختم ڪرڻ گهرجي. هن مڙس کي چيو ته کيس جيڪو حصو وٺي، سو کڻي باقي سندس لاءِ ڇڏي. مڙس پنهنجي ناپسند

مان ڪڏهن به پنهنجو گهر برباد نه ڪنديس

ڪي سال اڳ هڪ انعامي ڪهاڻي پڙهيم. اها ڪهاڻي هڪ استريءَ جي هئي، جنهن انجام ڪيو هو ته ڪهڙيءَ به مشڪلات ۾ هوءَ پنهنجو گهر برباد ٿيڻ نه ڏيندي. جڏهن هوءَ ننڍي هئي ته هڪ نوجوان ڇوڪر، جنهنکي ٻالپڻ کان ٿي پيار ڪندي هئي، تنهن سان شادي ڪئي. ٻئي ڪمائيندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي خوشيءَ لاءِ خرچ ڪندا هئا. هر هڪ پنهنجي پنهنجي خيال موجب گهر کي آنند ۽ سک جو آستان ٺاهي رهڻ ۾ پورو فخر وٺندو هو. هن جي من ۾ اهو ڪڏهن ويچار به نه آيو ته ڪير ٿورو ٿو ڪمائي يا گهڻو. هو هڪ ٻئي جي مدد ڪندا هئا ۽ آدرشي جيوَن رهندا هئا. اُن وقت ڪين ڪيترن مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پيو.

سندس پتي بيروزگاريءَ جو شڪار ٿي ويو. نوڪريءَ کان جواب مليس ۽ ڪٽنب جي پالنا جو سمورو بار پتنيءَ جي ڪلهن تي اچي پيو. پتني پنهنجو آڳهه ڏاڍو ڪندي هئي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن هنجو ڏاڍو به وڌندو ويو. پر ڪيترا مهينا گذري ويا تڏهن به مرد کي ڪا نوڪري ڪين ملي. اها حالت هنکي ڏاڍي ستائڻ لڳي ۽ هو ڏاڍو دکي رهڻ لڳو، ڇو ته هيءَ زال جي ڪمائيءَ تي هلي رهيو هو، جڏهن هنکي ئي زال جي پالنا ڪرڻ کپندي هئي. زال نهايت نيڪ هئي. هن پتيءَ کي چيو ته هو هن سان دڪان تي شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ سان نه فقط هن لاءِ سهارو ثابت ٿيندو بلڪ ڪمائيءَ ۾ به اضافو ٿيندو. هنن جي گڏجي ڪم ڪرڻ سان سندن ڪمائي ٻه ڪاڻي وڌي وئي.

شادي لاءِ ڏاڍي ڌام ڌوم سان آئي پر ٿوري ئي وقت ۾ مرد کي پتو پيو ته هن ڇوڪريءَ کي مرگهيءَ جو دورو پوندو آهي. ڇوڪر پنهنجي مائٽن سان ڳالهه ڪئي. سندس پيءُ فيصلو ڪيو ته ڇوڪريءَ کي مائٽن ڏي واپس موڪلجي چاڪاڻ جو ڇوڪريءَ جي مائٽن هن سان دوکو ڪيو هو ؛ شاديءَ کان اڳ ڪنهن ڇوڪريءَ جي بيماريءَ جو نه ٻڌايو هو ؛ جاڻي ٻجهي هنن اها ڳالهه لڪائي هئي.

جيتري قدر ڇوڪريءَ کي مائٽن ڏي موڪلڻ جي ڳالهه جو سوال هو، اُن ۾ ته ڪو به حرج ڪونه هو. پر هڪ اِي عجيب ڳالهه ٿي جنهن ساريءَ نيات ۾ ڏاڍو ڇوٻولو پيدا ڪيو. هن نوجوان، جو هوشيار گريجوئيٽ هو، پنهنجو اڳئي هنڌ مڱڻو ڪيو. اُن نيات ۾ جيتري اِي جيتري شادي ڪرڻ جو رواج ڪين هو. هنن هيءَ ڳالهه ٻڌي ۽ اُن جي خلاف ڇوٻولو پيدا ٿيو.

ڇوڪري جنهن سان هن جي شادي ڪئي هئي اُنجا مائٽ نه پڙهيل هئا ۽ هڪ نه ڇڱو هوشيار وڪيل هو. هن گهوٽ تي ڪيس داخل ڪري اُن تي هميشه لاءِ منع نامو جاري ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪورٽ هنن تي ڪچو منع نامو، ڇوڪري خواهه سندن نون ساهرن کي شاديءَ کي روڪڻ جو جاري ڪيو. شادي لاءِ مهل ٿي ويئي ۽ مائٽن جي همدردي به پوران ڙال سان هئي. نيات وارا اهو برداشت نه ڪري سگهيا ته جيتري اِي جيتري شاديءَ جو رواج اُنهن جي نيات ۾ به پوي.

ڪيئي مهنا گذري ويا. ڪچهريءَ ۾ به شنوائي مقرر ٿي. آخر فيصلي جي تاريخ مقرر ڪيائون.

جيتوڻيڪ ڇوڪريءَ جي مائٽن ڇوڪري خلاف سخت ڪوشش ڪئي، پر ڇوڪريءَ جي دل ۾ پنهنجي پتيءَ جي

سامان وارو حصو ڪيو. زال پنهنجي ململ حصي لاءِ راضي رهي ۽ هن اهو ويچار ڪيو ته ڌار ٿيڻ ڪري انهن جي من ۾ ڪوبہ فرق اچڻ نه گهرجي.

رات ٿي. ٻئي جڏهن ڪاڏو کائي وڃي آرامي ٿيا، تڏهن پتنيءَ سمهڻ کان اڳ پتيءَ جي ڀلائيءَ لاءِ پرارٿنا ڪئي. پتيءَ جي من ۾ به ڏاڍا ويچار اچڻ لڳا. جڏهن هن معاملي تي چڱيءَ طرح سوچيو ته کيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ سوچڻ لڳو ته مان پنهنجي جي گهر کي برباد ڪري رهيو آهيان ۽ اهڙي نيڪ پتنيءَ کي ڇڏي رهيو آهيان، جا منهنجي خراب وهنوار ڪندي به منهنجي ڀلائي سوچي ٿي. اڌ رات جو پتنيءَ ٻيءَ کٽ تي روئڻ جو آواز ٻڌو. هوءَ اٿي پتيءَ جي کٽ وٽ آئي ۽ کيس پشيمانيءَ ۾ هٿ ڦيرائين. پڇتاءُ وارا ڳوڙها اکيائين ته پتيءَ جي دل پگهرجي پئي ۽ ڏک سان چيائين "اسان کي پنهنجو گهر برباد ڪرڻ نه جڳائي." پتنيءَ جواب ڏنو "هيءَ ته چڱي منهنجي کيل پرارٿنا قبول پئي آهي، جو تنهنجي دل ۾ اهڙا ويچار آيا آهن. منهنجي لاءِ ته منهنجو گهر وڏيڪ آهي. پر هن ڇوڪريءَ جو ڇا ٿيندو." هن جواب ڏنو ته "صبوح ٿيندي ئي ڀروڻ ڪم اهو ڪندس جو هنکي ڪم کان جواب ڏيندس. هوءَ ته اسان جو گهر برباد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پئي هئي ۽ مون کي پنهنجي نيڪ پتنيءَ کان الڳ ڪرڻ لاءِ سنبري هئي."

اهڙي طرح هن نيڪ پتنيءَ جي وقت سر قدم کڻڻ سان هڪ ڪٽنب بربادي‌ءَ کان بچي ويو. هن گهر کي ۽ پنهنجي پتيءَ کي بچائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي ۽ اُن ڪارڻ ئي کيس سڦلتا پراپت ٿي.

هڪ ٻيو زنده واقعو ٻڌو نظر مان گذريو. هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي هڪ ناٿور گريجوئيٽ جوان سان شادي ٿي.

طرح رهن ڪن ٿا. مون اُنهيءَ ڏينهن ئي اُنهجي گهر وڃي روبرو حال ڏسي پنهنجي دوست کي احوال ڏيڻ جو ويچار ڪيو. مان پنهنجي پروگرام موجب اُنهن وٽ رات جو ڏهين بجي پهچي سگهيس. رات جو حالانڪ ڪافي دير ٿي چڪي هئي پر ڪٽنب جا سڀ ڀاتي اُٿلهيون پٿلهيون ڪري رهيا هئا. مون کي ڏسي گهر جي وڏيءَ مون کي چيو:-

” ڀائو، لوڪي خبر آهي ته منهنجي نياڻي جي گهوٽ پنهنجي زال کي ڇڏي ڏنو آهي ڇو ته هوُ هڪڙي پنهنجي خيال موُجب پٽيءَ لائق نٿو سمجهي. پر هن زال کي (جنهنکي مرد ڪڍي ڇڏيو آهي) ته ڏس، هوءَ ڇوٽي ٿي ته هوءَ پنهنجي پٽيءَ وٽ ٢٠٠ ميل مسافري ڪري به ويندي. سندس گهوٽ جيڪڏهن ڪيس اچڻ به نه ڏئي ته اهڙي حالت ۾ پرديس ۾ هيءَ ويچاري اَبلا ڇا ڪندي؟“ مان ڇوڪريءَ جي جواب لاءِ ترسيس. آخر هن چيو:-

” دادا اوهين منهنجو حال ڄاڻو ٿا. مان وواهت آهيان؛ مان پنهنجي پتيءَ کي جيتڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ کان سواءِ جيئڻ برداشت ڪري نٿي سگهان. مان چاهيان ٿي ته مان پنهنجي پتيءَ کي؛ گهر کي وري هٿ ڪريان؛ اُن لاءِ جيڪي ڪجهه ڪري سگهنديس ڪنديس.“

” تون ڇا ڪندينءَ؟“ مون پڇيو.

”مان وينديس، آري نيزاري ڪنديس؛ ڪيس مڃائڻ جي هرڪا ڪوشش ڪنديس. هن مهل تائين ته مون هڪ ڇڏيل زال واري جيئڻ ڪاٽي آهي، پر وڌيڪ سهڻ جي همٿ نه اٿم. مون کي ڇڏيو ته مان وڃان؛ وڃي ڪيس روبرو سمجهايان. حد ۾ حد هوُ مون کي پاڻ وٽ نه رکندو. اُن ڪري منهنجي حالت خراب ڪين ٿيندي. من ۾ ته ڏک نه رهندو ته مون پاڻ ڪابه ڪوشش نه ڪئي. ممڪن آهي ته

خلاف ڪو به اهڙو ويچار نه آيو. هن هميشه پنهنجي پٽيءَ جي ڀلائيءَ لاءِ پرارٿنا ڪئي ۽ چاهيو ته وري گهر واپس وڃي، جيتوڻيڪ اُن ڳالهه جي اميد ذرا گهٽ هئي.

پر اهڙي هڪ گهٽنا ٿي جنهنجي ڪنهنکي به اميد نه هئي. مرد جي دل ۾ اهو ويچار آيو ته جيڪڏهن هو پنهنجي زال سان اڪيلو گڏيو ته ڪيس سمجهائي سگهندو ۽ معاملو سڌري پوندو. هن ڪيس نياپو موڪليو ته مون کي منهنجي گهر ۾ گڏج. هوءَ خوشيءَ سان آئي. جنهن ئي هوءَ پٽيءَ سان ملي ليئن اُٿي ئي هن سان گڏ رهڻ لڳي. پٽيءَ ڪيس ڪيس ڪيائڻ لاءِ چيو. هن پٽيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪورٽ مان مقدمو ڪيائڻ قبول ڪيو. ان ڪري سندس مائٽ سخت ناراض ٿيا، پر هن پٽيءَ جو طرف نه ڇڏيو ۽ هن ڪورٽ مان ڪيس ڪيائي ورتو. مائٽن سمجهيو ته مرد زال کي دوکي ۾ رکي [illegible] ڪيڻ ٿو چاهي ۽ ڪيس اُن بعد وري دوکو ڏيندو ۽ وري مائٽن ۾ واپس موڪلي ڏيندو.

پر [illegible] اسٽريءَ جيڪا ڪجهه اميد ڪئي هئي، سو ئي ٿيو. سندس پٽيءَ ڪيس نه فقط پنهنجي گهر ۾ رکيو پر دل ۾ به اهائي جاءِ ڏني. هوءَ اڪثر چوندي هئي، "پنهنجي گهر کي بچائڻ لاءِ مون سڀ ڪجهه جوکي ۾ وڌو ۽ ان ۾ مون کي ڪاميابي نصيب ٿي." هيءَ ڇوڪري ١٨ سالن جي مس هئي. هن پنهنجي گهر کي [illegible] ۽ ور کي به. ڪيئي سال هوءَ گهر ۾ گهر جي راڻي ٿي رهي. ڪيس ٦ ٻار ٿيا. مرڻ وقت هن ٻين لاءِ به هڪ عمدو مثال ڇڏيو ته هوءَ ڪيئن پنهنجي گهر کي برباد ٿيڻ کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي.

هڪ ٻيو مثال جو اهڙو ئي دلچسپ آهي سو ٻڌو. هڪ دوست مون کي لکيو هو ته مان اُن اوٽ ۾ رهندڙ هڪ ڪٽنب کي رولو وڃي ڏسان ۽ ڪيس ٻڌايان ته هو ڪهڙيءَ

مان پنهنجي ڏوهه باسڻ يا اُن لاءِ معافي وٺڻ کان نه هٻڪندس

هڪ جوان هو. شاديءَ کان ٽن سالن بعد ٿي سندس زال گذاري ويئي. سندس زال تمام سگهڙ هئي ۽ اُن جو اوچتو ديهانت سندس لاءِ وڏي صدمي جو باعث ٿيو. هن کي ڪيترن ماڻهن متيون ڏنيون. آخر سمي پٽي سندس ڏک گهٽجڻ لڳو ۽ هڪ چڱي خاندان جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين. هيءَ ٻي ڇوڪري سندس پهرين زال جهڙي سگهڙ نه هئي. هوءَ بلڪل سادي ۽ سانوري هئي. ماڻهن سمجهيو ته هوءَ سندس دل وٺي نه سگهندي، پر سندن اهو ويچار غلط نڪتو.

هڪ ڏينهن مان هن سادي سانوريءَ ڇوڪريءَ جي پتيءَ سان گڏ ويٺو هوس. مون کي وڏي حيراني لڳي جڏهن هن جوان ٻڌايو ته "ماڻهو مون سان ڏاڍي همدردي ڪن ٿا جو مون پنهنجيءَ پهرينءَ سگهڙ زال جي مرڻ بعد هڪ ڪاريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. بلڪ مان ته ڏسان ٿو ته هن زال جي اچڻ سان، جيتوڻيڪ هيءَ سادي سانوري آهي منهنجو ڪوبه نقصان نه ٿيو آهي. هن منهنجيءَ ٻيءَ زال منهنجي حياتي خوش ڪري ڇڏي آهي. وڏي خوبي ته منجهس اها آهي، جو هوءَ مون کي غصي ڪرڻ جو نه موقعو ئي ڪين ڏئي."

مون پڇيمس ته "اوهان جا پاڻ ۾ متڀيد ئي ڪين آهن ڇا؟ آخر انسان آهيو ضرور پاڻ ۾ ٽڪرندا هوندا؟ جڏهن جڏهن ڪي اهڙا موقعا ٿين ٿا ته اوهين انهن سان ڪيئن نباهيندا آهيو؟"

هو ڪجهه وقت خاموش رهيو ۽ چيائين "مون کي ته

هُو منهنجي بيزاري مٽي."

مون اُن گهر جي وڏيءَ کي مِلڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن کي وڃڻ ڏئي. آخر اُن کي پنهنجي گهوٽ وٽ وڃڻ جي اجازت ملي. ڪيترا ڏينهن گذري ويا ۽ مون کان هيءَ ڳالهه به وسري وئي. هڪ ڏينهن هوءَ ڇوڪري مون کي گهٽيءَ ۾ گڏجي وئي. کيس ڏسي حيران ٿي ويس. پڇيو مانس ته "ڪڏهن آئينءَ؟" "تون اڪيلي آئي آهين يا مڙس سُوڌي؟" ته چيائين ته "مان گهر آئي آهيان. مون گهر ۾ ڌر ٻئي همٿ ڪيا آهن. ڏس هُو منهنجو گهوٽ آهي جو پنهنجي دوست سان ڳالهائي رهيو آهي. هن مون کي چيو آهي ته مان هلان هُو پوءِ ايندو." مون کيس چيو "توکي اهڙي همٿ ڪرڻ لاءِ واڌائي هجي. تو چڱي همٿ ڪئي آهي. اِن ۾ توکي ڪافي جفاڪشي ڪرڻي پئي هوندي." هن مشڪي چيو ته "وڏن ڪمن لاءِ وڏي همٿ گهرجي. گهر ۾ ڌر همٿ ڪرڻ وڏي ڳالهه هئي ۽ اُن لاءِ همٿ ۽ ڪوشش به وڏي گهربل هئي." وري مشڪي چيائين "ڪابه زال پنهنجو پتي وڃائي نه سگهندي، جيڪڏهن هوءَ اُن کي بچائڻ جو پورو فيصلو ڪري ۽ ڪوشش ڪري. مون پنهنجي گهر کي بچائڻ جو پڪو فيصلو ڪيو هو ۽ گهر کي بچايم. ڪابه زال، جا گهر جو پيڙو ٽارڻ چاهي، سا همٿ ۽ ارادي سان ڪامياب ٿي سگهي ٿي. منهنجو مثال هن ڳالهه جو ساکي آهي.

ڏسي سگهڻ لاءِ ته تو ڪهڙو ڪم ڪيو آهي؟ هوءَ ڪجهه ڏينهن شانت رهي ۽ هڪدم ڪيس پنهنجي غلطي سمجهه ۾ آئي ۽ چيائين ته هاڻي ٿڌي سيني سوچيندي اهو محسوس ڪريان ٿي ته ڏوهه منهنجو هو ۽ مون ئي هن جوالا کي جاڳايو هو.

ڪيس چيم ته ”جيڪڏهن تون هميشه پنهنجي پتيءَ کي ٻڌائين ۽ کانئس معافي وٺين ته هن کي ڪافي آٿت ملندو.“

هن چيو ”مان ائين ئي ڪندس. هڪدم وڃي کانئس معافي ٿي وٺان.“ هوءَ هڪدم گهر وئي ۽ الجام جي پالنا ڪري مڙس کان معافي ورتائين. ڪجهه ڏينهن بعد وري گڏي ۽ ٻڌايائين ”توهان جي نسخي ڏاڍو ڪم ڏنو. منهنجي معافي وٺڻ تي سندس اکين ۾ ته پاڻي تري آيو ۽ ان کان پوءِ ته هميشه ٻولڻ ۽ چاهه ڏيکاريندو رهي ٿو. هن نسخي گهڻن جو ئي ويواهت جيون مٺو ڪيو آهي.“

هڪ ٻيو مثال ٻڌو. هڪ شاهوڪار جوان هو جو نهايت غصي ۽ گهمنڊ ۾ رهندو هو. هوُ پنهنجي زال ۽ ٻارن سان نهايت سختيءَ سان هلندو هو. هن جي زال ته هن جو هيءُ عيب درگذر ڪندي هئي، پر جيئن جيئن هنجا ٻار وڏا ٿيندا ويا، تيئن تيئن هوُ پنهنجي پيءُ جي اهڙي وهنوار تي ڏکي ٿيندا ويا.

آخر هڪ ڏينهن هڪ وڏو ٻار وٽس آيو ۽ ڪيس چيائين ته هو سندن ماءُ جي سندن روبرو بي عزتي نه ڪري. هيءَ ڳالهه هن پٽ ڏاڍي حليمائيءَ سان ظاهر ڪئي ۽ پيءُ کي اها ڳالهه سمجهي وڃڻ کپندي هئي ته هنکي پنهن جو ورتاءُ بدلائڻ گهرجي. پر هن لئي ان جو الٽو ٿيو. هڪ ڏينهن جڏهن هن وري زال جي بي عزتي ڪئي ته سندس ٻه وڏيون ڌيئرون روئڻ لڳيون. جيڪڏهن پيءُ ٿوريءَ نرمائيءَ سان هلي ها ته سارو ڪٽنب هن ڏکه کان بچي پوي ها. ٻارن

ٻيءَ زال سان ڪوبه رنج ٿيڻ جو سبب ئي ڪين ملي. جڏهن مان غصي ۾ گهٽ وڌ ڳالهائيندو، آئيس هليو ويندو آهيان ته پنهنجي ميز تي شام جو هڪ چٺي ڏسندو آهيان جنهن ۾ منهنجي هيءَ پتني، ڪٿي منهنجي غلطي هجي ها سندس ڏانهن به معافي وٺندي آهي. پنهنجي غلطي سمجهي مون کي معاف ڪرڻ لاءِ منٿ ڪندي آهي. اهو سندس نيم ٿي ويو آهي. ان ڪري هاڻي ته جڏهن ڪو اهڙو معاملو ٿئي به ڪٿي ته پاڻ کي شرمندو سمجهندو آهيان ۽ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيندو آهيان. ان جو نتيجو اهو آهي، جو اسان جي گهر ۾ هيئر ڪو جهڳڙو ٿئي ئي ڪين."

اهو ته هڪ عجيب رستو آهي ۽ اهڙو طريقو مون ڪنهن کي به وٺندو ڪين ڏٺو آهي. هڪ سادي ۽ سانوري ڇوڪري ڪيئن نه گهر ۾ سک ۽ شانتي آندي ۽ گهر جي حالت سڌاري آهي!

ڪيترن ڪٽنبن جي برباد ٿيڻ جو ڪارڻ ئي اهو آهي جو ضد ڪارڻ زال خواه مڙس پنهنجي غلطي مڃن ئي ڪين ۽ جهڳڙا ٿيندا ئي رهن. جيڪڏهن انهن مان ڪوبه ڪٿي ضد ڇڏي ته ڪيترا گهر ڪلڪل ۽ ڪٽ پٽ کان بچي پون.

هڪ ٻيو واقعو ڏسو. هڪ نهايت سندر ڇوڪريءَ هڪ جوان سان جنهنجي ٻهراڻ استريءَ جو ڪجهه وقت اڳ ديهانت ٿيو هو، شادي ڪئي. هن ڇوڪريءَ کي پنهنجي سونهن تي ڏاڍو فخر هو. هٺ ۾ پيئي ڇڄندي هئي. مڙس سان به هوءَ اهڙو ئي ورتاءُ ڪندي هئي. هڪ دفعي هن ٻنهي جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو ۽ هن ڪروڌ کان ڪم ورتو. مڙس کي اچي ويو غصو ۽ کيس چماٽ هڻي ڪڍيائين. جهڳڙو وڌي ويو. هوءَ اسان جي گهر آئي ۽ دل کولي روئي مون کي پنهنجو حال ٻڌايائين. مون هن کان پڇيو ته ڇا تون پنهنجي غلطي

مان هميشه گڻ گراهڪ ٿي رهندس

ڪي سال ٿيا ته مون "ٽِٽ بِٽس" نالي انگريزي اخبار ۾ هڪ سنڌر گهڻا پڙهي جيڪا ڊيل ڪارنيگيءَ جي مشهور ڪتاب "دوست ڪيئن ڪجن ۽ ڪيئن ماڻهن کي متاثر ڪجي" تان کنيل هئي.

هڪ استري هئي جنهن کي ٻي ٻار هئا. هوءَ پتيءَ ۽ ٻچن کي ڏاڍو چاهيندي هئي ۽ هر روز نوان نوان طعام ٺاهي پچائي هنن کي کارائيندي هئي، جيئن هو تندرست ۽ خوش رهن. هن ويهه سال اهڙيءَ طرح سڀني شيوا ڪئي پر هن کي حيراني لڳي ته استري خدمت ڪندي به نڪي پتيءَ نڪي ٻچن ڪڏهن هنجي شيوا يا ڪم کي ساراهيو.

هڪ ڏينهن هن ميز تي سڀني لاءِ پليٽون ٺاهي انهن ۾ ڪتر وجهي صاف ستري ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيون. جڏهن هو سڀ روٽي کائڻ ويٺا ۽ ڪپڙو کڻي ڏٺائون ته روٽيءَ بدران ڪتر رکي آهي ته سڀني غصي جي حد ئي نه رهي. هو ڪاوڙ ۾ لال پيلا ٿيڻ لڳا. آخر هڪ پٽ کانئس پڇيو ته "امان! هي ڇرچو ڇا لاءِ؟" ته هن چيو ته "ڇا توهان ڪتر ۽ سٺي روٽين ۾ فرق ڏسي سگهو ٿا؟ مان جو توهان کي ويهن سالن کان چڱا چڱا طعام ٺاهي ڏيندي رهي آهيان، توهان ان جي ڪڏهن قيمت نه ڪئي آهي. جيڪڏهن توهان ڪتر ڏسي مون تي ناراض ٿيڻ ٺيڪ ٿا سمجهو ته ڇا توهان جو اهو فرض نه هو ته چڱا طعام ڏسي منهنجي ساراه ڪريو ها؟"

سندس پتيءَ کلي چيو "برابر اسين نهايت نا شڪرگذار ٿي رهيا آهيون. اسين توهانجا نهايت احسانمند آهيون."

آخر ٻيءَ کي چيو تہ جيڪڏهن پنهنجي هلت تي پشيمان نہ ٿيندو ۽ ساڳي ڪار جاري رکيائين تہ هو گهر ڇڏي ويندا.

هڪ ڏينهن ماءُ ۽ ٻار گهر ڇڏي ناناڻي هليا ويا ۽ وري واپس نہ آيا. ٿورن ڪجهہ ڏينهن تہ پيءُ پرواه نہ ڪئي. پر آهستي آهستي کيس محسوس ٿيڻ لڳو تہ سندس ڪوڙي ضد ۽ زوراوريءَ ڪارڻ سندس گهر جو سلسلو ٽٽي پيو هئو هاڻي هن پڇتاءُ ڪيو ليڪن گهڻيءَ دير بعد.

انهيءَ وچ ٻارن جون شاديون ٿي وڃڻ هيون. ڪو بہ ٻار هن وٽ واپس نہ ويو. ماءُ هڪ دفع چيو "مون کي تہ مٿس ۽ ٻارن جي وچ ۾ رهڻو هو. مان سڀني کي گڏ رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئس. مرد جيڪڏهن ٿوري سياڻپ کان ڪم وٺي نرمائيءَ سان هلي ها ۽ پنهنجي غلطي جڏهن کيس پڌائي وئي، محسوس ڪري ها تہ هيءَ حالت نہ ٿئي ها. اسانجو گهر اجاڙ ٿيڻ کان بچي پوي ها."

ته هن پنهنجي ماءُ پيءُ کي سندن ڪيل ٿورن لاءِ ڪڏهن
شڪرگذاريءَ جون چٺيون لکيون آهن. ڪمتريون ته ڪلڻ
ليکيون ۽ هڪ ڇيو ته "شريمان جي! ڇا اسان جي ماءُ پيءُ
کي خبر نه آهي ته هو اسان جي شيوا ڪن ٿا. ڇا هن کي
ڪا ٻڌائڻ جي ضرورت آهي." هڪ ٻيءَ چيو ته "شريمان
جي! مون لوهان جي چٺي لي پنهنجي ماءُ پيءُ کي هنن
جون ڪيل اڻگنت شيوائن لاءِ شڪرگذاريءَ جي چٺي لکي.
پر منهنجي ماءُ جواب ڏنو ته پنهنجو وقت اهڙن فضول
خطن لکڻ ۾ نه وڃاءِ، پر جيڪڏهن اهو وقت پنهنجي پڙهڻ ۾
صرف ڪندين ته اسانجي لاءِ تنهنجي شڪرگذاري ٿيندي.
تون پنهنجو وقت ۽ اسان جو خرچ سجايو ٿه ڪندين."

مون کي هنجي ماءُ جي ڳالهه تي حيراني لڳي. هن کي
اها خبر ڪا نه هئي ته شڪرگذاريءَ جو مادو هئڻ ڪهڙو
نه چڱو گڻ آهي ۽ اُن جو نه هئڻ ڪهڙو نه اوگڻ آهي. هنکي
شايد اها به خبر نه هئي ته چڱن گڻن کي وڌائڻ جي اهڙي
ضرورت آهي، جهڙي پڙهڻ جي.

اهڙا به مائٽ آهن جيڪي پنهنجي ٻارن ۾ اهڙي سالوڪ
جيون جي گڻ کي وڌندو ڏسي خوش ٿين ٿا. هڪ پيسٽن
بردار پنهنجي ٻن ڌيئرن کي اسان جي سنستا ۾ داخل ڪرايو
هو. ٻئي ڇوڪريون ڪجهه وقت اسان جي اوچ آدرشي
وايو منڊل ۾ رهيون. هنن تي اهڙو ته سٺو اثر ٿيو جو هنن
پنهنجي ماءُ پيءُ جي سندن ڪيل مهربانين جو ذڪر ڪندي
شڪرگذاري ڪئي. جڏهن هنن جي پيءُ سندن خط پڙهيا
ته سندن اکين ۾ پاڻي اچي ويو. سندن پيءُ وري سنستا
جي مکيءَ کي لکيو ته "بلڪل هن گهڙيءَ اسان کي پنهنجي
ٻچين جا دل ڀڄائيندڙ خط مليا، جن جي پڙهڻ سان منهنجي
۽ منهنجي پتنيءَ جي اکين ۾ آب اچي ويو. پنهنجي ٻارن ۾

ان گهڻن مان اُسين اهو سمجهي سگهون ٿا ته اسان کي ٻين جي گڻن کي ساراهڻ گهرجي. جڏهن ڪو به ساڻي ڪا خدمت ڪري يا ڪو ساراه جوڳو ڪم ڪري ته کيس ڌنيواد ڏيڻ کپي.

هڪ عالي تعليم يافته جوان ولائت جو گشت ڪري واپس وريو ته هو پنهنجا آزمودا ٻڌائڻ لڳو. چيائين ته "هڪ دفعي هوٽل ۾ ويس ته هوٽل جي ٻڍري مهنجي ڏاڍي سيوا ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن مان وري اُتي ويس ته اُن ساڳئي ٻڍري مهنجي ڳالهه ٻه نه ٻڌي. جڏهن هوٽل جي مئنيجر کي شڪايت ڪيم ته کيس ڏاڍو عجب لڳو. ان ٻڍري لاءِ ڪنهن ڪڏهن به شڪايت نه ڪئي هئي. ٻئي ڏينهن جڏهن مان هوٽل ۾ ويس ته هوٽل جو مئنيجر مون وٽ آيو ۽ مون کي چيائين ته مهنجو ٻڍرو نهايت نازڪ طبيعت وارو آهي. ٻڍري تن من سان اوهان جي خدمت ڪئي ۽ اوهان اُن لاءِ سندس شڪرگذاريءَ جا ٻه اکر به نه چيا. انڪري ٻئي ڏينهن هن اوهانجي پرواه ئي ڪانه ڪئي. ڪنهن به ماڻهوءَ جي، هر هڪ ننڍي ۾ ننڍي ڪم لاءِ به شڪرگذاري نه ڪرڻ هڪ اوڳڻ ليکجي ٿو." اُن جوان ته ان بعد اهو نيم ڪري ڇڏيو ته ڪو به ماڻهو ڪا به سيوا ڪندو هو، ڪٿي اها ڪهڙي به خسيس ڇو نه هجي، اُنهيءَ جي شڪرگذاري ڪندو هو. پوءِ ڪٿي اُهو ٽانگي وارو هجي يا نوڪر. اُسانجي ملڪ ۾ اهو رواج ئي ڪونهي ته اسان، گهر يا ٻاهر جيڪا خدمت لهي ئي اُن لاءِ شڪرگذاري زبان تي آڻيون.

مان انهيءَ جوان جو اهڙي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ نهايت ٿورائتو ٿيس.

هڪ ڏينهن مون پنهنجي ڪالمج جي ڪلاس ۾ ڏوم نيتيءَ تي ليڪچر ڏيئي ڪن هاسٽل وارن ڇوڪرن کان پڇيو

جڏهن ته ڏهن فقط پنهنجي پتيءَ جي پيئي ساراه ڪرڻ؟ آخر شادي کي ست اٺ سال گذري ويا آهن."

هن چيو "اهڙي نيڪ مرد سان شادي حقيقت ۾ منهنجو سڀ کان وڏو نصيب آهي. منهنجي شادي هڪ اهڙي آدرشي پرش سان ٿي آهي جنهن ۾ لائق ور جا سڀ گڻ جهڙوڪ وفاداري، پيار، عزت ۽ منهنجي لاءِ خيال موجود آهن." ڏهن کيس چيو ته "ڇا اهي گڻ صرف تنهنجي پتيءَ ۾ ٿي آهن؟" هن جواب ڏنو، "ٻين مردن سان منهنجو ڪهڙو واسطو. منهنجو ته جنهن سان ناتو رهيو آهي سو سڀ کان چڱو آهي. هڪ استري هئڻ جي لحاظ کان مان ائين چوندس ته هو نهايت هڪ عالي انسان آهي. سندس گڻن جو ته مان پورو قدر ڪري ٿي نٿي سگهان. انڪري هنجي گڻ ڳائڻ بدران پيو ڪهڙو مضمون منهنجي ڳالهائڻ لاءِ موزون ٿي سگهندو."

١٢ سالن بعد وري گڏياسين. هوءَ پيو ڪو ڪم ڪري رهي هئي. هوءَ ڪم ڇڏي مون سان اچي ملي. الائجي ڪيئن اچي سندس پتيءَ جي ڳالهه نڪتي. بس هيءَ اچي ان جي ساراهه ۾ ڇڙڪي. سندس اهو انساهه اڃا گهٽيو ڪين هو.

ڪانئس پڇيم "ڇا تون اڃا پنهنجي پتيءَ جي ساراهه مان ڍاپين نٿي؟" جواب ڏنائين "جنهن منهنجي جيون سکي ۽ شانت ڪري ڇڏي آهي، تنهن جي ساراهه مان ڪيئن ڍاپندس؟"

هوءَ هاڻي سرڳواس ٿي چڪي آهي، پر سندس جيون درشٽانت منهنجي من تي تمام گهرو اثر پيدا ڪيو آهي. هوءَ حقيقت ۾ پنهنجي پتيءَ جي ساراهه ۽ خدمت ڪرڻ مان ڍاپندي ٿي ڪانه هئي. ان ڏينهن کان پوءِ مون ڪيترن

اهڙا اوچ ڪڻ هئڻ لاءِ اوهانجا نهايت شڪرگذار آهيون. اهڙو ڪو ورلي مثال ڏسڻ ۾ ايندو، جو ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ کي اهڙي اُپڪاري روپ ۾ ڏسن. ماءُ پيءُ نه ٻارن لاءِ سڀ ڪجهه ڪن ٿا، پر اهڙا ٻار ٿورا ڏسڻ ۾ ايندا جي ان لاءِ شڪرگذاري ڪن."

شردا ۽ شڪرگذاري هڪ ٻئي جي جيوَن ۾ مِٺاج آڻين ٿا. وواهت جيوَن ڏي ٻه اهي ڏاڍو برڪتن سان ڀري ٿا ڇڏين.

هڪ وواهت جوڙو هو. مرد منهنجو هڪ هٿڪاري هو. سندس شادي ١٨٩٤ ۾ ٿي ۽ مان به ان شاديءَ تي ويس. منهنجي عمر ان وقت ١٦، ١٧ سال مس هئي. سندس ڪنوار ١٥ سالن جي هئي ۽ هُو مون کان ڪو ٥-٦ سال مس وڏو هو.

هنجي شاديءَ بعد مون تي ان ڇوڪريءَ جو ڏاڍو اثر پيو. هن جهڙي سشيل ۽ گڻ گراهڪ ٻي ڪا ورلي ملي هوندي. هوءَ جڏهن به گڏ ٻي هئي نه پتيءَ جي ساراهه پئي ڪندي هئي. مان نه سندس جيڏو هوس ۽ سندس پتي منهنجو اُستاد ۽ رهبر هو، هوءَ جڏهن به موقعو ملندو هوس نه پتيءَ جي ساراهه مان ٿي نه ڍاپندي هئي. مون سوچيو نه سندس اهو اُتساهه وقت پئي گهٽ ٿيندو ۽ ساراهه ڪرڻ بند ڪندي، پر منهنجو خيال غلط هو. جيئن وقت گذرندو ويو تيئن سندس اُتساهه به وڌندو ويو.

مان سڪول جي تعليم ختم ڪري ڪاليج ۾ ويس ۽ ٧ سال اعلى تعليم به پوري ڪري آيس. اُن بعد وري اُن هٿڪاري رهبر ۽ مت وٽ جو موقعو مليم. مان هنجي زال سان مليس. هن اها ئي مرلي وڄائڻ شروع ڪئي. مون کيس چيو، "ڀيڻ! جا لوڪي ٿالهائڻ لاءِ پيو ڪجهه ڪمن ملي جو

مان پنهنجي ساٿيءَ جي ڪم جي ساراهه ڪرڻ کان نه هٻڪندس

مان هڪ دفعي ڪنهن گهر ۾ ويس. زال ۽ مرد جو پاڻ ۾ ڏاڍو جهڳڙو ٿي رهيو هو. مون انهن کان جهڳڙي جو ڪارڻ پڇيو. مرد جواب ڏنو ته ”مان بازار ۾ ڀاڄي سستي ڏسي ڪجهه وٺي آيس ۽ خيال هوم ته اهڙي سستي سودي ڪئي ڏسي هيءَ خوش ٿيندي. پر منهنجي دل جي ته حد ئي نه رهي، جڏهن زال چيم ته توکي ڪنهن چيو ته اهي ڀاڄيون وٺي اچ. مون پهريان ئي ڪافي ڀاڄيون وٺي رکيون آهن. هي ته اجايو زيان آهي.“ مون کيس دلي ئي چيو ته ”سياڻي ٿيءُ. مڙس جيڪو ڪيو اُن لاءِ خوش ٿيڻ، سو ته ٿيو اُلٽو اجائي ڪاڪل ڪري پٽ پاراتو ڪرڻ سو مناسب نه آهي.“ هيءَ جڏهن بازار مان ڪجهه به وٺي ايندي آهي ته مان کيس همت ڏيارڻ لاءِ سندس هر ڪم کي ساراهيندو آهيان. مون کي ته اهو معلوم ڪري ڏک ٿو ٿئي ته مان جيڪو ڪم ڪريان ان لاءِ ڳاريون ملن ۽ هيءَ جيڪو ڪم ڪري، ان لاءِ چاهي ٿي ته کيس شاباس ملڻ گهرجي. جيتوڻيڪ مان ڪمائيندو آهيان، هيءَ سمجهي ٿي ته مون کي ڪوڏي به خرچ ڪرڻ جي اجازت ڪانهي، جيڪي به خرچ ڪريان سو هن کان پڇي ڪريان ۽ خرچ ڪرڻ جو حق صرف کيس ئي آهي.“

هي منهنجي لاءِ هڪ نئون تجربو هو. ان جهڙو مثال اڳ نه ڏٺو هوم. ان کان پوءِ مون ڪيترن ڪٽنبن کي ان درشٽيءَ سان جاچي ڏٺو ۽ مون کي معلوم ٿيو ته پتي پتنيءَ جي وچ ۾ جهڳڙي جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي جو انهن مان ڪو سمجهي

جوڙن کي سندن مثال ڏنو آهي ؛ ڪهڙن ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه شڪرگذاري جو مادو انهن جي جيون سکي ڪري سگهو ؛ وواهت جيون کي سکي بڻائڻ جو اهو به هڪ طريقو آهي ته هڪٻئي جي شيوا جي ساراه ڪن .

هڪ ٻيو مثال ياد ٿو اچيم، جو ته هڪ شادي ڪيل استريءَ جو هو . هوءَ شاديءَ بعد جلد ئي گذاري وئي. پر سندس ڳالهه وساريندي نه وسري. هوءَ پنهنجي گهوٽ بنسبت ٻين سان گهٽ ئي ڳالهائيندي هئي. پر ڪنهنکي به پتيءَ جي گلا ڪندي سهي نه سگهندي هئي .

هڪ ڏينهن سندس پتيءَ کيس پنهنجي ڪنهن مت مائٽ جي گهر وڃڻ لاءِ چيو . اهو ٻڌي سندس دل نهايت دک سان ڀرجي وئي . هن پتيءَ کي چيو ته "مان ڪڏهن به انهن جي گهر نه وينديس . مان ته انهن جو منهن ڏسڻ به پسند نٿي ڪريان ."

وري پڇيو ته "تون انهنجي خلاف ايترو ڇو آهين؟"

جواب ڏنائين "جيڪي ماڻهو اوهانجي گلا ڪن ٿا، مان انهندو منهن ڏسڻ به نٿي چاهيان . اڳئين دفع مان جڏهن ون وئي هئس ته هنن اوهانجي سخت گلا ڪئي. ڪيترئون ڳالهيون اوهانجي خلاف ڪيائون . ايترو ته دک ٿيم جو جڏهن مان گهر واپس آيس ته پنهنجي آنسن کي روڪي نه سگهيس ."

هڙيءَ حالت ۾ ڪيئن نه وواهت جيون سکي گذرندي، جتي هرهڪ ساٿي پنهنجي جيون ساٿيءَ جي ساراهه ڪندو رهي ٿو ؛ انهيءَ خلاف هڪ اکر به برداشت نٿو ڪري.

ته هڪ ڀيري همت ڪري پڇيو ته "سائين اسان ته توهان سان نهايت ئي پرو وهنوار ڪيو پر اوهان اسان جي برائيءَ کي صبر ۽ شڪر سان ڪيئن سٺو؟"

درويش جواب ڏنو "جڏهن اڳيان منهنجا ڏاند ڇوڙي ڇڏيا ته مون اوهانجو ٿورو انڪري مڃيو، جو مون سمجهيو ته مون هنن ويچارن نڪامن کان گهڻو ڪم ورتو هو. پر جڏهن اوهان ٻار جي سوالي به ڪيڏي ته، سمجهيم ته اوهانجو مون تي اعتبار نه آهي ته متان مان وڃي اوهانجي وڃڻ بعد شايد ڏاندن کان ڪم وٺان. ان لاءِ اوهان جو نهايت ٿورائتو آهيان. پوءِ جڏهن توهان ڪنگرن جون نوڙيون ڇوڙي ڇڏيون ته مان توهان جو شڪرگذار ٿيس جو توهان منهنجي لاءِ ڪوهه ٿي ڪم ڪرڻ جي اميد به گهٽائي ڇڏي. پر جڏهن اوهان مون کي مارڻ شروع ڪيو ته منهنجي دل چوڻ لڳي ته اوهين منهنجي ڪل غلطيءَ لاءِ مونکي هن زمين تي سزا ٿا ڏيو جيئن وري ٻئي جهان ۾ ڏک نه سهڻو پوم." چون ٿا ان جو اثر هنن تي اهڙو پيو، جو هو ساري عمر لاءِ سندس مريد ٿي پيا.

هيءَ هڪ غير رواجي ڳالهه لڳندي. هن درويش جو اهو صبر ۽ سخاوت نامناسب سمجهي وڃي سگهي ٿي. پر هن جي صبر ۽ درگذر ڪرڻ جي ڀاونا نهايت ساراهه جوڳي آهي.

جيڪڏهن وواهت جهڙن ۾ اهڙي منورتي سڀ مرد ۽ زالون اختيار ڪن ته انهن جي گهرن مان ڪلڪل ۽ جهيڙو هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي. درگذر ڪرڻ جي غير موجودگيءَ گهڻن ئي گهرن جو ناس ڪيو آهي.

اڪثر ٿي اهو مثال ڏٺو آهي ته ڪيئن نه هڪ پڙهيل زال پنهنجي عالي تعليم يافت پتيءَ جي لياقت نظر انداز ڪندي هئي ۽ ان تي الٽيمي ڪندي رهندي هئي، حالانڪ هو هن کان وڌيڪ سمجهو هو. هوءَ ته مرد سان ٻارن جي پڙهائيءَ

تو ته ڪيس ئي ڪو خاص حق آهي جو سندس جيون ساٿيءَ کي نه آهي.

مون هڪ استريءَ جي ڳالهه پڙهي. هن کي عادت هئي ته مرد ڪهڙو به ڪم چونه ڪري، هيءَ اُن کي ساراهيندي هئي ۽ ڪهڙو به سودو ڪري ايندو هو، ته اُن کي ساراهڻ بنا نه رهندي هئي. پوءِ پاڻ اهو سودو ڪهڙو به گهاٽي وارو چونه هجي. هڪ ڏينهن سندس پتي هڪ گهوڙو وڪڻڻ ويو. هو نهايت اُدار دل هو. رستي تي هو هڪ گهاٽي وارو سودو ڪري آيو. ان هوندي به زال چيس "مان اهو پاڻ پت چاهيان ٿي ته منهنجو پتي مون کان گهڻو سياڻو آهي."

مون هڪ ٻي به ڳالهه پڙهي. اها هڪ درويش (شاهه عبدالڪريم) جي ڪهاڻي هئي. درويش ان ڏِڳن سان لاڙ هلائي رهيو هو. چون ٿا ته درويش نهايت صابر هو. پنهنجيءَ حليمائيءَ ڪارڻ نهايت مشهور هو. ڪنهن ڪاوڙ نه ايندي ٿي ڪانه هئي. هر هڪ جي ڪيل ڪم ۾ ڪانه ڪا خوبي ڏسي اُنجي ساراهه ڪندو هو. هڪ ڏينهن هڪڙا چار جڻا سندس صبر جي پرکه لاءِ سندس پٺيءَ ٿي آيا ۽ اچي ڪنهن چيڙائڻ لڳا. پهرين ته هنن نار جي گاڏيءَ مان جوٽيل ڍڳا ڇوڙي ڇڏيا. ان بعد هنن نار جي وچون ڪاني به ڪڍي ڇڏي. پر هي درويش شانت رهيو. آخر هنن پاڻيءَ جي اَڌ پچي نار جون ڪنگريون به ڇوڙڻ شروع ڪيون. جڏهن انتري ڪندي به درويش کي غصو نه آيو ته هنن ڪنهن مارڻ شروع ڪيو. درويش اُٿي سندن پير چميا ۽ چيو "سائين مان اوهانجي هن مهربانيءَ لاءِ نهايت شڪرگذار آهيان." سندس اهڙو صبر ۽ شڪر ڏسي هو سندس پيرن تي ڪري پيا ۽ پنهنجي ڪيل ڪم جي معافي گهرڻ لڳا. جڏهن درويش کين معاف ڪيو،

مان نه ڪيو، اُن لاءِ سخت ڏک اٿم. بيماريءَ وقت جا هن ٢٤ ئي ڪلاڪ منهنجي خدمت ڪئي آهي، اُن ته منهنجون اکيون کولي ڇڏيون آهن. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جيڪڏهن اها سمجهه مون کي پهرين اچي ها! مون ساڻس چڱو ورتاءُ نه ڪيو پر هن پتورت ناريءَ مون جهڙي بي شڪر مرد سان به نهايت عمدو سلوڪ ڪيو. پنهنجي ڪيل هلت لاءِ مان معافي طلب آهيان.*

مٿين قبوليت مان ڪجهه اهڙن مردن کي اها سُوجهي اچي سگهي ٿي جيڪي پنهنجين سادين سودين استرين جي شيوائن جو قدر ڪونه ٿا ڪن صرف انڪري جو هو سندر ڪونهن يا ڪاليجي تعليم ڪونه پرائي اٿن. ڪابه استري فقط سندر هئڻ ڪارڻ چڱي جيون ساٿڻ ٿي نٿي سگهي، نه ئي فقط ڪاليج پڙهڻ ڪري لائق استري ٿي سگهندي يا نه ڪوئي وڏو هڪ شاهوڪار گهر جي ڇوڪري هئڻ ڪري يا مرد سان گڏ سماجڪ جلسن ۽ ڪلبن ۾ وڃڻ ڪري هوءَ سچي پتني ٿي سگهي ٿي. ڪابه استري سچي پتني تڏهن ٿي سگهندي جڏهن هن ۾ ساتوڪ گڻ هوندا، هوءَ پنهنجي پتيءَ سان نهايت وفادار هوندي ۽ گهر خواه ٻارن لاءِ شيوا ڀاوي هوندي. استريءَ جي سچي پتورتا نه اُن ۾ آهي ته هوءَ پنهنجي مرد کي ڪڏهن به ڪنهن ٻئي سان پيهڻ نه ڏئي. جا استري صبر واري آهي، پتيورت آهي، پتيءَ سان وفادار آهي، پر-پرش جو ڀلجي سپني ۾ به ويچار نٿي ڪري ۽ جا پنهنجي پريتم جي آهي، اهڙي پتنيءَ لاءِ مرد کي جيترو ناز هجي اوترو ٿورو ۽ جيترو هن جي روز ساراهه ڪري اوترو چڱو آهي. ساڳيءَ طرح مرد ۾ به اهڙا گڻ هئڻ گهرجن. هو ٻيءَ سهڻيءَ زال جي ٻاهرين ٺاهه ٺوهه ڏسي پنهنجي استريءَ جي اُن سان ڀيٽ نه ڪري، تڪي ئي سندس اِيمان ڪري.

جي سوال لئي به وڙهندي رهندي هئي. مرد کي اها خبر هئي ته ٻارن کي ولايت پڙهڻ لاءِ موڪلڻ مان ڪيترو نه لاڀ آهي. ان ڪري هوءَ ٻارن کي موڪلڻ لاءِ منتظر هو ته زال وري اُنهي پيار وس لئي مرد جي مخالفت ڪندي سندس راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ تيار هئي. هوءَ ڪڏهن به پنهنجي ڪمزوري مڃڻ جي بدران پنهنجي پتيءَ سان وڙهندي رهندي هئي ۽ هن لئي دوش هڻندي رهندي هئي. هن ٻارن کي پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو هو ۽ مرد گهر ۾ ٻارن جي پيار کان محروم رهيو. نتيجو اهو نڪتو جو گهر مان سک شانتي موڪلائي ويئي. ڪلڪل ۽ ڪٽ پٽ اُنهن جي من جي سک کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. پتنيءَ کي گهرجو هو ته هن جيڪي سندس لاءِ خواهه سندس ٻارن لاءِ مهربانيون ڪيون هيون، اُن لاءِ اَحسانمند رهي ها. جيتوڻيڪ هوءَ پڙهيل هئي پر هي سبق نه پڙهي هئي. هن پنهنجي پتيءَ جي مهرباني وساري سندس ڳڻن کي نظرانداز ڪري پنهنجي گهر ۾ اَشانتي آندي.

ڪنهن ٻئي مرد جي ڳالهه آهي ته هو ڪڏهن به پنهنجي استريءَ جي ڪيل شيوا جي نڪي پرواهه ڪندو هو نڪي ساراهه ڪندو هو. اُنجو ڪارڻ فقط اهو هو، جو هوءَ نه اِستري سندر هئي ۽ نڪي انگريزي پڙهيل هئي. جڏهن هو سخت بيمار ٿي پيو تڏهن هن اڻ پڙهيل ۽ سادي سودي صورت واري پر نهايت سندر سيرت واريءَ استريءَ تن من سان سندس شيوا ڪئي. هن ڏٺو ته هن استريءَ ۾ ڪهڙا نه ڳڻ هئا، جي هو پڙهيل استريءَ ۾ مشڪل پائي سگهي ها. هوءَ چوويهه ئي ڪلاڪ سندس شيوا ۾ حاضر رهندي هئي. هڪ ڏينهن هن ٻين جي روبرو چيو ”مان پنهنجي ڪيل غلطيءَ لاءِ نهايت شرمسار آهيان. مون هن استريءَ جو پورو

مان پنهنجي جيون ساٿيءَ جي عزت ڪرڻ کان ڪڏهن نه هٽڪندس

هڪ ملٽري آفيسر پنهنجي آزمودي جون ڳالهيون ٻڌائيندي چيو ته واهيات جيئن ۾ ٻارن جي سامهون پنهنجي زال سان جهيڙو ڪرڻ يا هن جي بي عزتي ڪرڻ بيوقوفي آهي. مثال ڏيندي ٻڌايائين.

”منهنجو ننڍڙو پٽ، جنهنکي مان ڏاڍو پيار ڪندو آهيان، ويٺو هو جڏهن منهنجو سندس ماءُ سان جهيڙو ٿيو هو. مون کي اها خبر نه هئي ته منهنجي هن جهيڙي جو اثر هن ٻار تي به پوندو. مان آفيس ويس ۽ شام جو جڏهن واپس آيس ته پٽ کي سڏ ڪيم ته اچي ٻاڪي پائي. هو ان وقت ٥-٦ سالن جو هو. هن جواب ڏنو ”مان ڪونه ايندس. توهان منهنجي ماءُ سان جهيڙو ڪيو آهي. مان توهان سان اصل نه ڳالهائيندس.“

هن ٻار مونکي نهايت عمدو سبق سيکاريو ته مائٽن کي ٻارن جي روبرو ڪڏهن به جهيڙو ڪرڻ نه گهرجي. ٻار ته ماءُ ۽ پيءُ جو طرف وٺڻ شروع ڪندا آهن ۽ گهڻو ڪري ماءُ جو طرف وٺندا آهن.

هڪ ٻيو ماڻهو جو به اتي ويٺو هو ان هڪ ٻي گهٽنا ٻڌائي. هن چيو اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ زميندار جو گهر آهي. ان زميندار کي زال ۽ ٽي ٻار هئا. هڪ ڏينهن ان زميندار جو پنهنجي زال سان سخت جهيڙو ٿي پيو ڇو ته هن هڪ ڇوڪريءَ سان واسطو رکيو هو. هن زال کي غصي سان چيو ”مان توکي ٻڌايان ٿو، مان ان ڇوڪريءَ سان ضرور شادي ڪندس، توکي جيڪي وڻي سو وڃي ڪر.“ هي سمورو جهيڙو انهنجي ٻارن جي سامهون ٿيو.

پيءُ آخر شادي ڪئي. ٿورن مهينن بعد اها خبر باهه وانگر

هڪ ڏينهن مان پنهنجي دوست جي گهر ويو هوس. سامهون هڪ جوڙو رستي جي ٻئي طرف ويو هو. اُن زال کي ڪروپ چئجي ته وڌاءُ نه آهي، پر مرد نهايت سهڻو جوان هو. منهنجي دوست چيو ته "هي جوان پنهنجي هن زال جي خاطر هر هفتي ٻاهران اچي ٿو. هيءَ سندس گهر ۽ ٻارن جي سنڀال نهايت شرڌا ۽ پيار سان ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي مڙس سان ٻاهر جتي سندس نوڪري آهي، اتي وڃي پر فقط ٻارن جي پڙهائيءَ جي ويچار ۽ گهر جي سنڀال خاطر هيءَ هت اڪيلي رهي ٿي. هُو هر هفتي ڇنڇر ۽ آرتوار تي گهر اچي ٿو ۽ حيرانيءَ جي ڳالهه آهي ته هي جوان گهر اچي ته ٻاهر ڪٿي نه نڪري. سارو وقت هن ڪوجهي زال جي پاسي ۾ ويٺو رهي ٿو. سندس سنهه ۽ پيار کي ڏسي اسين ته ڏاڍو حيران ٿا رهون."

مون کيس ڏاڍي ڌيان سان ٻڌو ۽ پوءِ چيو "پيارا دوست! تون هن زال جو ٻاهريون ڪروپ ڏسي سگهين ٿو پر سندس اندر دل ۽ سندس پتي پريم جو سندس پتيءَ ڏٺو آهي سو نه ڏسي سگهيو آهين. سچ چيو اٿن ته ليلا کي مجنونءَ جي نگاهن سان ڏسڻ گهرجي. هيءَ مرد پنهنجي وفاداريءَ ۽ پريم سان هن استريءَ جي ڪمل شموائن جي ساراهه ۽ قدر ٿو ڪري."

جي ماءُ کي چڱي طرح ننڍو هلايو وڃي ته هنن جي دل ۾ ناراضگي وڌي ٿي ۽ اهي ظلم ڪندڙ پتيءَ يا پنهنجي رشتيدارن جي برخلاف اٿي کڙا ٿيندا آهن.

مون سندس هن خيال کي دل سان هنڊايو.

هڪ دفعي هڪ جوڙو مون سان گڏجڻ آيو. مرد هڪ آفيسر هو. سندس زال به پڙهيل هئي. پر اها سندس ٻي زال هئي. سندس پهرين زال جيئري هئي ۽ ان مان کيس ٻار به هئا. مرد ٻارن کي سڳيءَ ماءُ کان الڳ ڪري مانيلي ماءُ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. مانيلي ماءُ ڳالهائيندي چيو "اها کهڙي نه عجب جي ڳالهه آهي جو مان جيتوڻيڪ ٻارن کي ڏاڍيءَ سڪ ۽ پيار سان پاليان ٿي، ان هوندي به وڏي ڌيءُ منهنجي نزديڪ نٿي اچي، بلڪ مون کان نفرت ٿي ڪري."

مون ان معاملي کي جاچي ڏٺو ته سمجهيم ته وڏي ڌيءُ سمجهو هئي ۽ هن سمجهيو پئي ته سندس ماءُ جي دک جو ڪارڻ هيءَ مانيلي ماءُ هئي. ان ڪارڻ ٿي سندس پيءُ هن جي ماءُ کان الڳ ٿي ويو هو. ان ڳالهه هن جي ڪچڙيءَ دل تي ڪافي خراب اثر ڪيو هو ۽ لک جتن ڪرڻ سان به اهو اثر ڪڏهن به مٽي نه ٿو سگهي.

هوءَ جڏهن به ماءُ سان ناناڻي گڏبي هئي ته اوچنگارون ڏيئي روئندي هئي. هوءَ ننڍي ڀاءُ کي به ان مانيلي ماءُ جي برخلاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. سندس ماءُ جي برباد حالت کيس باغي بڻائي ڇڏيو هو. پيءُ جي خلاف ته ڪجهه نٿي چيائين پر سندس ساري دل مانيلي ماءُ جي خلاف هئي. ٻار نه ڪڏهن به اهو برداشت نٿا ڪري سگهن ته ڪو به سندن ماءُ جي بي عزتي ڪري يا گهٽ وڌ ڳالهائي. ٻارن جي سامهون جهيڙو ڪرڻ هڪ وڏي ڀل آهي.

ڦاهجي وئي ته. اِن زميندار جو بي رحميءَ سان خون ٿي ويو
آهي. خونيءَ جو پتو نه ڪو نه پيو پر افواهه اِهو هو ته اِن
جهيڙي جو ڪارڻ گهرو جهيڙو هو اِن ۾ سندس هڪ پٽ
جو هٿ هو.

گهرو جهيڙو ڪٽنب جي بربادي جو ڪارڻ آهي ته
گهرو سک سلوڪ ڪٽنب ۾ ايڪتا ۽ سک آڻين ٿا.

هڪ دفعي مان ڪن دوستن سان اِهو ذڪر ڪري رهيو
هوس ته ماءُ ۽ پيءُ کي ڪڏهن به جهيڙو ڪرڻ نه گهرجي.
اُن وقت هڪ ڊبل گريجوئيٽ به ويٺل هو. هن چيو "اوهين
جيڪي چئو ٿا اُنجو مان زنده مثال آهيان. مان ستن اٺن سالن
جو هوس جڏهن مون کي اهو محسوس ٿيو ته اسانجي گهر
جو سمورو ڪم ڪار منهنجي چاچيءَ جي هٿ ۾ هو ۽ هوءَ
منهنجي ماءُ سان نهايت بدسلوڪيءَ ۽ ڪتورپڻا جو ورتاءُ
ڪندي هئي. منهنجي پيءُ جو ورتاءُ به منهنجي ماءُ سان
چڱو نه هو. هو اڪثر سندس بچاءُ ٿي ڪندو هو ۽ اُنکي هن
جو سنمان ڪندو هو. اِن معاملي مون کي نهايت دکي ڪيو.

مان پڪو ويچار ڪيو ته گهر جي هرهڪ ڀاتي کي، جيڪي
منهنجي ماءُ سان، جا گهر جي مالڪڻ هئڻ جي ناتي عزت
جي حقدار آهي، بدسلوڪي ٿا ڪن يا جهيڙو ٿا ڪن اُن
سڀني کي سڌو ڪندس.

مان وڏو ٿيس ۽ مون کي خوشي آهي جو مان پنهنجي ماءُ
کي پنهنجي چاچيءَ ۽ ٻين جي ستم کان بچائي سگهيس.

منهنجي پيءُ جي هلت ۾ به ڪافي فرق آيو. منهنجي پيءُ
به اِهو محسوس ڪيو ته مان پنهنجي ماءُ جي بي عزتي برداشت
ڪري نٿو سگهان. اِن ڪري مان ڪليءَ طرح اِئين چوندس ته
ماءُ-پيءُ، خاص ڪري پيءُ کي ڪڏهن به ٻارن جي روبرو
وڙهڻ نه گهرجي. جڏهن ٻار اهو محسوس ڪندا آهن ته هنن

ٿي رهي.

اهي جهڳڙا جيڪي مائٽن جي وچ ۾ ٿين ٿا تن جو اَثر فقط ماءُ پيءُ تائين محدود نٿو رهي بلڪ ٻارن جي زندگيءَ تي به ڪافي اَثر وجهي سندن زندگي زهر ڪيو ڇڏين. ٻار به ڇڏهن وڏا ٿين ٿا ته اُهي به اَهڙي جهڳڙالوءَ زندگي بسر ڪن ٿا. اَهڙن ٻارن لاءِ شاديءَ بعد زال مڙس جو پاڻ ۾ وڙهڻ هڪ نيم ٿي وڃي ٿو.

هڪ ڏينهن مان ويٺو هوس ته هڪ ننڍو ٻار مون وٽ ڊوڙندو آيو ۽ چيائين ته فلاڻي پروفيسر پنهنجي زال کي اهڙي ته سخت چماٽ هنئين جو هوءَ بيهوش ٿي ڪري پيئي آهي. مون کي اعتبار ئي ڪين آيو ته ڪو اهڙو تعليم يافته ماڻهو ائين ڪندو هوندو. موقع پٽئي ڪانئس پڇيم ته "تو اڄ زال کي ماريو هو ڇا؟" هن جواب ڏنو "اها ته رواجي ڳالهه آهي. اسانجي گهر ۾ اهو ناٽڪ هميشه پيو ٿئي. ڪيس مارڻ ڪري مان سندس نظر ۾ ڪري ڪين ٿو پوان. اَباڻي گهر ۾ به اهو روزمره جو ڪم هو. هينئر ته اسان جي ڪٽنب ۾ اها چوڻي آهي ته جيڪو زال کي ٺيڪ نٿو ڪري سو هڪ مجوُ آهي."

مون چيو "تون ته ڪو ڏاڍو خوفناڪ ماڻهو آهين جو چوين ٿو ته زال کي مارڻ هڪ روزمره جي ڳالهه آهي." هن چيو "اها رواجي ڳالهه نه هجي ها ته هيءَ زال مار کائڻ تي گهر ڇڏي وڃي ها. پر جيئن ته اسانجي گهر ۾ زالون مار کائي به گهر ۾ رهن ٿيون ۽ پيڪي رسي نٿيون وڃن، تن مان ڏسو ته اها مار ڪٽ هڪ رواجي ڳالهه آهي."

مون ان ڳالهه تي تڏهن به اعتبار نه ڪيو. ڪنهن به حالت ۾ زال ڪسي مارڻ رواجي ڳالهه ٿي نٿي سگهي. ڪو به ٻار پنهنجي ماءُ کي مار کائيندو ڏسي سهي نٿو سگهي، پوءِ ڪٿي ڪيس مارڻ وارو سندس پيءُ ڇو نه هجي.

ڪنهن سچ چيو آهي تہ "سردار جي زال ٻار ڄڻڻ بعد سرداڻي ۽ سيٺ جي زال ٻار ڄڻڻ بعد سيٺياڻي ٿئي ٿي." ان ڪري ٻارن جي ڄمڻ بعد انهن کي هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪرڻ اصل نہ گهرجي.

اڳئين هڪ باب ۾ مان هڪ عجيب ۽ ڏکدائڪ واقعي جو ذڪر ڪري چڪو آهيان. مان اسٽيشن تي ٻئي ويس تہ مون کي هڪ گهر جي اڳيان لنگهڻو پيو جنهن جي ڀاڳين کي مان سڃاڻندو هوس. جيئن ئي گهٽيءَ ۾ گهڙيس، جنهن ۾ اهو گهر هو، تہ مون کي اهڙو سخت صدمو رسيو تہ هڪ وچولي عمر جي مرد کي ٻن جوانن زمين تي ڪيرايو هو ۽ انکي زور سان ماريو ٿي. منهنجي ڏک جي حد نہ رهي جڏهن اهو ڏٺم تہ زمين تي ڪِريل ماڻهو انهن ٻنهي جوانن جو پيءُ هو، جي هنکي ماري رهيا هئا. مون هنن کي ڇڏايو ۽ گهر وٺي ويس ۽ گهر جي مالڪڻ کان پڇيم تہ هن جا ٻار پنهنجي پيءُ کي ڇو ماري رهيا هئا تہ مالڪڻ چيو "مان ڇا ٿي ڪري سگهان؟ اڄ هي مون سان وڙهيا ۽ ٻئن جي سامهون مون کي لتون هنيائون. نوجوان پٽ پنهنجي ماءُ کي مار پوندي برداشت ڪيئن ڪري سگهندا، چاهي مار ڏيڻ وارو پيءُ ئي ڇو نہ هجي!"

جوانن کي چيم تہ پيءُ سان اهڙي هلت هلڻ ڪارڻ ڪين شرم اچڻ گهرجي ۽ هن پير مرد کي چيم تہ آئينده اهڙيءَ طرح زال سان جهيڙو نہ ڪري. ڏک سان اهو چوڻو ٿو پوي تہ اهي زالون جي ٻارن جون مائر آهن تن کي مارڻ نيڪ نہ آهي. ٻار پنهنجي ماءُ سان اهڙي وهنوار تي ناراض ٿيڻ کان نٿا رهي سگهن ۽ اهو ئي ڪن ڪٽنبن جي ڏک جو مکيہ ڪارڻ آهي.

اهڙن ڪٽنبن ۾ اشانتي آهي ئي، پر جتي مائٽ هڪ ٻئي جي عزت ڪن ٿا، اتي سک سمپتي، آسودگي ۽ خوشحالي

سندس سياڻ ساڳيو رهيو ۽ هن ۾ ڪو به فرق نه آيو. هوءَ پنهنجي پٽيءَ سان راضي نه هئي، جيتوڻيڪ هو کيس ڏاڍو پيار ڪندو هو. هو ڏسڻ ۾ به ننڍڙو ۽ تندرست جوان هو. هن پنهنجي پٽيءَ کي ٻين پڙهيل نوجوانن سان ڀيٽيو. ساڳئي وقت سماج ۾ ٻين ٻيئل ماڻهن سان ڀيٽيو. هوءَ هميشه هن کي ڪين جهڙو سمجهندي هئي. ماڻهن ۾ به سندس گلا ڪندي هئي. سندس هن عادت ڪارڻ کيس پٽيءَ لاءِ ڪا به عزت نه هئي. ۽ ان ڪارڻ جڏهن هو ويچارو ٻڍيءَ عمر ۾ ٿي گذاري ويو ته کيس ڪو به ڏک نه ٿيو. هن ٻي شادي ڪئي ۽ ٻئي گهوٽ سان به ساڳيو ورتاءُ هليو ۽ هن وواهت جيون مان ڪو به آنند نه ورتو.

هڪ ٻيو مثال ڏيو. هڪ رواجي سپاهي هو جنهنجي شادي ڪنهن اڻپڙهيل ۽ امير گهر جي ڇوڪريءَ سان ٿي. هن حالت ۾، جڏهن هو فقط رواجي سپاهي هو تڏهن زال جو قدر ڪندو هو. پر سندس ڀاڳ وريو ۽ ڪجهه وقت بعد اضافا حاصل ڪري آهستي آهستي چڱي وڏي عهدي تي پهچي ويو. هاڻي هو پڙهيل زالن سان گڏجڻ ميڙڻ لڳو. پنهنجيءَ اڻپڙهيل زال کي انهن سان ڀيٽڻ لڳو ۽ پنهنجيءَ قسمت کي پٽڻ لڳو. آخر هن زال کي جواب ڏيئي پيڪي موڪلي ڇڏيو. هن هڪ ٻيءَ پڙهيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ چاهي ۽ آخر ڪنهن چڱي خاندان مان هڪ پڙهيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪري آيو. شاديءَ وقت ڇوڪريءَ وارن اهو شرط وڌو هو ته ڪڏهن به هو وري پهرينءَ زال کي گهر ۾ نه آڻيندو.

هن واقعي بعد پهرين زال ۽ ان جو ٻچو ساڻس گڏجڻ آيا. ٻئي ٻاڻ تي ٿيل ٻي رهيءَ تي زار زار روئي رهيا هئا. هنن جي آزي نيزاري ۽ ڳوڙهن جو ڪو به اثر هن تي نه ٿيو.

مان پنهنجي جيون ساٿيءَ جي ڀيڻ سان ڀيٽ نه ڪندس

ڪمترين ڳالهين ۾ جڏهن ڪن ٻن شين جي پاڻ ۾ ڀيٽ ٿي ڪجي ته نتيجو ناخوشگوار ٿو نڪري.

هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري منهنجي واقف هئي. سندس پيءُ هڪ هاري هو پر اُن هوندي به هُو پنهنجي ڌيءَ کي پڙهائڻ جي فائدي ۾ هو ۽ کيس اُن لاءِ ڪافي چاهه هو. هُو کيس ڪاڳر، ڪپڙي، ڪتابن وغيره لاءِ پيسا ڏيندو هو. هوءَ ڇوڪري ڀيڻ سان گڏ رهندي هئي ۽ اُلي ڀاڪون هٽي ڇولدي هئي ته هوءَ هڪ وڏي زميندار جي ڌيءَ آهي. هڪ ڏينهن سندس پيءُ پنهنجن سادن سُوڌن ڪپڙن ۾ پاڻ سان ڌيءَ لاءِ چڱا پيسا ۽ شيون وغيره کڻي اسڪول ۾ ملڻ آيو. آخر پيءُ جو پيار آهي! هن پنهنجي ڌيءَ کي گڏجي پيسا وغيره ڏيڻ چاهيا، پر ڇوڪري جو هميشه پاڻ کي وڏي زميندار جي ڌيءَ سڏائيندي هئي تنهن پنهنجي پيءُ کي هن سادي سُوڌي حال ۾ آڏو پاءِ ته ڏنو بلڪ کيس ڏسي ڏاڍو دکي ٿي. هن پنهنجي پيءُ کي ٻين ڇوڪرين جي پيئرن سان، جي زميندار هئا، ڀيٽيو ۽ هن کي تڪرار لڳي. پيءُ جيون ۾ هڪ وڏي نعمت آهي. هن جو قدر اُنهن کي پوندو جن کي پيءُ نه هوندو. ماءُ پيءُ جو پيار ٻارن لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي ۽ ٻارن لاءِ اَملهه دولت. ماءُ پيءُ جي پيار ۽ قربانيءَ سان ڪنهنجي به ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي پر جيڪي هيءَ ڳالهه نٿا سمجهن ۽ ٻين جي ٻاهرين ٺاٺ ڏسي اُنهن سان پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڀيٽين ٿا، اُهي ٻار چڱا نٿا ٿين.

هن ڇوڪريءَ پڙهائي ختم ڪرڻ بعد شادي ڪئي پر

زال کي پٺيان ڌڪو ڏنو ۽ هوءَ درياهه ۾ ڪري پيئي ۽ ٻڏي مري وئي. زال کي ٻوڙي جڏهن هو واپس آيو ته نوڪر کي چيائين ته هوءَ وري پيڪن ۾ موٽي وئي آهي.

ڇوڪريءَ جي مائٽن کي هن ڳالهه ۾ ڪجهه شڪ پيو ۽ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيائون. مقدمو هاءِ ڪورٽ تائين ويو. ڪورٽ اُن جوان کي تمام ٿوري سزا ڏني. ڪيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. هاءِ ڪورٽ به پنهنجي فيصلي ۾ نهايت عبرتناڪ فتوا لکي هئي.

هڪ ٻيو مثال اهڙي ٻرپوار جو آهي جنهنکي پٽ جي شاديءَ ۾ گهڻو ڪجهه مليو. اُن پنهنجي پٽ جي شادي اَمير گهر ۾ ڪئي جتان کين ڏاج ڏيوڻ ۾ چڱو مليو. وقت پئي هنن جي من ۾ لالچ جو نانگ پنهنجو اثر ڏيکارڻ لڳو. هنن کي اهڙين ڇوڪرين جي خبر پيئي جيڪي هنن جي ننهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڏاجو وٺي آيون هيون. هو پنهنجي ننهن کي طعنا هڻڻ لڳا ته هوءَ ٻين ڇوڪرين جي ڀيٽ ۾ ڪجهه به ڏاجو نه کڻي آئي آهي. شروع ۾ ته ڇوڪري ويچاري لاچار ماٺ پيءَ ڪان ڪين ڪافي آئي ڏڻ لڳي. پر هنن جي اُن پٽڻ جي عادت هنن کي وڌيڪ لالچي ڪري ڇڏيو. هو پنهنجي ننهن جي معرفت سندس ماءُ پيءُ کي ڦرڻ لڳا. آخر هن ڇوڪريءَ جي صبر ڪان ڳالهه ٻاهر ٿي وئي ۽ ڇوڪريءَ مائٽن جي حالت ڏسي سندن مرضيءَ موجب وڌيڪ آڻڻ کان انڪار ڪيو. ننهن تي هنن ڇوڪريءَ کي ڏاڍو ماريو. چون ٿا هوءَ ڇوڪري اُنهيءَ مار سبب مري وئي ۽ هنن اُنهيءَ جو اگهي سنسڪار لڪڙ ۾ ڪري ڇڏيو جيئن معاملو قانوني شڪنجي ۾ نه اچي وڃي.

ڇوڪريءَ جو پيءُ پڙهيل ماڻهو هو. هن انصاف جو دروازو کڙڪايو ۽ پڄاڻ ۾ آيو ته ڇوڪري کي موت جي سزا ۽ مائٽس

آخر ڇوڪريءَ پڙهڻ جو فيصلو ڪيو. هن مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ڪاليج ۾ داخل ٿي. اُن بعد ٻي شادي ڪيائين. سندس هيءَ ٻي شادي نهايت ڪامياب رهي. هوءَ هڪ ڪامياب استري ۽ ڪامياب عورت ٿي سماج ۾ رهي. ڪيترن پڙهيل زالن سان لهه وچڙ ۾ آئي ۽ ڪيترن آفيسرن جي زالن سان گڏجي مسجي رهي.

هڪ نوجوان انجنيري ڪاليج ۾ پڙهندو هو. هو هوشيار ڇوڪرو هو ۽ کيس اميد هئي ته سالياني امتحان ۾ هو مٿي ايندو ۽ کيس چڱي نوڪري ملندي. اُن وقت سندس من ۾ اُبتا ويچار اچڻ لڳا. هو شادي ڪيل هو ۽ اها شادي ننڍي هوندي ڪئي هئائين. سندس زال کيس ڏاڍو پيار ڪندي هئي، پر هوءَ اڻ پڙهيل ۽ شڪل جي سادي هئي. هن پئي خواب ڏٺا ته هو جڏهن نوڪري ڪندو ۽ وڏن آفيسرن سان ۽ اُنهن جي زالن سان گڏ ڪلبن وغيره ۾ ويندو ته هن سادي سودي اڻ پڙهيل زال کي نه وٺي وڃي سگهندو. اُنهن ويچارن ۾ غلطان ٿي هن پنهنجي، هن زال کان جند آجي ڪرائڻ جي رٿ رٿي. هن زال جو ته ڪو به ڏوهه نه هو. هوءَ فقط شڪل جي سادي ۽ سڀاءَ جي نرم هئي. هو جيئن ائين سوچيندو رهيو تيئن تيئن سندس من ۾ هن زال لاءِ حقارت وڌندي ويئي. آخر سوچيندي سوچيندي هن زال کي خون ڪرڻ جي رٿ سوچي. هو پنهنجي ساهرن ۾ ويو جتي سندس زال رهيل هئي ۽ کيس گڏجي چيائين ته هوءَ ساڻس گڏ گهر هلي. رستي ۾ ايندي هو اُن شهر مان، جتي هو پڙهيو هو، اُتان لنگهيا. هو اسٽيشن تي لٿو، سامان نوڪر جي حوالي ڪري زال کي اِنهيءَ بهاني شهر وٺي آيو ته کيس اهو ڪاليج ڏيکاريندو جتي هو پڙهندو هو. رستي ۾ اُنهن کي هڪ درياهه مٿان پل تان لنگهڻو پيو. هن جوان اُتان لنگهندي

هئي، اشارو ڪري چيو ته هيءَ تنهنجي زال آهي. هن جڏهن هن ڪوجهيءَ زال کي ڏٺو ته کيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ چيائين "ڇا هيءَ منهنجي زال آهي؟" زال اهي ڌڪار جا لفظ نه سهي جنهن ڪري گهر ڇڏي جوش مان ٻاهر نڪتي ته هڪ موٽر هيٺان اچي وئي. کيس کڻندو ڏسي هڪ ديوان ڪرستان جو اتفاق سان اتان لنگهي رهيو هو کيس گهر کڻائي آيو. جڏهن هوءَ چاق ٿي تڏهن هن پنهنجي زندگي انڌن جي اسپتال ۾ سيوا ڪرڻ ۾ ارپڻ ڪري ڇڏي.

ڪيترن مهينن بعد وري هن راجڪمار جون اکيون خراب ٿي پيون ۽ هي انڌن اسپتال ۾ علاج لاءِ آيو جتي هيءَ استري نرس هئي. کيس ان نرس جي ٿي سپرد ڪيو ويو ڇو جو هوءَ نهايت هوشيار نرس هئي. ڪن هفتن جي خدمت بعد هو نرس جي سيوا ڏسي ائين سمجهڻ لڳو ته سندس پهريان زال آهي. هڪ ڏينهن کيس هٿ کان پڪڙي چوڻ لڳو "ڇا تون منهنجي زال نه آهين؟" هن جواب ڏنو "ها، مان تنهنجي ڪوجهي زال آهيان." سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀري آيا ۽ چيائين "ڌڪار آهي منهنجي هنن اکين تي جو مون تنهنجي سندر آتما کي نه ڏٺو ۽ ٻاهرينءَ شڪل کي ڏسي تنهنجي ٻين سان ڀيٽ ڪري توکي ڪوجهو ڪوٺيو. مون کي خوشي آهي جو مون وري پنهنجون ٻاهريون اکيون وڃايون ۽ انڌو ٿي هن اسپتال ۾ آيس جتي پنهنجي اندرينءَ سوجهيءَ سان تنهنجي سندر آتما کي ته پاتم. هينئر مان هميشه توسان گڏ تنهنجي سنڀال هيٺ رهندس.

کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏني وئي.

جيڪڏهن هي ماڻهو، ڪين جيڪي مليو ٿي اُن ٿي راضي رهن ها ۽ ٻين شاهوڪار گهرن جي ٻارن جي گهٽي ڏيتي ليتيءَ سان پنهنجي ٻارن ۽ ڏاج ڏيڻ نه پڄن ها ته نه معصوم ڇوڪريءَ جو اَڻ مهلو موت ٿئي ها ۽ لکي ماڻهو قانون جي شڪنجي ۾ زندگي وڃائين ها.

هڪ انڌي راجڪمار جي سندس دشمن رشتيدارن هڪ ڪوجهي زال سان شادي ڪرائي ۽ ڪيس ٻڌايائون ته سندس شادي هڪ سندر شهزاديءَ سان ٿي آهي. سندس زال ڏسڻ ۾ ڪوجهي هئي ۽ سندس دل هئي سون جهڙي. هن پنهنجي سورداس پتيءَ جي تن من سان سيوا ڪئي ۽ هوءَ به مٿانس گهوريو ويندو هو.

هن راجڪمار جون اکيون ٻارپڻ ٺيڪ هيون ۽ ٻيماريءَ ۾ سندس اکيون خراب ٿي ويون هيون. سندس زال کي اها خبر هئي. هڪ دفعي هڪ جرمن ڊاڪٽر اُتي آيو ته هوءَ به پنهنجي مرد کي علاج لاءِ وٺي وئي جو ويچار ڪرڻ لڳي. جڏهن هنجي مائٽن کي، جن سندس شادي ڪرائي هئي، خبر پيئي ته اُنهن کي ڊپ لڳو ته علاج مڪمل ٿيو ته هنن جو دوکو ظاهر ٿي پوندو. ان ڪري ڪيس سمجهائڻ لڳا ته هوءَ مڙس جو علاج نه ڪرائي. علاج ڪرائيندي جڏهن هن جون اکيون ٺيڪ ٿي وينديون ته هوءَ ڪيس ٿي ڏاڍو ڌڪاريندو جو سندس شڪل ڪوجهي هئي. ان ڪري هنن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هوءَ سندس اکين جو علاج نه ڪرائي.

پر هيءَ استري نهايت نيڪ هئي. پنهنجي دک سک جو ويچار نه ڪري سندس علاج ڪرايائين. جڏهن سندس اکيون ٺيڪ ٿيون ته هن نرس کان پڇيو ته منهنجي زال ڪٿي آهي؟ نرس هن ڪروپ استريءَ ڏانهن جا سندس مٿان ڪان بيٺي

هن اسٽريءَ پنهنجي ڌيءَ جي تعليم ۽ آئينده جو ويچار ڪري لوڪ لڄا ڇڏي سماج جا بندن ٽوڙي هي نيڪ قدم کنيو. سندس ڌيءَ وڏي ٿي ته سندس شادي به ڪنهن پڙهيل نوجوان سان ٿي ۽ اها به وڃي سکي ٿي. جيڪڏهن اهو شاهوڪار وڌوا جي مال پاڻا کي ترجيح نه ڪري ها ته هيءَ شادي ڪين ٿئي ها.

هڪ جهاز ۾ ڪي مسافر ٻاهرا ڪري رهيا هئا جيڪي هن سفر کان اڳ هڪ ٻئي کي نه سڃاڻندا هئا. انهن ۾ هڪ وڌوا هئي جنهن کي ٽن ٻي ٻار هو ۽ ٻيو هو هڪ غير شادي شده جوان. هي جوان سڄي سفر جي دوران ۾ اُن ٻار کي ڏاڍو پيار ڪرڻ لڳو. هن مرد جي ٻار کي پيار ڪرڻ ڪري، هيءَ زال هن کي چاهڻ لڳي. جڏهن هن مرد هن کي شادي جي آڇ ڏني ته هن خوشيءَ سان قبوليو. هن کي ائين محسوس ٿيو ته هن ٻار کي پيءُ جو پيار کپي. ليکڪ چيو ته هنن جي وچ ۾ پيار جي ناتي قائم ڪرڻ لاءِ اهو ٻار هو جنهن کي ٻئي پيار ڪندا هئا.

هڪ رنڙ واسطي شادي ڪرڻ ۾ وڏي رڪاوٽ اها پوندي آهي ته مائٽي ماءُ ٻارن کي پيار ڏئي سگهندي يا نه. عام طرح مائٽي ماءُ هڪ ڏائڻ وانگر ڏٺي پوندي آهي.

هڪ ڏينهن گاڏيءَ ۾ مسافري ڪندي ۳۰ سالن جو هڪ وڏو سکه زميندار گڏيم. ڪمس ۾ ڌيئر ساڻ هيون. هڪ اٽڪل ۴ سالن جي ۽ ٻي ۶ سالن جي. هن کان پڇيم ته هنن ٻارن جي ماءُ ڪٿي آهي؟ ته هن جي چهري تي دک، ڇانئجي ويو ۽ درد سان چيائين ته "هي ويچارا ٻار بدنصيب آهن. سندن ماءُ گذاري ويئي آهي. چڱو ٿئي ها جيڪڏهن مان گذاري وڃان ها جو اُن حالت ۾ سندن ماءُ جيڪڏهن ٻي شادي

مان ڪڏهن به سڪ پريم ڏيکارڻ کان نه هٽڪندس

هڪ ملازم جي رنگروٽ کي نوڪريءَ کان جواب مليو. جيتوڻيڪ هو بيروزگار هو تڏهن به ڏاڍو خوش رهندو هو. هڪ واقف ڪار پڇيس ته هن جو بيروزگار رهڻ سندس زال ڪيئن ٿي برداشت ڪري ۽ اهڙي پيار ۽ سڪ سان شيوا ڪيئن ٿي ڪري ته هن مشڪي جواب ڏنو "مان سندس ڪوجهي پٽ کي چمي ڏيئي پيار ڪندو آهيان ۽ هيءَ مون کي پيار سان کارائيندي آهي." هڪڙي ليکڪ راءِ ڏيندي لکيو ته ماءُ ۾ اها ڪمزوري آهي جو هوءَ هميشه اهو چاهيندي آهي ته ٻيا سڀ پر خاص ڪري مڙس ٻارن کي اهڙو پيار ڪري جيترو پاڻ ڪين ڪري ٿي. هو ملازم وارو سياڻو هو ۽ هن ٻارن کي پيار ڪري پنهنجي زال کي وس ڪيو هو.

هڪ ۵۰ سالن جو رنڊو هو. پيسي وارو هو ۽ هن ورِي شادي ڪرڻ چاهي. هن پنهنجي هڪ مائٽ دواران هڪ ۳۰ سالن جي ودوا کي مائٽيءَ لاءِ چوايو. هي آزمودگار ماڻهو هو. هن دل پرچائيندڙ نموني مائٽي چوائي. ودوا کي هڪ ڌيءَ هئي. هنجي مرضي هنکي پاڙهڻ جي هئي پر ڪنهن ڪو به ذريعو ڪين هو. وچاري اُن عورت کي آئينده جي تصوير ڏاڍي چڱي نموني ڪيئن ڏيکاري ۽ چيو ته سندس ڌيءَ جو آئينده نهايت اونداهو آهي. پر جيڪڏهن هوءَ هن شاهوڪار سان شادي ڪندي ته سندس ڌيءَ جو آئينده ٺهي پوندو. هوءَ پڙهندي به ۽ سندس شادي به چڱي گهر ۾ ٿيندي. ڌيءَ جو ويچار ڪندي هن شادي ڪرڻ قبول ڪئي. هن شادي ڪئي. جيتوڻيڪ اُن وقت ودوا وواه جو رواج ڪين هو.

ڪئو هو. هيءَ هڪ اَساڌارڻ ڳالهه هئي. ٻيءَ زال کي مرد ڏاڍو پيار ڪندو هو. هن جي خيال موجب هوءَ ٻه ٻارن کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي. پر ٻار اهو وساري نه سگهيا ته هن جي سڳيءَ ماءُ کي گهر مان ڪڍائڻ لاءِ اها ماٽيلي ماءُ جوابدار هئي. ان ڪري هُو ڪڏهن بہ اُن کي پيار نہ ڪندا هئا. ٻارن جي هن روش، شانت وايو منڊل ۾ بہ اَشانتي پيدا ڪري ڇڏي. هُو ڪڏهن بہ اُن ڳالهه تي اَعتبار ڪري ڪين سگهيا تہ جيڪا ماٽيلي ماءُ سندن سڳي ماءُ کي تڪاري ٿي سا ڪڏهن بہ کين پيار ڪري سگهندي. هندستان ۾ ڪيترن ماٽيلين مائرن ڪيئي گهر برباد ڪري ڇڏيا آهن.

هڪ اَمير ماڻهوءَ جي زال گذاري وئي. هن زال مان کيس هڪ سهڻو پٽ هو جنهنکي هُو ڏاڍو پيار ڪندو هو. ١٥ سال تہ هن شادي ڪين ڪئي پر بدقسمتيءَ سان هُو هڪ سندر استريءَ جي پيار ۾ ڦاسي ويو. ٻئي هڪ ٻئي کي پيار ڪندا هئا. پر جڏهن هن استريءَ هنکي شادي ڪرڻ لاءِ چيو تہ هن مرد کيس ٻڌايو تہ "پهرين زال مان مون کي هڪ پٽ آهي، جنهن کي مان ساهہ کان بہ وڌيڪ پيار ڪندو آهيان. ڇا تون بہ منهنجي اُن پٽ کي اَهڙيءَ طرح پيار ڪري سگهندينءَ جيترو مان ڪندو آهيان؟" هن استريءَ جواب ڏنو "مان تنهنجي ٻار کي ڪيئن گهٽ گهرنديس. هي تنهنجو پٽ آهي اُن لاءِ پيار جو حقدار آهي." مرد چيو "مون کي خبر آهي. توکي راضي ڪرڻ لاءِ بہ مان هنکي گهٽ گهري نہ سگهندس. هي پٽ منهنجي اَکين جو تارو آهي؛ هن خاطر تہ مان توکي بہ ڇڏي ڏيندس." هن استريءَ جواب ڏنو "قبول آهي." هنن شادي ڪئي. وقت گذرندو ويو. وقت پئي هن استريءَ کي پنهنجا بہ ٻار ٿيا. هن پنهنجي ٻارن جي نوڪريءَ ۾ وڏي ماٽيلي پٽ کي لڳائي

ڪري ها ته ٻه ھنن ٻارن جي نه پوري سنڀال ڪري سگھي ها. ٻيو ھيئنر جيڪڏھن مان ٻي شادي ڪندس ته ھي ٻار اناٿن واري جيون رھندا. ماٽيلي ماءُ ھنن جي پوري سنڀال نه ڪندي، لڪي مان ئي سندن پوري حفاظت ڪري سگھندس.“ ماءُ جو پيار ٻارن جي لاءِ ٻيءَ جي پيار کان ٻه وڌيڪ گھرو آھي.

اسانجي ساھتيہ ۾ ڪيترائي مثال آھن جن ۾ ماٽيلي ماءُ پنھنجي ماٽيلن ٻارن سان بيجاءِ ھلت ڪئي آھي. رامائڻ ۾ ئي ڏسبو ته رام کي بنواس جو ڏک به ماٽيلي ماءُ جي ڪارڻ ئي سھڻو پيو ھو.

روزمره جي جيون ۾ به ڏسبو ته پيءُ جيڪڏھن ٻي يا ٽين شادي ڪري ٿو ته ھو ٻارن کي ماٽيلي ماءُ جي چالاڪيءَ ۽ انجي ظلم کان بچائي ڪين ٿو سگھي. اھو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ماٽيليون مائر ماٽيلين ڌيئرن کي اڻ لائق ڇوڪرن سان شادي ڪرائي ڇڏين ٿيون ڇو ته ھو انھن لاءِ واجبي ڏاجو ڏيڻ لاءِ به تيار نه ٿينديون آھن يا چڱن ڇوڪرن سان پنھنجين سڳين ڌيئرن جي شادي ڪرائي ڇڏين ٿيون. ڪي ماٽيليون مائر ته پنھنجي ماٽيلن ڌيئرن کي تعليم کان به محروم رکنديون آھن ۽ نوڪرياڻين وانگر ڪم وٺنديون آھن. ماٽيليون مائر ته ماٽيلن ٻارن جي تقدير جو دروازو ئي عام طور بند ڪيو ڇڏين. ھو ان [illegible] کان اھڙو تنگ ٿيو پون جو گھر ڇڏي وڃڻ ۾ ئي سک سمجھن ٿا. ماٽيليون مائر پنھنجي اھڙي ھلت ڪارڻ نه فقط ماٽيلن ٻارن جو ٻالڪ پڻو سک به ناس ڪيو ڇڏين. ھو نه خود سکي رھن لڪي ٻين ٻالڪن کي ئي سکي رھڻ ڏين.

ھڪ ماڻھوءَ پنھنجي پھرين زال جيئري ھوندي به ٻي شادي ڪئي. پھرين زال کي ٻه ٻار ھئا ۽ ٻيءَ کي ڪو به ٻار

مان ڪڏهن به ڪٺيون عادتون نه پرائيندس

هڪ ڪرسچن مڊل سڪول جي ليڊي سپرنٽينڊنٽ ٻارن جي چرتر جو به ڌيان ۽ ويچار رکندي هئي. هن ڇهن ماهن ٻيءَ ۽ وڏن جي جيون بابت ڪئي دکدائڪ ڳالهيون ٻڌايون. هوءَ هڪ ڏينهن پنهنجو ڪلاس وٺي رهي هئي ۽ ٻارن کي سمجهائي رهي هئي ته گاريون نه ڏين. هڪ ٻار اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو ته منهنجو ڏاڏو ڏاڍيون گاريون ڏيندو آهي. هيءَ نيڪ عورت اُن ٻار جي گهر وئي ۽ اُن جي مائٽن کي اهو ٻڌائائين ته مائٽن کي ڪڏهن به ٻارن اڳيان گاريون نه ڏيڻ گهرجن. بلڪ هنن کي ته ٻارن لاءِ آدرشي مثال پيش ڪرڻ گهرجن جو ٻار به اهي ئي اپڻي سگهندا.

هڪ ٻئي ڌرم پرچارڪ به دک سان ٻڌايو ته مائٽ ٻارن جي اخلاق تي ڪهڙو نه برو اثر وجهي سندن لاءِ زندگي زهر ڪيو ڇڏين. هڪ ڪاليج ۾ پڙهندڙ وديارٿي هميشه ڪوڙا بهانا ڪري موڪل وٺندو هو ۽ ڪم نه ڪرڻ لاءِ ڪوڙا عذر پيش ڪندو هو. ڪيس ساري ڪاليج ۾ پهرئين نمبر جو ڪوڙو سمجهيو ويندو هو. هڪ ڏينهن اهو ڌرم پرچارڪ ڪيس پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويو ۽ هن لاءِ پرارٿنا ڪيائين ته هو سوچي سمجهي هلي، سندس رهڻي بدلجي ۽ هو هڪ وشواس لائق جوان ٿئي! هن ڇوڪر فقط لاچاريءَ سان جواب ڏنو ته ”هي ڌرمشت، منهنجو پيءُ ته ڪيترا ٺڳيءَ جا ڪم ڪندو آهي ۽ مان سمجهندو آهيان ته دنيا ۾ جيون واسطي ڪوڙ ڳالهائڻ ئي نيڪ آهي.“ هن ڌرم پرچارڪ کي ڏاڍو دک پهتو. مائٽ جڏهن ڏسن ٿا ته سندن ٻار اخلاق کان ڪري پيا آهن، بي ايماني ۽ بدمعاشيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي ويا آهن

چڙهيو ۽ هن کان گهر ۾ به ڪافي ڪم وٺڻ لڳي. هڪ ڏينهن اهو مانيلو پٽ روئندو پيءُ وٽ آيو، جنهن ڀاڪر پائي ڏاڏس روئڻ جو ڪارڻ پڇيو. هن سڏڪا ڀريندي نماڻائيءَ سان چيو "بابا مون کي ناناڻي وڃڻ جي موڪل ڏيو. هيءَ منهنجي لاءِ پنهنجي گهر ۾ پيار ڪونهي. اما مون سان نهايت سختي ۽ ظلم ٿي ڪري. جڏهن توهان مون کي ناناڻي نه موڪليندا ته مان ڀڄي ويندس." پيءُ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هو ڪجهه ڏينهن لاءِ پٽ کي ناناڻي وٺي ويو ۽ پوءِ زال سان به ڪاڙي ڳالهه ڪيائين. آخر اُن فيصلي تي پهتا ته هو الڳ الڳ گهرن ۾ رهندا. هو پنهنجي هڪ ودوا ڀيڻ کي وٺي آيو ۽ پٽ کي اُن سان گڏ رهايائين. ۽ پيءُ زال جي الڳ رهڻ جو انتظام ڪيو. پر هي سرشتو به چڱيءَ طرح نه هليو. پيءُ ڪڏهن زال سان نه ڪڏهن ڀيڻ سان گڏ رهندو هو، پر گهر جو سک شانتي پر ڪري اڏامي ويئي. پٽ وڏو ٿيو ۽ ڪافي لاچار وارو ماڻهو ٿيو. هن شادي ڪئي ۽ پيءُ به گهڻو ڪري وٽس ٿي رهندو هو.

پيش ڪيا آهن. اهو سوال ڪهڙو وڏو آهي ته ڇا ٻارن جي
خاطر ماءُ پيءُ پنهنجي مرضي جي زندگي ڇڏي ڏين ڇا؟ ڇا
ماءُ پيءُ کي عيش جي زندگي رهڻ جي ڪا آزادي ڪانهي؟
پوري آزادي ڪنهن کي به ملي نٿي سگهي. جو ماڻهو شادي
ڪيل آهي اُن کي پنهنجي زال ڏانهن به وفادار رهڻو آهي ۽
پنهنجي آزادگيءَ، ڪام واسنا، چال چلن، اليت وهنوار تي
به ضابطو رکڻو آهي. جنهن ماڻهوءَ کي ٻار آهن ته اُن جو اهو
فرض آهي ته هو ٻارن جي جيوَن به سنواري. ٻارن کي اخلاقي
واهُ معتدل ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ ڪين نيڪيءَ جي راهه تي هلڻو
پوندو جيئن اوچ جيوَن رهڻ جي لاءِ ٻارن ۾ اُلساهه پيدا ٿئي.
ماءُ پيءُ کي اهو ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي ته هنن جون ٻارن
ڏانهن ڪافي جوابداريون ۽ فرض آهن. هرهڪ کي نيڪ ٿي
رهڻو پوندو ڇاڪاڻ جو اسين سماجڪ پراڻي آهيون ۽ سماج
جو انگ هئڻ جي ناتي اسان جو اخلاقي فرض آهي ته سماج
جو چرتر اوچو ڪريون. اسين قدرت ۾ رهندي قدرت جي
اٽل نيمن کي نظر انداز ڪري نه سگهنداسون. جيئن ته اسان
جي من ۾ جيڪي اچي سو ڪائي نٿا سگهون. زهر کائي اَمرت
جو لاڀ حاصل ڪري نه سگهبو. نڪي پاڻيءَ جي بدران
شراب پي ڏک کان بچي سگهبو. جتي ڪوئلن جي گئس آهي
اُتي اسين ساهه کڻندا رهون ۽ چئون ته تندرست رهنداسون
اهو ناممڪن آهي. اسين سماجڪ نيتي نيم ٽوڙي سماج جي
سزا کان بچي نٿا سگهون. جيئن ته اسين به هن پرڪرتيءَ جو
انگ آهيون ان ڪري پرڪرتيءَ جي نيمن جو اوس پالن
ڪرڻو پوندو، جيئن اسين تندرست به رهي سگهون ۽ هن
شرير خواهه آتما کي به نروگي رکي سگهون. اسين سچريترتا جي
نيمن تي هلڻ لاءِ ته آزاد آهيون پر بداخلاقي جي رستي تي
هلڻ لاءِ اسان کي ڪابه اجازت نه آهي.

تڏهن سندن اکين مان ڳوڙها ڳڙيو پون پر اهو ڪين ٿا سوچين ته سندن اهڙي جيون لاءِ پاڻ ئي جوابدار آهن.

هڪ مختيارڪار هو. هن کي سڀ چوندا هئا ته هو ڏاڍو هوشيار آهي. هن جا آفيسر به هن کان ڪيترن ئي ڳالهين ۾ صلاح وٺندا هئا. پر هو سخت رشوتخور هو. رشوت وٺندي ڪڏهن به پڪڙيو نه هو ۽ هو اُن ۾ نهايت فخر وٺندو هو. سندس پٽ به ڏاڍو چالاڪ ۽ چتر وڪيل هو. هو پيءُ جي هوشياري ڏسي اُن جي نقش قدم تي ئي هلندو هو. پيءُ جي حالت ڏسندي ته هيتري رشوت وٺندي به ڪنهن کي پڪڙي ڪين ٿي سگهيو، هنجو عدالت، انصاف خواه نيڪيءَ مان وشواس ئي نڪري ويو. آخر ڪنهن مقدمي ۾ پيءُ رشوت وٺندي پڪڙجي پيو ۽ سزاياب ٿيو. پٽ به ڪنهن ڪم جي ڪارڻ ڦاسي ويو. سندس وڪالت جي سند کسي ڇڏيائون ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ جي ليسن کان به محروم ڪيائونس.

جڏهن ماءُ پيءُ ڪڏا ڪم ٿا ڪن تڏهن اُنهن کي اهو پتو نٿو پوي ته هو ڪيتري قدر ٻارن جي ستيا ناس ٿا ڪن.

هڪ چڱو شاهوڪار زميندار پنهنجي سلڇڻي عورت ۽ ٻارن هوندي به هڪ نازنين جي چڪر ۾ اچي ويو. پر هن هڪ ڳالهه ڪئي جو هن پنهنجي سريت لاءِ هڪ الڳ گهر رکيو ۽ ٻارن لاءِ الڳ. ڪيترا سال ته اِئين ئي ٻه گهر هلائيندو رهيو. سندس ڌيٽرن مان هڪ پيءُ جي پيرن تي هلڻ چاهيو ۽ ساري ڪٽنب جي ستيا ناس ڪري ننگ ناموس ٻوڙي ڇڏيائين. پيءُ اهو خيال نه ڪيو ته هو ٻارن جي اڳيان اهڙو مثال رکڻ سان پنهنجي گهر جي عزت خواه ٻارن جي ستيا ناس ٿو ڪري. ڪيترن اهڙيءَ طرح پنهنجي خاندان جي تباهي آندي آهي جو هنن پنهنجي ٻارن لاءِ گهاتڪ ۽ ڪڌن ڪرتوتن جا مثال

هُو گهر ۾ ناچ گانا ڪرائي ٻين زالن جي خواهه وڏن ڇوڪرين جي زيور ۽ اُنهن سان گهڻا ٻولندا هئا؟ هميشه جڏهن مان سندن گهر ڇڏي آئي آهيان ته ڪين عزت ٿي ياد پوي!"

اُن ماڻهوءَ ٻڌايو ته اِها ڇوڪري وري گهر ۾ نه آئي. هوءَ اُهيءَ شهر ۾ واشاليه ۾ اُن ڳانئي وارين سان رهندي هئي. سچ آهي ته هن واقع بعد اُن گهر ۾ ناچ گانا بند ٿي ويا ۽ هن جيڪر پنهنجي زالن ۽ ٻارن اڳيان اُري جيون جو مثال پيش ڪيو هو تڏهن لاءِ ڪين اُن جو عيوضو ڳرو ڏٺو پيو.

ڪجهه وقت بعد شاهوڪار جي دل ٽٽي پيئي اُن ڪالپوءِ هن خاندان جو نالو ٿي ٻڏي ويو.

مان سمجهان ٿو ته اهڙا ٻه ڪي گڻ آهن جي هر هڪ ماڻهوءَ ۾ ضرور هئڻ گهرجن. اهي گڻ آهن ايمانداري، سچائي، پوترتا ۽ وفاداري. اُنهن گڻن جو تياڳ ڪرڻ معنيٰ پنهنجي گهر جي خوشي، سک ۽ سنتوش سڀ جو تياڳ.

هڪ ڏينهن مان سير ڪري واپس اچي رهيو هوس ته رستي ۾ ڏٺم ته هڪ جاڻ سڃاڻ سائيڪل تي وڃي رهيو هو. منهنجي دوست، جو مون سان گڏ گهمڻ هلندو هو، جڏهن اُهو سڃاڻ اڳتي لنگهي ويو تڏهن چيو ته "هي ماڻهو جو هينئر لنگهي ويو سو اسان جي ڳوٺ جي ڀرسان رهندو آهي. هي ڏاڍو بدچلن آهي ۽ شهر جي اوجهه زالن کي ڏاڙڻ ۾ اُستاد آهي، ڪيترن ئي گهر ۾ جتي جوان ڌيئر يا نهر آهن اُنهن لاءِ ته جنسي مصيبت آهي. هن ڪيترن کي ڌاري ٻين هنڌ وٺي وڃي وڪڻي ڇڏيو، پر ڪيس اُن ڪم لاءِ ڏاڍي ڳري قيمت ڏيڻي پيئي. ڪيس فقط هڪ ڌيءُ هئي. هن جي ڌيءُ کي خبر هئي ته سندس پيءُ ڇا ڪندو آهي. هن ڪيس چيو هو ته جيڪي زالون گهر ڇڏي ڀڄي نڪري وڃي ٻين چڱن گهرن ۾ وڪامن ٿيون سي ڏاڍيون ڀاڳ واريون آهن.

هڪ دفعي مان فرانس جي ڪنهن شهر مان لنگهي رهيو هوس. اُتي جي گهٽين مان لنگهندي منهنجو سونهون (گائيڊ) اوچتو هڪ ڇڱي وڏي محل جهڙي جاءِ جي سامهون بيهي رهيو ۽ ٻڌائين ته هن عمديءَ جاءِ کي، جا اهڙي ستي جڳهه تي آهي، جاچي ڏسان. هن مون کي اُن بابت اهو ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته اها جاءِ ڪنهن وقت خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جو آستان هئي ۽ هاڻي ڪيئن نه برباد ٿي رهي هئي.

هن چيو "ڪيئي سال اڳ، هن جاءِ جو مالڪ هڪ عالي عهدي تي هو ۽ وٽس پيسو ۽ طاقت، عزت ۽ عهدو سڀڪجهه هو. هُو هڪ شاهوڪار سمجهيو ويندو هو ۽ سندس پٽ ته لکن جي ملڪيت جو وارث هو. هن پنهنجي جيون عيش آرام ۾ گذاري. هميشه راڳ ۽ ناچ جو شغل مچائيندو رهندو هو. گهر ۾ ٻه اُهي وئشائون وٽي ايندو هو ۽ اُتي سندن ناچ گانا ڪرائيندو هو. گهر ۾ سندس زال ۽ جوان ڌيئر به اهو ڏسنديون هيون ته، اُنهن وئشائن سان ڪيئن نه، گهر جا مرد گهرا ٻولندا هئا ۽ ڪين ڪيترا پئسا ڏيندا هئا. اهو سڀ ڏسي اُنهنجي من تي ڪهڙا اثر پيا.

هڪ دفعي ساري شهر ۾ سنسني ڦهلجي وئي جو هن شاهوڪار جي هڪ ڌيءُ گهر ڇڏي وئشائن ۾ وڃي ناچ گائي وارن سان گڏ رهي.

شهر جي ڪيترن ماڻهن ڪوشش ڪئي ته اها ڇوڪري اُتان ٻاهر اچي مائٽن جي عزت ۽ گهر جي عزت بچائي، پر ڇوڪريءَ نه مڃيو. هن اُنهن سڀني کي صاف جواب ڏنو "مان وري اُنهيءَ دوزخ جهڙي گهر ۾ نه وينديس جتي گهر جا مرد ته عيش آرام سان وئشائن سان دل لڳي ڪن پر پنهن جي زالن جي چال چلگت تي پهرو ڏيندا هجن. گهر جي مردن کي اوڏي مهل عزت جو خيال ڪين ٿي ٿيو جڏهن

ساتوڪ جيون ساهتيہ جا ڪجهہ ٻيا ڪتاب

١. اسان کي نيڪ ٿيڻ ڇو کپي- هن ڪتاب ۾ جيون جي سچين ۽ وندرائيندڙ ڪهاڻين دواران ڏيکاريو ويو آهي ته ٻين جي لاءِ خيال، سنمان، شڪرگذاري ۽ شردا اسانجي روزمره جي جيون لاءِ تمام ضروري آهن ۽ اهي زندگيءَ ۾ ميل ملاپ آڻين ٿا.

٢. نيڪ جيون جون برڪتون- هن ڪتاب ۾ دلچسپ ۽ سچين ڪهاڻين ذريعي ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن پر سڀاءُ ۽ پراپڪار روزمره جي زندگيءَ ۾ سک، شانتي، رس ۽ جس آڻين ٿا ۽ ڪيئن اهي ٻارن ۾ جاڳرت ٿي سگهن ٿا.

هي ڪتاب ٻالڪن جي زندگيءَ ۾ نئين دلچسپي ۽ نئون اُتساهه پيدا ڪري ٿو.

٣. نيڪ جيون جون راهون - هن ڪتاب ۾ انساني جيون ۾ آتم شڌي، اوچ چرتر ۽ جسي پاڪيزگيءَ جي سدگڻن کي پيدا ڪرڻ جا عمدا طريقا دلچسپ نمونن ۾ ٻڌايا ويا آهن. هن ڪتاب جا مضمون انسان ۾ پاڪيزگي ۽ اوچ چرتر لاءِ اُتساهه پيدا ڪرڻ ۾ نهايت ڪارگر آهن. اهي ٻالڪن کي زندگيءَ ۾ نئين درشٽي ۽ روزمره جي وهنوار ۾ نئين قسم جو اُمنگ پردان ڪن ٿا.

٤. سمجهه ۽ سخاوت جي دنيا- هن ڪتاب ۾ روزمره جي گهٽنائن دواران هيءُ ذهن نشين ڪرايو ويو آهي ته ڪيئن ڪجهي ڪن جي ڪمزوريءَ ڪري انسان پنهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ دک، مصيبت ۽ بربادي پيدا ڪري ٿو، ۽ ڪيئن سمجهه ۽ سخاوت جو سڀاءُ پنهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ مصيبتن کان بچائي ٿو. هن ڪتاب ۾ هيءُ به ڏيکاريو ويو آهي ته انسان جي سچي آزادي ڇا آهي ۽ اُنهيءَ کي ڪيئن حاصل ڪجي. ٻين جي لاءِ ديا ڀاوَ جي ضرورت هن ڪتاب جو نئون مضمون آهي.

هڪ ڏينهن جڏهن هي گهر آيو ته ڪيس خبر پيئي ته ڪو زالن کي ڏٽاريندڙ سندس ڌيءَ کي به ورغلائي ڀڄائي ويو هو. ڪيس ڏاڍي ڇوٽ پهتي. روئندي رڙندي هن پنچائت کي عرض ڪيو ته ڪيس ڌيءَ ڳولهي وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪن. پنچائت کي ڪافي زور هو ۽ هو اُن ڇوڪريءَ کي واپس آڻي سگهيا. پر هڪ پنچ ڪيس منهن لي وڃائي ڏنو ته ڪيس ڪيل ڪم جو بدلو ملڻو هئو.

جيڪي ماڻهو سندس پيءُ جهڙو ڪم ڪندا هئا، هوءَ اُنهن جي چنبي ۾ اچي وئي. ڪيس اها خاطري هئي ته جيڪڏهن هوءَ پيءُ جي گهران ڀڄي ويندي ته ڪنهن چڱي گهر ۾ وڃي رهندي.

اهڙيءَ طرح اهو ٺيڪ ٺيڪ چوڻ مشڪل آهي ته ڪيترن ماڻهن پنهنجي ڪيل ڪڌن ڪرتوتن جو ڦل پنهنجي ٻارن ڏوارن پاتو آهي. منهنجو ته اهو لهچو آهي ته هر هڪ ماڻهوءَ کي ٻارن ڄڻڻ کانپوءِ نيڪ ٿيڻ جو ته هر ڪو سبب آهي پر ٻري ٿيڻ لاءِ ڪوبه ڪارڻ واجبي نه آهي.

BY THE SAME AUTHOR

1.	*Why To Be Good?*	8.00
2.	*Blessings of Good Life*	8.00
3.	*Some Insights into Human Ideal*	8.00
4.	*Understanding & Charity*	8.00
5.	*The Pitfalls of Vanity*	8.00
6.	*Selfishness & Hatred are Enemies of Man*	8.00
7.	*Love, Peace & Success*	8.00
8.	*Nature of Good*	8.00
9.	*Nature of Right*	8.00
10.	*Nature of Knowledge*	8.00
11.	*Nature of Faith*	8.00
	The above eleven books are printed in one volume entitled	
12.	*Altruism*	200.00
13.	*Mental Equipment for Married Life*	10.00
14.	*Dev Atma*	50.00
15.	*My Bhagwan—What I Saw of Him (Hard bound)*	25.00
16.	*Life & Teachings of Bhagwan Devatma*	2.00
17.	*A Short Catechism on the Life & Teachings of Bhagwan Devatma*	2.00
18.	*In Thy Light*	3.00
19.	*My Story*	15.00
20.	*What Worked Those Miracles?*	4.00
21.	*Fundamentals of Moral & Spiritual Life*	3.00
22.	*Dev Dharma in the Service of Man*	4.00

٥. پريم شانتي ۽ سڦلتا جي پراپتي- انسان کي جيون ۾ پريم ۽ شانتي کپي ۽ پنهنجي ڪم ۾ (نوڪري هجي چاهي واپار) سڦلتا کپي. اهي ٽيئي اُملهه جيون لاڀ ڪيئن ملن، اُنهن جا طريقا دلچسپ زندگيءَ جي آکاڻين جي روپ ۾ ٻڌايا ويا آهن. جيون ۾ نراس ٿيل ۽ ڪم ۾ ناڪامياب ٿيل ماڻهن لاءِ هن ڪتاب ۾ اُتساهه ڀريل آهي. هيءُ ڪتاب جيون لاءِ خاص خزانو آهي.

٦. خود غرضي ۽ نفرت اسانجون دشمن ڇو آهن- ساڌارڻ انسان هيءُ سمجهي ٿو ته خود غرضي اُنهيءَ لاءِ لاڀ جو ساڌن آهي. هن ڪتاب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن نه خود غرضي خود غرض انسان جو به نقصان ڪري ٿي. نيچ نفرت اسانکي ٻين جو برو چاهڻ يا ڪرڻ لئي مجبور ٿي ڪري ۽ اُنهيءَ ڪري اسانجو ٻين سان ميلاپ نٿو ٿئي. هن ليکن ۾ آتمڪ جوتي ۽ نيم آهن جن کي پڙهي پاٺڪ خود پنهنجي خود غرضيءَ ۽ نيچ گهرڻا لاءِ نفرت ڪندو ۽ اُنهن دشمن کان موڪش پائيندو.

ساڌوڪ جيون ساهتيه جا باقي ڪتاب

ساڌوڪ جيون ساهتيه جا ٻيا ٻه ڪتاب انگريزيءَ ۾ هيٺين وشين تي آهن، جيڪي اڃا تائين سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ ڇپائي ڪونه ٿي سگهيا آهن. جيڪڏهن ڪو داني سڄڻ سنڌي جاتيءَ جي اخلاقي سيوا جي هن ڪارڻ ۾ مالي مدد ڪري ته هي پراپڪار جو ڪم جلد پورو ٿي سگهي ٿو:-

٧. گهمنڊ جون ڪاهيون
٨. نيڪي ڇا آهي؟
٩. نيڪ ۽ غلط جي پرک
١٠. سچي گيان جي پراپتي
١١. وشواس جي دنيا

23. *Revolution in Religion.* 4.00
24. *The Sixteen Noble Truths of Dev Dharma* . . . 4.00
25. *Moral & Spiritual Order in the Universe* . . 4.00
26. *My Talks with Theists* 3.00
27. *A Life Sketch of God* 15.00
28. *Spiritual Heritage of Dev Dharma* 3.00
29. *Peace of Mind & Higher Life* 3.00
30. *Personal Reminiscences of Bhai Mohan Dev Ji* . 2.00
31. *Why do I Worship My Bhagwan* 4.00
32. *When We Live Untruthful & Evil Life* 3.00
33. *A Panorama of Good Life* 3.00

हिन्दी

1.	सेवक माला	5.00
2.	सात्विकता	3.00
3.	हमें नेक क्यों बनना चाहिए?	8.00
4.	नेक जीवन की बरकतें	8.00
5.	नेक जीवन की राहें	8.00
6.	समझ और स्वतन्त्रता की दुनिया	8.00
7.	घमण्ड की खाईयाँ	8.00
8.	स्वार्थ और घृणा हमारे शत्रु क्यों हैं?	8.00
9.	प्रेम, शान्ती और सफलता की प्राप्ति	8.00
10.	उच्च जीवन का अर्थ और प्राप्ति	8.00
11.	ठीक और गलत की परख	8.00
12.	सत्य और मिथ्या की परख	8.00
13.	विश्वास की परख	8.00

سکي ۽ سارٿڪ وواهت جيوَن تي اخبارن جا رايا

هندستان، بمبئي - هن وقت جڏهن سڄي ڀارت سماج ۽ خاص ڪري اساڻي سنڌي پڙهيل ڳڙهيل سماج جي وواهت جيوَن هڪ الڳي ٻلي جي رالد تي پهتي آهي .... اهڙي وقت هي اموالڪ پستڪ سنڌيءَ ۾ شايع ڪري موڳا جي ڏهو سماج هڪ طرف سنڌي سماج جي وڏي شيوا ڪئي آهي ۽ ٻئي طرف سنڌي ڪيتر ۾ پڻ هڪ دُرلڀ پستڪ ڏنو آهي...... هن پستڪ جي وڏي خوبي اها آهي جو منهن سکيا خشڪ اُپديش جي صورت ۾ نه پر سپڪ ۽ سرل نموني ۾ ڏني وئي آهي. اهڙو سندر پستڪ هر هڪ سنڌي گهر، هر هڪ سنڌي سنسٿا ۽ لئبرريءَ ۾ هجڻ ضروري آهي.

ڌرتي ماتا، آديپور (گانڌي ڌام) - وواهت جيوَن ڪيئن سکي سڦل بڻائي سگهجي ان بابت ليکڪ هن ڪتاب ۾ مثالن سان سٺيون سمجهاڻيون ڏنيون آهن....... اڄوڪي زماني ۾ جڏهن ڪٽنبن ۾ ولجوڻ وڌي ويو آهي ۽ گهر ڦٽندا پيا وڃن، تڏهن هي ڪتاب گهڻن کي سنئين راهه ڏيکاريندو. هر ڪنهن گهر ۾ هي ڪتاب هجڻ گهرجي.

سنڌو ڌارا، بمبئي - هي ڪتاب انهن ڇپجي نه ودوان ليکڪ جي شخصي آزمودن جي وکياڪ ڇهڪي ٻڌل مجموعو آهي، جنهن ۾ هن صاحب انيڪ حقيقي مثال ڏنا آهن ۽ پيچيدا مسئلا پيش ڪري، انهيءَ اوک ڊوک ڪري انهن جا ڪڙ حل ڏسيا آهن.

سنڌو لوڪ، وارانسي - اڄ جڏهن جڙواد جي لهر ۾ انسان ڪام واسنا ۽ ڀوڳ ولاس کي جيوَن جو انتم لڪش سمجهي جيوَن ٻتائي رهيو آهي تڏهن هيڙا ڪتاب جيوَن جون سچيون ڳهتائون ٻڌائي غلط راهه تي هلڻ کان بچائين ٿا ۽ سکي جيوَن جو مارگ درشن ڪرائين ٿا. ڪتاب جي ٻيهڪ، ڇپائي ۽ ٻيو تمام سٺو آهي.

روزاني هندو، اجمير - هي ڪتاب هر سنڌي ڪٽنب جي هر شخص کي پڙهڻ گهرجي. انهن ڪٽنبن لاءِ ته هي ڪتاب هڪ ڊاڪٽري نسخي جيان آهي، جنهن جي گهر ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين تي زال مڙس وچ ۾ ڪلڪل رهي ٿي.

ساتوڪ جيون ساهتيه تي اخبارن جي راءِ

امرت بزار پتريڪا، ڪلڪتو-

انهيءَ چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونهي ته هي نصيحت آميز سبق جهڙا ليکڪيءَ طرف مائل آهن اهڙائي آنند ڏيندڙ آهن. هر هڪ سکيا، جيون جي آزمودي مان ڏنل آهي، جنهن هيڪاري انهن کي پُر اثر ڪيو آهي. دل ۾ ائين ٿي چوي ته هن ڪتاب جا باقي حصا به جلد ڇپجي نروار ٿين.

ليڊر، الله آباد-

"ساتوڪ جيون" ۾ جيڪي اخلاقي هدايتون ڏنل آهن، سي ڪنهن به جاتيءَ جي پيدا ٿيل وليءَ تنگدليءَ کان پري آهن. اسين سچيءَ دل سان هر هڪ کي هن ڪتاب مان لاڀ پرائڻ لاءِ پرارٿنا ڪريون ٿا.

بمبئي ڪرانيڪل، بمبئي-

"ساتوڪ جيون" جا اُپديش ڏيکارين ٿا ته ليکڪ ٻارن جي من جو چڱو ابياس ڪيو آهي ۽ هي ٻارن ۾ چڱن لڇڻن پيدا ڪرڻ ۾ ڏاڍا ڪارگر ثابت ٿيندا. سداچار پيدا ڪرڻ لاءِ هيءَ سندر پستڪ اسنديهه هر ٻار کي هٿ ۾ هئڻ گهرجي. ماءُ پيءُ ۽ ماسترن لاءِ به نهايت ئي ڪارگر ثابت ٿيندو.

دي گارڊين، مدراس-

"ساتوڪ جيون" جا سبق نهايت پر اثر، حقيقي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهن، جن ۾ به ڪنهن به مذهبي سڌانت جو ورڻن نه آهي پر منش جي روزمره جي جيون ۾ جيڪا به چڱائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي تنهن جو کليو اظهار آهي. جئن ايسپ يا هيتو اُپديش جون ڏند ڪٿائون پسن جي ذريعي ڏنيون ويون آهن، اهڙي طرح هن ڪتاب جا نصيحت آميز سبق جيون جي روزمره جي تجربن تي آڌارت آهن. سندن اخلاقي سکيا جو اهڙو ئي گهرو اثر ٿئي ٿو جهڙو ڪنهن به سکيا جو ٿي سگهي ٿو.